
منهنجي مختصر آتم کهاڻي
شمس العلماءُ ڈاڪٽر عمر بن محمد داؤدپوٽہ

سنڌ سلامت ذات ڪام

منهنجي مختصر آتم ڪهاڻي

(نندپٽ ڪان بي اي تائين)

شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽا

زير هدايت ۽ اهتمام

محترمه خديجه بيگم دائودپوٽه

سنڌ جا سڄڻو سلام .....

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** متعارف ڪرائڻ جو جيڪو سلسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو **چوويهون** ڪتاب **منهنجي مختصر آتم کهاڻي** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب سنڌ جي نالياري عالم ۽ اديب **شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائوديپوٽا** جي يادگيرين ۽ آتم ڪٿا تي مشتمل آهي..

اسين ٿورائتا آهيون اسلاميہ سائنس ڪاليج سکر جي اسسٽنٽ پروفيسر محترم **عبدالجبار شيخ** صاحب جا، جنهن هي ڪتاب ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي.

اوهان سيني دوستن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين ، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.



محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
salamatsindh@gmail.com
www.sindhsalamat.com

"الولد سر لابيہ"

(پٽ پيءُ جو راز آهي)

مرحوم شمس العلماء عمر بن محمد دائود پوٽہ جي"مختصر آتم ڪهاڻي" سندن سيني کان ننديي فرزند ارجمند عزيزي ميان قمر الدين عيسيٰ دائود پوٽہ سلمه تعاليٰ جي نالي منسوب ڪئي وجي ٿي، هن تہ عزيزي موصوف ۾ آهي سموريون خوبيون، خصلتون، ذهانت ۽ ذڪاوت ڏني وجي ٿي، جا سندن والد بزرگوار ۾ هئي بقول سعدي رح

"بالائي سرش زهو شمندي
مي تافت ستاره بلندي"

شال ڏٺي وڏي حياتي ڏيس ۽ علم جي دولت سان مالامال ڪريس آمين يا رب العالمين!

اميد آهي تہ عزيزي سلمه وڏو ٿي پنهنجي والد بزرگوار وانگر قوم لاءِ فخر جو ڪارڻ بڻجندو ۽ والد بزرگوار جون سڪون لاهيندو.

فهرست

تمهيد
1. ننڍپڻ ۽ ابتدائي تعليم
2. "بازگشت" جي يادگيريون
3. لاڙڪاڻي مدرسي ڏانهن روانگي
4. لاڙڪاڻي مدرسي وارو زمانو
5. نوشهرو مدرسي واري زندگي
6. سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي ۽ واري زندگي
7. مئٽرڪ جي تياري ۽ امتحان
8. ڪاليجي تعليم وارو عرصو
9. ڪاليجي تعليم جو پيو سال
10. بي اي جا ٻه سال

پهريون ضميمو
مرحوم شمس العلماء دائود پوٽي جي زندگيءَ جون مختلف منزلون
پيو ضميمو
مرحوم شمس العلماء دائود پوٽي جون تصنيفون
ٽيون ضميمو
مرحوم شمس العلماء دائود پوٽي جي زندگيءَ تي ڪهڙين شخصيتن جو اثر پيو

تمهيد

اڄ کان ڏهه سال اڳ جڏهن "پاڪستان پبليڪيشن" فيبروري 1950ع ۾ رسالي "نئين زندگي" کي اطلاعاتي بليٽن کان بدلائي هڪ ادبي مخزن جو روپ ڏنو، تڏهن ان کي بهتر بنائڻ لاءِ اداري جي اڳين ڊائريڪٽر مسٽر عزيز احمد (حال اردو پروفيسر ۽ محقق اردو ادب لنڊن يونيورسٽي) سڀ کان اڳ مرحوم شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائوديپوٽي سان ڳالهه ٻولهه ڪئي. (تن ڏينهن ۾ ڊاڪٽر صاحب صوبي سنڌ ۾ تعليم کاتي جا ڊائريڪٽر هئا.) مرحوم شمس العلماء "پاڪستان پبليڪيشن" جي ڊائريڪٽر کي پورو يقين ڏياري ته هيءَ ادبي مخزن ضرور ڪاميابيءَ سان هلندي ۽ هو پاڻ به ان لاءِ مضمون لکندا ۽ خريدار پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڏيندا. مرحوم شمس العلماء دائود پوٽه پهرين پرچي لاءِ پنهنجو تحقيقي مقالو انسان ڪامل پٽائي جي نظر ۾ ڏنو ۽ راقم الحروف کي فرمايو ته " سياڻي ڏهين ٻجي منهنجي آفيس ۾ اڇجو ته رسالي کي زور وٺائڻ بابت کي تجويزون اوهان کي ٻڌائيندس ۽ ان جي خريدارن جي هڪ لسٽ پڻ ڏيندس." حڪم مطابق هيءُ بندو سندن آفيس ۾ حاضر ٿيو. پاڻ همٿائيندي چيائون ته "هن وقت سنڌي رسالن جي اٽاڪ آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪو رسالو شايع ڪرڻ ٿو ٿئي، تنهنڪري ڪمر ڪشي هن رسالي جي ڪم ۾ لڳي وجو ۽ مان هر وقت توهان جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.۽ "پاڪستان پبليڪيشن" جي ڊائريڪٽر مسٽر عزيز احمد کي توهان جي لاءِ پارت ڪندس. پر توهان کي محنت سان ڪم ڪرڻو پوندو ۽ رسالي کي پابنديءَ سان وقت تي شايع ڪرڻو پوندو." ان کانپوءِ فرمايائون ته "هيءُ منهنجو ذاتي چندو ونوءِ هي ٽن سون اسڪولن جي لسٽ آهي. انهن کي رسالو موڪليو ۽ بل ڊي پي آءِ جي آفيس ۾ پهچايو."

اهڙي نموني سان رسالي "نئين زندگي" جي شروعات ٿي. انهيءَ حقيقت کي آڏو رکندي، مرحوم شمس العلماء ڊاڪٽر دائوديپوٽي کي هن رسالي جو باني چوڻ بلڪل درست ٿيندو ۽ هي پڻ حقيقت آهي ته رسالي "نئين زندگي" جي ڪاميابيءَ جو سهرو مرحوم شمس العلماء جي سر آهي. سندن تاڪيدي حڪم هو ته "رسالي جي سلسلي ۾ ، جنهن وقت ضرورت پئيو ته مون سان بنا روڪ ٽوڪ جي ملندا رهو." انهيءَ ڪري هيءُ بندوسڀائين سندن آفيس ۾ ۽ سندن بنگلي تيرسالي جي سلسلي ۾ ملندورهيو. جڏهن پاڻ اولهه پاڪستان جي پبلڪ سروس ڪميشن جا ميمبر هئا ۽ ڪراچيءَ کان ٻاهر لاهور ۾ سندن قيام هو تڏهن اتان ضروري هدايتون خطن ذريعي موڪليندا رهندا هئا ۽ رسالي جي ترقي ۽ واڌاري تي ڏاڍاسرها ٿيندا هئا ۽ جڏهن کا پل چڪ

ٿيندي هئي ته پاڻ فرمائيندا هئا ته " گذشته راصلوات، آينده را احتياط"

رسالي نئين زندگيءَ سان انهيءَ دلي لڳاءُ سببان 1956ع ۾ پروفيسر لطف الله بدوي صاحب جي مشوري ۽ تحريڪ سان سندن خدمت ۾ هيءُ درخواست پيش ڪئي وئي ته" ڪهڙو نه چگو ٿئي جيڪڏهن اوهان پنهنجي زندگيءَ جا قيمتي تجربا قسط وار رسالي نئين زندگيءَ جي پڙهندڙن لاءِ لکو." پاڻ فرمايائون ته "ان بابت ڏينهن ۾ ڪانپوءِڪجهه سوچي پوءِ جواب ڏيندس." نيٺ ٽن ڏينهن جي اوسيئڙي کان پوءِ سندن خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ کين پنهنجي "آتم ڪهاڻي" لکڻ تي تيار ڏٺم ۽ هڪ هفتي ڪانپوءِ پهرين قسط ڏيڻ جو وعدو به ٿيو. جا هڪ هفتي ۾ ملي ويئي ۽ جنوري 1957ع جي پرچي ۾ اشاعت هيٺ اچي وئي.

انهيءَ سلسلي جي پهرين قسط ڇپجڻ کان پوءِ پڙهندڙن جو ايڏو چاهه وڌيو جو رسالي جا هڪ هزار خريدار وڌي ويا. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪيترائي تحسين ۽ تعريف جا خط آيا ۽ سنڌ جي جهونن جوڳين جو اهو تاڪيد ٿيندو رهيو ته اهو سڳو باقاعدگيءَ سان سرندو رهي، مرحوم شمس العلماء دائوپوٽه پٽائي ره جي رسالي جي زبردست مصروفيت جي باوجود هر مهيني جي آخري آڇر تي" آتم ڪهاڻي" جي قسط لکندا هئاءِ پنهنجي عديم الفرصتيءَ سببان وري نظر ثاني بيگم دائود پوٽه صاحبه ڪندیون هيون ۽ بيگم صاحبه طرفان ايندڙ قسط لاءِ کين تاڪيد ٿيندو رهندو هو.

مرحوم شمس العلماء دائودپوٽه جي "آتم ڪهاڻي" جي مسلسل قسطن ڇپجڻ ڪري رسالو نئين زندگي ڏينهون ڏينهن اشاعت ۾ وڌيندو ويو. انهن ڏينهن ۾ جندستان مان ڪيترن اديب دوستن جا تعريفي خط پهتا ۽ انهن اهي سمورا پرچا گهرايا، جن ۾ مرحوم دائودپوٽه جي "آتم ڪهاڻي" جون قسطون شايع ٿيون هيون.

مرحوم شمس العلماء جي "آتم ڪهاڻي" جي مقبوليت ڏسي هڪ شرارت پسند گروهه پهريائين ته ايڊيٽر نئين زندگي جي نالي گمنام خط لکڻ شروع ڪيا. انهن خط جو مضمون هڪ ئي هوندو هو ته دائودپوٽه جي آتم ڪهاڻي وارو مضمون هڪدم بند ڪيو. راقم الحروف انهن غلاظت جي پرزن ڏي ڪوبه ڌيان نه ڏنو، چوته اها شرارت ڪن آڳرين تي ڳڻڻ جيترن ادب جي مٺ گهرن پاران هئي. انهيءَ وچ ۾ مرحوم شمس العلماء انهيءَ بيهودگيءَ کان ڄاڻي واڻي ناواقف رکيو ويو ته جيئن پاڻ آتم ڪهاڻيءَ جون قسطون لکندا رهن.

195ع جي شروعات ۾ انهيءَ شرارت پسند گروهه ان وقت پنهنجن بيهودگين جو نشان مرحوم شمس العلماء دائودپوٽه کي بنايو، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو مرحوم ڪم جي ڪثرت ۽ ناسازيءَ طبع جو عذر ڪري پنهنجي آتم ڪهاڻي لکڻ بند ڪري ڪڏي هيل تائين مرحوم يارهن قسطون لکي چڪا هئا چار پنج مهينا گذري ويا جن ۾ مرحوم ڪجهه به نه لکيو، رسالي نيئن زندگي جي پڙهندڙن جا خط اچڻ لڳا ته شمس العلماء جي آتم ڪهاڻيءَ جون قسطون

چو بند ڪيون اٿو ڪيترا پيرا ڪين التجائون ڪيون ويون ۽ ڪين خط ڏيکاريا وياتہ سائين توهان سنڌي ادب لاءِ چگو نہ ڪري رهيا آهيو، چو تہ توهان پنهنجي سر گذشت بند ڪري ڇڏي آهي. پاڻ فرمائيندا هئا تہ وقت اچڻ تي ان کي پورو ڪيو ويندو. هينئر تہ پٽائي رح جي رسالي جو ڪم گهٽو آهي ۽ ان کي مڪمل ڪرڻ ضروري آهي.

رسالي نئين زندگي جي پڙهندڙن جي مسلسل اسرار تي وري سندن خدمت ۾ عرض ڪيو ويو ۽ ڪين پراڻو وعدو ياد ڏياريو ويو تہ جيئن توهان فرمايو هو تہ رسالي نئين زندگي جي هر طرح مدد ڪندا رهندو. هينئر مهرباني ڪري پنهنجي سرگذشت وارو سللو وري شروع ڪريو! (اهو واقعو شروع نومبر 1958ع جو آهي.) پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ جيتوڻيڪ سنڌ جي ڪن نوجوانن کي منهنجي آتم ڪهاڻي پسند نہ آهي، تڏهن بہ آئون توهان جي چوڻ تي ٻيهر لکڻ شروع ڪندس. ڊسمبر 1958ع جي پرچي لاءِ ٻارهين قسط ڏيندس. ليڪن اسان عقيدتمند انهيءَ خيال ۾ خوش هئاسين تہ وري علم و ادب ۽ روحانيت جو دريا پلٽ ڪندو ۽ جڏهن هيءُ ڪتاب پورو ٿيندو تہ منجهس هڪ پاسي علم و ادب جا املهہ ماڻڪ هوندا تہ ٻي پاسي هڪ اهڙي شخصيت جي زندگيءَ جا تجربا هوندا، جنهن جي خودياوريءَ ڪان ڪم ونڻي علم و ادب جي آسمان تي هڪ آفتاب ٻڏجي چمڪيو ۽ جنهن جي روشني وطن عزيز جي تاريڪ ڪنڊ ڪڙڇ کي روشن ڪيو آهي پر بقول شاعر

مادرچہ خيالم، فلک درچہ خيال

22 نومبر 1958ع جو ڏينهن ڪيڏو نہ دردناڪ هو، جڏهن هيءَ سگوري شخصيت پنهنجي عقيدتمندن، شاگردن، مداحن، اهل و عيال ۽ عزيزن کي دائمي جدائيءَ جو داغ ڏيئي رب ڏانهن راهي ٿي وئي.شال رب جون رحمتون مٿس سايہ افگن هجن.

مرحوم دائوديوٽي جهڙيون شخصيتون هر روز پيدا نہ ٿيندیون آهن، جيڪڏهن پيدا ٿيندیون بہ آڇهن تہ زنده قومن ۾، اسان جهڙي ڪاهل ۽ بيحس قوم ۾ نہ معلوم مولا ڪيئن مهر ڪري هڪ غريب گهراڻي مان اهو انسان پيدا ڪيو، جنهن جي علمي ۽ ادبي ڪارنامن جي روشني مهراڻ جي ماڻريءَ کي سدائين روشن رکندي ۽ جنهن جي چگن لڇڻ جي سڱڌ وطن عزيز جي ڪنڊ ڪڙڇ کي سرهاڻ بخشيندي رهندي.

هن عظيم شخصيت جا ادبي شه پارا، علمي تحقيقون ۽ زندگيءَ جا سبق آموز تجربا ايندڙ نسل لاءِ مشعل راهہ جو ڪم ڏيندا. مرحوم شمس العلماء جي پهرين ورسيتي سندن آتم ڪهاڻي سندن قائم ڪيل سنڌي ادبي سوسائٽيءَپاران سندن ياد قائم رکڻ لاءِ شايع ڪئي وڃي ٿي. مرحوم جي آتم ڪهاڻي رسالي نئين زندگي جي صفحن ۾ ٽڙيل پکڙيل هئي، جنهن کي يڪجا ڪري شايع ڪيو وڃي ٿو تہ جيئن ايندڙ نسل سندن زندگي جي تجربن مان ڪجهہ فائدو پرائين. هوئن تہ سندن شاگرد رشيد محترم پرنسپال ڊاڪٽر عارف شاهہ گيلاني "عمده" نالي سان سندن

هڪ تذکرو تيار ڪري رهيو آهي، جو اميد آهي ته جلد شايع ٿيندو. تنهن کانسواءِ سندن ٻہ عقيدتمند يعني محترم رحيمداد خان مولائي شيدائيءِ محترم وروفيسر لطف الله بدوي سندن مفصل سوانح حيات تيار ڪري رهيا آهن، جا اميد آهي ته سال ڏيڍ جي عرصي ۾ شايع ٿي ويندي.

محترمہ بيگم دائودپوٽہ، پنهنجي نامور خاوند وانگر هڪ طرف علم جي دولت سان مالامال آهي ته ٻئي طرف قومي احساس ۽ وطن عزيز جي علمي آثارن کي محفوظ رکڻ ۾ ٻہ پيش پيش آهي. محترمہ بيگم دائودپوٽہ جي هدايتن هيٺ هيءُ ڪتاب شايع ٿي رهيو آهي. هيل تائين مرحوم شمس العلماء جي تربت ۽ مٿس لوح جو ڪم تڪميل تي پهچايو ويو آهي. هينئر مرحوم جي پهرين ورسي جي موقعي تي سڀ کان اڳ مرحوم جي خودنوشت سوانح عمري "مختصر آتم کهاڻي" بيگم صاحبہ ئي جي نگراني ۽ هدايتن هيٺ شايع ٿي رهي آهي. اهو ڪم پوري قوم جو هو جوهن قوم جي محسن يادگار قائم ڪرڻ لاءِ گهٽو ڪجهہ ڪري سگهي ها. يادگار قائم ڪرڻ لاءِ جيڪي ڪوششون ڪري رهي آهي سي پوري قوم لاءِ فرض ڪفايہ جي حيثيت رکن ٿيون.

محترمہ بيگم دائودپوٽہ جي سامهون مرحوم شمس العلماء جا سيئي ادبي آثار جهڙوڪ آتم کهاڻي، خط، مضامين ۽ مختلف ڪتاب جيڪي مسودن جي صورت ۾ آهن، تن کي طباعت جي زيور سان آراستہ ڪري قوم جي اڳيان پيش ڪرڻ جو پروگرام آهي ۽ انهيءَ جي سموري آمدني شمس العلماء جي برپا ڪيل سنڌي ادبي سوسائٽي ڪراچي جي فنڊ ۾ جمع ٿيندي. اها سوسائٽي جتي هڪ طرف پنهنجن مقصدن پٽاندڑ سنڌ جي قديم ادبي جواهر پارن جي حفاظت جو فرض سرانجام ڏيندي، اتي ٻئي طرف مرحوم شمس العلماء جي علمي ۽ ادبي آثارن جي طباعت جو ڪم پڻ هٿ ۾ کڻندي.

سنڌي ادب جي همدردن ۽ مرحوم شمس العلماء دائودپوٽہ جي شاگردن، عقيدتمندن ۽ دوستن جو فرض آهيتہ سندن آتم کهاڻي خريد ڪري سوسائٽي جي ڪم کي وڌائڻ ۾ مدد ڪن تہ جيئن ستت ئي شمس العلماء جي ادبي آثارن جو ڪم اڳتي وڌي سگهي.مرحوم جي هن آتم کهاڻي ۾ جتي حتي الامڪانڪوشش ڪري، سندن فوٽا جيڪي ملي سگهيا آهن سي ڏنا ويا آهن ليڪن ڪيترا شايد رهجي ويا هجن. پڙهندڙن کي خاطري ڏياري وڃي ٿي تہ اهي تاريخي فوٽا ٻئي ايڊيشن ۾ ڏنا ويندا.

مروج دستور جي ابتڙ، اهو زياده موزون سمجهيو وڃي ٿو تہ بجاءِ ان جي جو هي ڪتاب ڪنهن وڏي ماڻهو جي نالي منسوب ڪيو وڃي، ان کي مرحوم جي سڀ کان ننڍي صاحبزادي عزيزي قمر الدين عيسيٰ دائودپوٽہ جي نالي "الولد سر لابيه" واري مصداق جي آڏار تي منسوب ڪيو وڃي ٿو، جنهن جي پيدائش کان اڳ (سندن قول مطابق) سنڌ جي درويش شاعر ميين عيسيٰ جي قبر تلاش دوران۾، هڪ فقير کين پٽ لاءِ دعا ڪئي هئي ۽ جنهن کي مرحوم جن خود، عقيدتمندي ۽ پيار وچان ميين عيسيٰ جي نالي سان نسبت ڏيندي عيسو ڪري سڏيندا هئا. اهڙو

گمان عام دوستن ۽ مرحوم جي عقيدتمندن جي راءِ پتاندڙ آهي، جن جي خيال موجب عزيزي موصوف ۾ مرحوم جون خوبيون بدرجہ اتم ڏٺيون وڃن ٿيون ۽ انڪري ئي هن سان ها اميد وابستہ ڪئي وڃي ٿي تہ انشاءَ الله تعاليٰ وڏو ٿي مرحوم شمس العلماء ڊاڪٽر دائودپوٽہ جون سِڪون لاهيندو. آمين

مرحوم شمس العلماء ڊاڪٽر

عمر بن محمد دائودپوٽہ

جو

عقيدتمند

عبدالواحد سنڌي

22 نومبر 1959ع

(1)

لکان ٿو سچ سان آتم ڪهاڻي،
رهي منهنجي مگر هي ياد باڻي

هن بندي جو دنيا ۾ اچڻ تاريخ 9 شوال 1313هجري ڏينهن اربع(25 مارچ 1896ع) ڏاري ٿيو، اگرچہ سرڪاري دفتر ۾ ولادت جو سن 1 جون 1897ع آهي. منهنجي تولد ڪري عزيزن کي نهايت خوشي ٿي، چاڪاڻ جو ابي اما کي پهريون ٻار نياڻي هئي. راڄ جي پريي مڙس جو گهر هو ۽ ڏاڏو عبدالمطلب سکيو ستابو ۽ پاڳيو آدمي هو، آسپاس ۾ چگي هلندي هيس. تنهن پنهنجي وحيد فرزند (حاجي) ميان محمد کي پهرين پٽ جمڻ تي وڏا شادمانا ڪيا. خيرات ڪيائين ۽ مستيءَ جون گنديون وراهيائين. اجا ننڍو هوس تہ ڏاڏي صاحب رضا ڪئي. مونکي پوري يادگيري آهي تہ ڪهڙي طرح ان مونکي پنهنجي پوين پساهن وقت پر ۾ وهاريو هو ۽ ڪيئن نہ نهايت آرام ۽ اطمينان سان پنهنجي جان، جان آفرين کي سپرد ڪيائين. سندس وفات منهنجي معصوم دل کي سخت صدمو پهچايو. ڏاڏي مرحوم جي وفات بعد واڻين وڪالن اچي اسانجو در ورتو ۽ جيڪي ڪئون ۽ ڏيڳا هئا سي قرض ۾ ڪاهي سلهاڙي ويا ۽ پريل پان خالي ڪري ڇڏيائون.

هن حادثي بعد اسين بہ ڪنگال ۽ بي حال ٿي پياسين. ڪيترائي سال بابا جان پوک راهي ڪئي. پر بخت نہ پڙايو. اما جان(سندس نالوصفورا هو) جند پيهي گذران ڪندي هئي، هڪ بهدار جوڏي عورت هئي، جهہ فوٽ تہ قد هوس، پائي حاجي موسو جو پنهنجي پهلواني ڪري ساري پسگردائيءَ ۾ مشهور هو. تنهن جيترو بار مٿي ٿي ڪٽي ويندي هئي. جيڪڏهن هن ضعيف ۾ ڪا استقامت ۽ ذهانت آهي تہ اها، "تري شناسن" جي چوڻ موجب والده شريفہ جي ڪري ئي آهي. بابو سائين هڪ نهايت ساده مزاج، نيڪوڪار، متقي ۽ سخي مرد هو. ٻيو هڙ ۾ نہ هوندو هوس تہ ڪپڙا بہ لاهي محتاجن کي ڏئي ڇڏيندو هو ۽ پاڻ رڳو چادر يا اجرڪ (ازرق) جي گوڏ ٻڌي گهر اچي نڪرندو هو. پچاڙيءَ تائين سندس اها گت هلندي آهي.

مان اجان پنجن ڇهن ورهين جو ٻار هوس تہ مونکي اسڪول ۾ موڪليائون (اٽڪل 1902ع ڏاري، چاڪاڻ تہ مونکي ايڊورڊ ستين جي تاجپوشي چگي طرح ياد آهي.)اما جان مونکي خرچي لاءِ هڪ پيسو ڏنو، وڏي ماستر (نالو جينانند هوس، پيرمرد، سفيد ريش، وڏي ڏيا ۽ حشمت وارو شخص هو. سنهاري ۽ منهن پيا جرڪندا هئس. انهن ڏينهن ۾ ٽلٽيءَ جو اسڪول سنڌ ۾ برڪ هو. منجهس هنري اسڪول بہ هو. جنهن ۾ ماستر ابوالحسن واڌڪي سيڪارينڊو هو. ۽ ماستر محمد حسن جنديءَ جو ڪم سيڪارينڊو هو ٻئي نهايت شريف اعليٰ انسان هوا. ماستر

www.sindhsalamat .com

جيناننڊ ڪانپوءِ مسٽر منگهنداس سيوهاڻي هيڊ ماسٽر ٿي آيو. جو اسان کي سنڌي اشتقاق ۽ اقليدس پڙهائيندو هو. ان ڪانپوءِ مسٽر مدنداس دادوءَ جو وينل هيڊ ماسٽر هو جو نهايت فضيلت وارو شخص ۽ پنهنجي مذهب جو پورو پابند هو مونکي ازحد پائيندو هو.) فيءِ جي گهر ڪئي. اهو ٽڪو ڪيس ڏئي اچي اوچنگارن ۾ ڇٽڪيس، جنهن تي وڏي ماسٽر کهل آڻي اهو ٽڪو ب موتائي ڏنو ۽ هميشہ لاءِ في معاف ڪري ڇڏيائين.(هيستائين احوال 1948ع ۾ ڪنهن وقت لکي ڇڏيو هوم. هن ڪانپوءِ اڄ يعني 9 ڊسمبر 1956ع شام جو شروع ڪيو اٿم.)

اسڪول ۾ پهريائين پنهنجي پراهين سوٽ محمد عباس جي ريس تي پڙهڻ ويو هوس، پر پوءِ انهيءَ ۽ ٻين هڪ جيڏن ، جهڙوڪ مرحوم الله بخش (عرف جمن) ۽ جعفر پڙهڻ ڇڏي ڏنو، باقي آئون پڙهڻ کي ڇڏيو رهيس، ڪند ڦهر ڪونہ هوس، ليڪن گاهہ گاهي ڇيڏڪ ايندو هوم، تہ اسڪول وڃڻ کان ٽنائيندو هوس. ڪڏهن ڏاڏي هاشم جي ڳڻن سان پهري تي ويندو هوس. ڪڏهن ناني محمد صالح جي ڪاريءَ واري ڪوري تي پڄي ويندو هوس ۽ ڪڏهين وري پنهنجي تار جي ڳاڏيءَ تي وهندو هوس. يا پيهي تي چڙهي جهار هڪليندو هوس. هڪ دفعي پٽيلي تي ٽيڪ ڏيندي ننڍ اچي ويم ۽ وڃي پڙ تي ڪريس. جيڪڏهن ڏاندن کي سمڪ نہ اچي ها ۽ ٻيهي نہ رهن ها، تہ هوند سندن پيرن ۾ چچرجي مري وڃان ها. ٻئي دفعي ڪوري کان موٽندي ناني جي اٽ تان ڏکو ڪاڏم پر گهٽو شيب ڪونہ رسيو. ٽئين دفعي پيهي تي ڪانياڻي ڦيرائيندي پاڻ اچي ويم ۽ ڦهہ وجي هيٺ پيس. چاڑهو ب هڪڙوئي هوس، ڪوب ٽلٽيءَ ۾ وڻ ڪونہ ڇڏيو هوندم. هڪ پيري هڪ تمام اتاهين ٻير ٻڇڙي نالي جي چوٽيءَ تي ٻير ڏوڻي رهيو هوس، تہ ٽاري تان پير ٽڙڪي ويم ۽ نڪ وجي سڪل ڪسيءَ جي تري ۾ ڪريس.قدري چيلهہ کي ضرب آئي. پر ٻيرن جي جهولي پري ڪلندو ڪڏندو گهر موٽي آيس.

راند جو گهٽو شوق ڪونہ هوندو هوم، پر ٻهراڙيءَ جون سيئي راندیون ڪيڏي سگهندو هوس جهڙوڪ ٻلهاڙو، ونجهہ وٽي، ملهہ، اٽي ڏڪر، چيڪلو، اکٻوٽ، جهوڙملو ڪيٽ وغيره وغيره. اکر سنا ڪونہ هوندا هئم. شايد پهرين يا ٻئي درجي ۾ هوس تہ قاضي عبدالوهاب صاحب بوبڪن وارو اسان جو امتحان ونڻ آيو. سليٽن تي صورتخطي لکايائين. جڏهن مان پنهنجي سليٽ وٽس ڪٽي ويس، تڏهن مشڪي چيائين تہ اکر لکيا اٽئي يا تندي ماکوڙن جون ٽنگون. انهيءَ طعني تمام ڪري ڇڏيو پوءِ اندن پرڻ ۽ مشق پچائڻ رستي پنهنجا اکر سڌاري ورتم. اهو تربيت جو اثر اجا هليو اچي ۽ هميشہ پنهنجن شاگردن کي سنن اکرن لکڻ جي ترغيب ڏيندو آهيان. چاکاڻ تہ منهنجو عقيدو آهي تہ اکر اخلاق تي وڏو اثر وجهن ٿا.

ٽئين درجي سنڌي تائين (1905ع) منهنجي ارڏائي ۽ گوشڙپائي هلندي آئي، پر والد صاحب جي هڪ سخت مار ڪانپوءِ جڏ ڪتيءَ ڪن وڌايا. هونءَ تہ ٻين گوسڙو چوڪرن کي ماسترن جي حڪم موجب ٽنگوٽالي ڪري وٽي ويندا هوا سين، اگرچہ مونکي اهڙو واقعو پيش ڪونہ آيو، پر

بعضي بعضي رڌي ڪري گهر ويهي رهندو هوس يا ڪٽي وجي لکندو هوس، يا ڏاڏي هاشم جي نار تي گوهي ڪري ويندو هوس. هڪ دفعي ضد ڪري اسڪول کان گسايم، مڃاڻ بابي کي خبر پئجي وئي سو زلهلي ڪري مون تي وري آيو. امڙ ۽ ناني جيٽب(زينب) ڇڏائڻ تي ۽ ابو مارڻ تي. نيٽ بيزار ٿي، ڪلهي تي چاڙهي اسڪول ڏي ڪٽي ويم. مون ٻه واٽ تي ڪڙين سان خوب پيپر ڪٽيومانس، پر منهنجي پچر نہ ڇڏيائين ۽ ڏوڪيندي وجي ماستر پيسومل وٽ سٽيائينم. هي ماستر ڳوٺ جو وينل هو ۽ اسان جي گهران ڏڏ مکڻ گهرائيندو هو تنهن ظالم ٻه چتائي فيهه ڪيم ۽ سارو ڏينهن بينچ تي بيهاري ڇڏيائينم.

انهيءَ سزا ڪانپوءِ اهڙو تہ سڌري پيس، جو جڏهين ٻه مسڪينيءَ سبب بابو چوندو هوم تہ پڙهڻ ڇڏي اچي ڪم ۾ ٻانهن ٻيلي ٿيم تڏهين نابري واريندو هوس. علم اهڙي تہ چاشني چکائي جو وري اسڪول کان ڪڏهن ڪون گسايم. بابا کي مدد ڏيڻ خاطر هنري ۽ جندي اسڪول ۾ داخلا ورتم ۽ واڌڪي ۽ جندي جي ڪم ۾ ايتري تہ مهارت حاصل ڪيم جوڪٽون، منجيون، ويلڻ ۽ چڪلا ناهي ويندو هوس، ۽ اهي شهر جي هندن کي وڪڻي پيسا بابي کي پهچائيندو هوس، جنهنڪري مونکي پڙهڻ کان ڪڏهين ٻه نہ روڪيائين.

بابا ان وقت ڪاشتگريءَ جو ڏنڏو ڇڏي ڏڪاڻڪي ڪرڻ لڳو ۽ هارين جا نار آهت تي چاڙهيندو هو. مان ٻه ڪيس ارڙين ٽڪڻ، مالهن وٽڻ ۽ ڊينگن لوڪڻ ۾ مدد ڪندو هوس. پاڻ جڏهين پوک پوکيندو هو، تڏهين مهل سر وجي ڳاڏي هڪليندو هوس، هر ڪاهيندو هوس، ڪتر هڙندو هوس ۽ پاڻي ورائيندو هوس. هڪ ڀيري ڪتر هڙندي ڪابي هٿ جي آڱوٺي جو اڌ ننهن ڪپي وڌم. بعضي تہ ڏاند ٻه چارڻ ويندو هوس. هڪ ڀيري ادي وڏي جمال خاتون (جمڻ) ۽ آئون گڏجي ڊڳا چارڻ ويا هياسين تہ ڪي چور وجهه وٺي اسان کي لپاٽون هڻي ٻن پلن ڏاندن جو جوڙو زوري ڪاهي ويا، جو پوءِ بابو بلاولپور جي وڏيرن جي واهر سان يونگ ڏيئي ڇڏائي آيو. پڻ لغڙن ناهڻ، ڪٽولن واڌڻ ۽ جلدبندي جو ڪم سکي پيس، جنهن مان گهڻو اپراسو ٿيندو هوم. بعضي وري ڪمي ٻه ڪمائيندو هوس، طغاريون ڊوئيندو هوس ۽ مهتن جو پاڻي پريندو هوس.

مطلب تہ ننڍي هوندي کان وٺي خود ياوري جو سبق پيڻ پيو. جو وڏي هوندي گهڻو مفيد ثابت ٿيو. پيسي ڪارڻ ڪنهن جي ٻه ڪاڻ ڪان ڪڍيم، نڪي ڪنهن جي اڳيان سوال جو هٿ ٽنگيم. هڪ دفعي دهلي کان غياث اللغات جو ڪتاب ٻارهين روپئي گهرايو هوم. جنهن جي قيمت مامي عبدالڪريم ڏيڻي ڪئي هئي، پر پوءِ بابي کي مهڻا ڏيڻ ۽ ٿورا ٽڦڻ لڳو. مونکان اها ڳالهه سڻي نہ ٿي، ڪمائي ڪري سڀ پئسا پري ڏنامانس ۽ وري ڪتابن خريد ڪرڻ لاءِ ڪنهن جي محتاجي ڪان ڪڍيم.

سنڌي چوٿين درجي پاس ڪرڻ بعد (1906) مونکي پنهنجي هوشياري ڪري انگريزي اسڪول ۾ موڪليائون جتي ٻه پنهنجو جوهر ڏيکاريم. پر ٿوري وقت کانپوءِ اما جان وفات ڪئي

(1907ع) جنهنڪري دل شڪستو ٿي وري وڃي سنڌي پڙهڻ لڳس. هيڊماسٽر صاحب، مسٽر مدنداس ڏاڍو مهربان هوندو هو، ۽ پنجين درجي جو ماسترميان محمد سنجر هو، جو هڪ سوٽيڊبوٽيڊ جينٽلمين هو ۽ مونکي تما گهڻو پائيندو هو ۽ بعضي ٽه ماني، ڏڏ، مکڻ اسان وٽان گهرائيندو هو. اهڙن لائقن فائقن شخصن جي نظر شفقت هيٺ زندگيءَ جا سال سک سانت سان گذرڻ لڳا.

اسين ٻه ماستر صاحبن جون ڏاڍيون خدمتون چاکريون ڪندا هواسين. گرميءَ ۾ جهليون چڪيندا هواسين، سندن گهرن جو پاڻي پريندا هواسين۽ ٽڪا هوا ٽه ڪين پيڙون ٻه ڏيندا هواسين. ٻهرن ۽ نمن مان سندن لاءِ ڏنڊ وڍيندا هواسين. هڪ پيري ماستر مدنداس لاءِ ڏنڊ چلهيندي منهنجي ڪاپي هٿ جي اشهد آگر مٽينءَ ڏوڏي ڪان ڪپجي پئي. هي سپ ڪم پنهنجي راءِ رضا سان ڪندا هواسين ۽ ماسترن جي سيوا ۾ اسان کي خوشي ٿيندي هئي. پاڻ ٻه نهايت مهربان ۽ جفا ڪش هوندا هئا. صبح کان وٺي سانجهيءَ تائين اسان کي پاڙهيندا هوا. سندين روش هاڻوڪن ماسترن کان بلڪل عليحدي هوندي هئي. موجوده وقت جا ماستر هر هر گهڙيءَ ڏي نهارين، پڙهائڻ ۾ ڪوتاهي ڪن ۽ مهل کان اڳ گهر هليا وڃن. اڳيان استاد ائين نه هوندا هئا. هو مائٽن وانگر هوا، ۽ ڪڏهين نه چاهيندا هوا ٽه شاگردن جي حياتي اجائي وڃي. هر ڪنهن نموني ۾ ان کي سڌلي ڪرڻ لاءِ ڪوشان هوندا هوا. وڏي خوبي منجهن اها هئي ٽه هو اخلاق جا صاحب هوندا هوا ۽ شاگردن کي پنهنجي اولاد وانگر سمجهندا هئا.

جڏهن سال1909ع ڌاري ستين درجي ۾ وينس تڏهن ماستر مدنداس جي بدلي ٿي وئي. سندن جاءِ تي آراضيءَ جو ٻائو نارائڻداس هيڊ ماسٽر ٿي آيو. هو چلمي،تند مزاج، سست ۽ پڙهائيءَ ۾ ڪاهل هو. جنهنڪري مسٽر مدنداس جي صلاح سان ڳوٺ ڇڏي، ٿي چار ميل پري ڪرمپور جي سنڌي اسڪول ۾ ماستر منگنداس جي نگرانيءَ هيٺ پڙهڻ لڳس. سيڊ ٻاڏو هفته وار گهران ڪٽي ويندو هوس ۽ ملا مصريءَ اوني جي گهر رهندو هوس. هڪ دفعي ڇڇ مان ترندي ذري گهٽ ٻڏڻ ٿي هوس، پر ملا مصريءَ جي سوٽ مونکي بچائي ورتو، باقي مولهاڻو اٿي سوڏو پاڻيءَ ۾ پسي پيو. مان رڳو ڳجهڙ تري سگهندو آهيان ۽ ٻانهن هڻي نه جاڻان، تير هڻن ۽ سواري ڪرڻ ۾ ٻه بلڪل جڏو آهيان رڳو پڙهڻ ۽ لکڻ ۾ پڙ هوس ۽ آهيان سچ چيو اٿن ٽه

پڙهڻ، ترڻ ، تير هڻڻ، چوٽين سواري
جي ننڍي نه سکيو ٽه وڏي هوندي خواري

ڪاميٽي امتحان جومدو اچي پريو هو. ماستر نارائڻداس خار وچان منهنجي عمر جا انگ بدلائي ڇڏيا ۽ رجسٽر ۾ 1897ع جي بدران 1894ع ڪري ڇڏيائين ۽ اختياريءَ وان کي لکي موڪليائين مون پنهنجي عمر مٽائي آهي. تنهنڪري مونکي امتحان ۾ نه وهاريو وڃي. مان

ڪاميٽي جو فارم ديوان ٽانورداس ٿهلراماڻيءَ جي صحيہ سان پرائي لاڙڪاڻي امتحان لاءِ ويس، پر مونکي امتحان ۾ وهڻ نہ ڏنائون.لاچار ٿي ڳوٺ موٽي آيس ۽ تياري ڪلاس ۾ داخلا ونڊي پيوپل ٽيچر مقرر ٿيس جنهن مان مهيني سر چار روپيا پگهار ملندو هوم.

1910ع جي آخر آهي ۽ مرحوم محمد ابراهيم سومرو اسڪولن جو انسپيڪٽر امتحان ونڊڻ لاءِ آيو آهي.منهنجي هوشياري ۽ ڦڙتائي ڏسي حيرت جون آڱريون ڏندن ۾ وڌائين.چي ارمان جي ڳالهہ آهي جو ههڙو املهہ ماڻڪ لڏ ۾ پيو هجي. سو يڪدم هيڊماستر کي حڪم ڏنائين تہ نئين سال ٽيڻ تي مونکي انگريزي اسڪول ۾ موڪيو وڃي. هتي منهنجي حياتيءَ ۾ وڏو ڦيرو اچي ٿو. جنهن جو ذڪر انشاءَ الله اڳتي ايندو.

(2)

بازگشت:

مون اڳي چيو آهي تہ مزاج جي استقامت مونکي پنهنجي والده صاحبہ کان ورثي ۾ ملي. هوءَ هڪ بي نظير عورت هئي. سندس مرضي نہ هئي تہ ڪو اسين ڪڪائين گهر تي قانع رهون، سو بابا کي تاهوت لائيندي رهي تہ "عمر پيءُ ! ڇو نہ پاڻ لاءِ ڪچين پڪين سرن جي جاءِ جوڙيون." سندس عزم ۽ استقلال ڏسي، بابا کي همت آئي، سو يڪدم جاءِ ۾ هٽ وڌائين. دريون، دروازا، ڪامون، پٽيون پاڻ ناهيائين، جن تي گهڻو خرچ ڪونہ ٿيو. مامي عبدالڪريم ، اوستي سائينداد ۽ حاجي امين واري واري تي اوساري هلائي ۽ لنب چنب جو ڪم لاٿو. اديءَ جمڻ، مون ۽ منهنجي ننڍي ڀاءُ غلام حسين (اول) متي ڏوئي ڏني. عيسيٰ پخالي ڪڏ تان پاڻي پريو، تڏا ، چپريون ۽ ٽوا ملهہ تي ورتا ويا. باقي ٻيو سڀ ڪم ونگار تي ڪيو ويو. فقط هڪ بن ڪمن جي مزوري ڏيڻي پئي. ٿوري وقت ۾ جاءِ تيار ٿي وئي. مرهيات پنهنجا پويان پساهہ پنهنجي هٽ سان جوڙيل جاءِ ۾ پورا ڪيا. اهو خودباوريءَ جو ڪيڏو نہ وڏو سبق هو!

بهر کاري کو همت بسته گردد
اگر خاري بود گلدسته گردد

مونکي يادگيري ناهي تہ ڪڏهن ڪان ونڊي نماز پڙهڻ ۽ روزا رکڻ لڳس. اگرچہ ننڍي هوندي کان انهن ڳالهين جو پابند هوس، پر سانير فقط ڪرمپور واري زماني جي اثر. ماحول اهڙو هو ملا ڇوڪرن جي صحبت ۾ سندن نيڪ مائٽن جي نگاهن هيٺ مونکي باقاعدي نمازن پڙهڻ ۽ روزن رکڻ جي چڱي عادت پئي.

صحبت ــ صالح ترا صالح ڪند
صحبت ــ طالح ترا طالح ڪند

بزرگن جي دعائن جو اثر هو. اسان جي مسجد ۾، جنهن کي مخدوم بلاول(رح) جي مسجد سڏبو آهي، هڪ پنجابي بزرگ مولوي لعل محمد رهندو هو. تنهن هڪ ڏينهن منهنجي ڳچيءَ ۾ تعويذ ۽ ڳانو ڏسي چيو ته چا نالو "امير عمر" جو ۽ ڳچيءَ ۾ شرڪ جون شيون! سو هڪدم انهن کي ڪپي ڪيائين. رئيس العلماء مولانا عبدالله ٽپٽائي (ٽپٽا ميرن جي زماني ۾ علم جو وڏو مرڪز هو. ميون الهه بچايو ۽ ميون عبدالرئوف پنهنجي پرهيزِ اتقاء ڪري هنڌين ماڳين مشهور هوا. ميون عبدالله انهن سلف صالح جو بقيو هو. وڏي علم جو صاحب هو. تفسير، حديث ۽ فقه سڀ بر زبان ياد هئس. پيريءَ ۾ جڏهن اکين کان سچو ٿي پيو تڏهن به طالبن کي برزبان پاڙهيندو هو.) جو پوءِ ٻنين جي ڳوٺ ۾ اچي رهيو هو. تنهن منهنجي حق ۾ دعا ڪئي. ته هي امير عمر جهڙو اخلاقي دلکير ٿيندو ۽ قرآن شريف ياد ڪندو. سو رب تعاليٰ مونکي سچ چوڻ جي جرئت بخشي آهي. اگرچه قرآن شريف جو حافظ ڪونه ٿيس، ليڪن رب العزت مونکي توفيق ڏني جو پنهنجي هوش سان عربي پڙهي ورتم، جنهن جي وسيلي قرآن مجيد جي معنيٰ پروڙي سگهندو آهيان. ولله الحمد! تنهنڪري چئبو ته بزرگ جون ٻئي دعائون ڏٺي تعاليٰ جي درگاهه ۾ مقبول پيون.

زندگي جو پيو دور:

مرحوم محمد ابراهيم سومري جي فرمايش موجب مان وري ٻيهر انگريزي پڙهڻ ويٺس. انهيءَ ۾ به وڏي پلائي رڪيل هئي. سنڌي هيڊ ماسترن جي مرضي هئي ته مان تربيت حاصل ڪري سنڌي ماستر ٿيان، جنهنڪري منهنجي عمر جا انگ بدلايائون انهيءَ لاءِ ته مان ستت ڪاميٽي پاس ڪري ٽريننگ ڪاليج ۾ وڃان، پر قدرت کي ائين منظور نه هو، نه ته اڄ سنڌي رٽائرڊ ماستر هجان ها. هيترو سارو عمر جو عرصو جو سنڌي پڙهڻ ۾ صرف ڪيم سو رائگان ڪين ويو. سنڌيءَ تي سخت ڪڙو هوم، ۽ سمجهه پڪي هيم، سو هر ڪنهن موضوع ۾ پنهنجي هم ڪلاسين کان سرس هوندو هوس، تنهنڪري اسان جو استاد ڏڏا رام مونکي گهڻو پائيندو هو. لائق بااخلاق شخص هو. اسان کي پهرين نصيحت هيءَ ڏنائين ته Be good & do good(چگا ٿيو ۽ نيڪي ڪريو) اهو متو منهنجي حياتيءَ جو نصب العين رهيو آهي. ڪلاس جي ڪتب خاني ۾ جيڪي ننڍا انگريزي ۾ قصن ۽ ڪهاڻين جا ڪتاب هوا، سي سڀ پاڻي وانگي پي ويس.

تنهنڪري انگريزي ڳالهائڻ ۾ لکڻ ۾ نهايت جاڪستو هشيار ٿي پيس. انهيءَ جو نتيجو اهو ٿيو جو سالياني امتحان ۾ اول نمبر ڪنيم ۽ مونکي ٽئين درجي ۾ ٽپايو ويو، جتي پڻ ٽوريئي وقت ۾ سيني شاگردن کي شهه ڏيئي ويس.

پهرين درجي ۾ هوس ۽ بلوغت کي ويجهو، تڏهن منهنجو طهر ٿيو، چاڪاڻ ته مسڪينيءَ سبب بابو راج رسم ڪري نٿي سگهيو. يعني جج ڪرڻ، سڄي راج کي ڪارائڻ ۽ ياتيءَ ياتيءَ کي ڦيليون پت جون ڏيڻ، ليڪن ختني جي محفل ڏام ڏوم سان ٿي. ۽ منهنجي پيرن هيٺان ڪلدار روپيا رکيا ويا، ڏورئي جو پهراڻ، ڦندڻ سان پٽڪو ۽ ڳاڙهي حلواڻ جي گوڏ ٻڌائي وئي. خوب سهرا ۽ مولود ۽ لاڏا ڳايا ويا. ٽورن ئي ڏينهن ۾ ڇٽي ڇڳو پلو ٿيس.

انهيءَ سال بابا هڪ ڦلاوتڻ عورت مائي نور خاتون برڇڻ سان ٽن ڇئن ورهين جي رناپي بعد شادي ڪئي.ان مان فقط هڪ فرزند پيدا ٿيس (غلام حسين ثاني) جو هينئر پوليس ۾ وڏو عملدار آهي. اگرچه اسين پهريائين ارها هواسين پر مائي صاحبه اسان کي پنهنجي ٻچن وانگي سنياليو ۽ ساري عمر اسان وٽ آندائين. اسين به ڪيس ساڳيءَ ماءُ جهڙو پيار ڪندا آهيون. هينئر اسي پنجاسي ورهيه جمار اٽس ۽ مون وٽ رهي پئي آهي. شل خدا عافيت بخشيس ۽ ايمان ساڻ هلائيس.

انهي سال مان خواجه حسن جان صاحب سرهنديءَ جو مريد ٿيس، جنهن الله تعاليٰ کي دائما دل ۾ ياد ڪرڻ، سچ ٻولڻ ۽ پاڪ حياتي گذارڻ جي تلقين ڏني. انهيءَ بزرگ جي هدايت ڪري منهنجي زندگي هميشه لاءِ ستري پئي، جو گذريل سٺ سالن ۾ مونکان ڪو ڪٽو ڪم ڪونه ٿيو آهي، هميشه سچار ۽ پاڪباز رهيو آهيان ۽ ڪنهن تي به اک ميري نه ڪئي اٿم. بزرگن جي نيڪوڪاريءَ ، فضيلت ۽ علميت جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي! مريد مٿانئس اول ڳهول ويندا هوا. ۽ جتي ڪٽي پلاءَ سيري ۽ چاشنيءَ جون ڏوريون لڳي ويندیون هيون. ڪهڙو نه مهانگائي، سياڪ ۽ آسودائي جو سمو هو وري اهڙو وقت اچڻ محال آهي.

ٽئين درجي ۾ اسان جو ماستر صاحب ديوان پرسومل هوندو هو. جو هڪ عمر رسيدو، تجربيڪار ۽ نيڪ انسان هو. نهايت خوش دل ۽ پوڳائي هو. مسٽر ٽڏارام جو وڏو سڳو سوٽ هو. انهي وقت دستور هوندو هو ته صبح جو سبڪن شروع ٿيڻ کان اڳ هندو شاگردن کان جپ صاحب جون پوڙيون ، پروٽنا طور برزبان ياد ڪرايون ۽ پڙهايون ويندیون هيون. ۽ انهيءَ تي مارڪون رکيل هيون. مونکي ماستر صاحب چيو ته تون قرآن شريف جون آيتون پڙهه يا ڪريما جا بيت ياد ڪر. قرآن ڪريم مون هيل تائين ڪونه پڙهيو هو، فقط نماز لاءِ کي ننڍيون سورتون ياد ڪيون هيم. سو مارڪن جي لالچ تي پنهنجي عزيز آخوند احمد جي مڪتب ۾ قرآن شريف پڙهڻ لڳس، ۽ ڇئن مهينن اندر سارو قرآن پڙهي پورو ڪيم. قرآن شريف دير سان پڙهڻ ڪري اجا به کي ٿوريون سورتون ياد اٿم. ان سان گڏ لوهارن جي مسجد ۾ مولوي ولي محمد صاحب

سامتاڻي وهاريل هو، تنهن وٽان ڪريما پڙهڻ لڳس، ۽ سڄي برزبان ياد ٿي ويم. آواز سريلو هوندو هو، سو نهايت شوق سان ڪريما جا فارسي بيت ڳائيندو هوس. پڻ هندو شاگردن کان جپ صاحب جون پوڙيون ٻڌندي سارو جپ صاحب ياد ٿي ويم.

فارسيءَ پڙهڻ جو چاهه ۾ تڏهن جاڳيو. مولوي ولي محمد صاحب کانپوءِ مولوي شفيع محمد صاحب ڪاريانين وارو لوهرن جي مسجد ۾ آيو. ان وٽ نامہ حق، پندنامو، بدايع منظوم ۽ گلستان ۽ بوستان پڙهيم. بعضي ته جلباڻين جي ڳوٺ مولوي عبدالواحد جلباڻيءَ وٽ هليو ويندو هوس ۽ بعضي وري ٻنين ۾ وڃي مولاناعبدالله صاحب جي درس ۾ داخل ٿيندو هوس. جتي گدو باغ جي درويش صفت مولوي شفيع محمد صاحب جو فرزند محمد عابد پڙهندو هو. آخوند ملا نور الله حڪيم ۽ مولوي محمد موسيٰ سان ۾ انهيءَ وقت ڏاري ڏيڻ ويڻ ٿي جن سان اڄا ۾ اهو دوستيءَ وارو رستو هلندو اچي.

الغرض ته علم جي طلب ۾ مون گهٽا پنڌ ڪيا ۽ جاکوڙا ڪڍيا ۽ انهيءَ جو انعام اڄ تائين ماڻيان ٿو.

شيخ سعديءَ جو هي مقولو هر ڪنهن مسلمان ٻچي کي ياد هئڻ گهرجي.

جو شمع از پيءِ علم بايد گداخت
ڪه بي علم نتوان خدارا شناخت

اهي مڪتبن واريون سڪل پاروٽيون بدبن تي سيڪيل سڻيون مانيون اڄا ۾ ياد اٿم. ۽ جڏهن ڪڏهن اهي ڏينهن دل تي تري ايندا اٿم ته از خود وات لعاب سان پرجي ويندو آهي. ڪهڙو نه منو سواد هو انهن فقر جي مانين جو! ذهن ۽ ذڪاءُ جو چا بيان ڪجي؟ ڪتابن جا ڪتاب بي تڪلف پاٺهي ياد ٿي ويندا هوا. فارسيءَ ۾ بيت بازيءَ ڪري گهٽا ناصحانہ بيت ۽ فرد ياد هوندا هئم، ۽ اڪثر ڪتابين کي بيت بازيءَ ۾ آڳ ڏئي ويندو هوس. اڄا تائين ۾ انهن ڏينهن جا سنڌي توڙي انگريزي ۽ فارسي ڪلام وسري نه ويا اٿم. ديوان حافظ جا ۾ اهيئي غزل ياد اٿم، جي اوائل ۾ پڙهيا هئام، سبحان الله عجب وقت هو!وري هٿ نه ايندو.

ڪرمپور واري زماني ۾ مولودن، معجزن ۽ مدحن سڪڙ ۽ ڳائڻ جو شوق جاڳيو، اگرچ ان کان اڳيرو ڪيترائي مولود بابي کان سڪيو هوس، جي لکندو ويندو هوس. پاڻ قرآن شريف ٿورو گهڻو پڙهيو هوائين، پر دماغ اهڙو ڪليل هوس، جو هيڪر کو مضمون پاڙهيو هوس ته پوءِ پاٺهي پڙهي ۽ ياد ڪري ويندو هو.ڪيس گهڻو ڪلام ياد هوندو هو. سماع جا بيت سنا چوندو هو، انهن جون وراٽيون ۾ ايندون هيس. ماهون پهرئين جمعي تي شاهہ بخاريءَ تي وڏو شغل ٿيندو هو جتي آئون پڻ سنديس وٽ وراٽي ڪندو هوس. معراج نامو، بهڻ جو ڪلمو، ملهہ جو پهريون معجزو، ڪانگ جو پهريون ڪلمو، فتح فقير ۽ حافظ پنيي جون چئن يارن سڳورن جي

شان ۾ مداحون سيبيئي ڪنڌ ڪيون هوائين جهڙوڪ:

1. هي من منهنجا ستي مار، ڏينهن دنيا ۾ ڏون ڪي چار
2. چار ئي سرور سين سونهن، چئني جي رک محبت من

جن جي عبارت ۽ رنگين ڪلامي عبرت ۾ وجهندڙ آهي.

مون ڏاڏي محمد صديق کان رمضان ڪنير وارو هرٽي جي معجزه ۽ ڪانگ جو ٻيون ڪلمو ۽ ڪيترائي مولود لکيا هئم سي پڻ ڪيس ياد هوا. محبت فقير کان ملهه جو ٻيو معجزه ۽ ڪانگ جو ٽيون ڪلمو لکيم، ۽ ملي هارون کان پيربادشاهه جي مدح، سي به ياد ڪري ويو غضب جو حافظو هوس. ازانسواءِ چاچي نظام الدين (ننده) کان به ٽي قديم مولود لکي ورتم. سي سڀ مون کان ڏاڏي حوا قاضياڻي ورتا هوا. جنهن وٽان اهي منهنجو سوٽ عباس ڪٽي ويو ۽ وجي پنهنجي نار جي ڳاڏيءَ تي پڙهندو هو. هڪ ڏينهن سندس پيءُ چاچي حمزه ڪيس ڏسي ورتو، سو ڪاوڙ وچان اهو ڪتاب ئي ڪٽي ڪوهاڏي ۾ ڦٽو ڪيائين، اهڙي طرح ورهن جو پورهيو اڪ چني ۾ ڪٽ ٽي ويو. رمضان ڪنير جي ملهه جو ٻيو ڪلمو، ڪانگ جي ٻئي ڪلمي وانگر هڪ جواهر پارو آهي جو هينئر نايابآهي، فقط هڪ به سٽون سيني ۾ سانڍيل اٿم.

چا هي وس چڙيءَ جو، چا عنتر عقابا؟
چار ئي چڪ چري ويا، جئن ڪيو دزد ڏڪاءُ

پاڙي ۾ اسان جي مائٽياڻي مائي آست (عائشه) هوندي هئي، جا نهايت نيڪ نمازڻ ۽ پڙهيل هئي. ڪيتريون ئي نياڻيون وٽس قرآن شريف جي تلاوت ڪنديون هيون. گهر ۾ نماز لاءِ خاص خونرت هوندي هيس. اها خونرت عين انهيءَ جاءِ تي هئي، جتي مخدوم بلاول رح نفلي نماز پڙهندو هو.

وٽس ڪيترائي بمبئي سنگي ڇاپي جا ڪتاب هوندا هوا. جهڙوڪ مولودن، معجزن ۽ مدحن جو مجموعو ۽ قصص الانبياء جي مون سيئي پڙهيا ۽ انهن مان ڪيترائي ياد ڪيا. افسوس جو اهو مجموعو به اڄ ڪونه ٿو ملي سگهي. ان ۾ ڪيترن ئي سنڌ جي قديم شاعرن جو ڪلام هو، اڇڪلهه جا شاعر غزلن وغيره کي ڇهٽي پيا آهن، پر مولودن ۽ معجزن۾ جيڪو مزو آهي، سو هرگز مصنوعي ڪلام مان نه ملندو.

رمضان وارو، سنڌ جو مشهور شاعر ۽ اديب بابا جو دوست هو. بدن جو مضبوط ۽ جوپ، ڏاڙهي ننڍي ۽ متي تي وڏو ڦيڙهو ٻڌندو هو هبار کان پنڌ ڪهي اڪثر اسان وٽ مهمان ٿي ايندو هو. چاچي محمد بچل جي دڪان تي ٽڪندو هو. مان ڪيس ماني ٽڪي پهچائيندو هوس. منهنجي دلچسپي ڏسي نئين چپايل "هاري جي مدح، سوڪڙي ڪري ڏنائين جنهن جو هڪڙو بند اڄا تائين نه وسريو آهي

اڏون نائڪا ٽڪون ناهه، نار تنهين تي نينهن جو وهاءِ
ووڙ اٽل جو ڊپ نہ لاهه، هاري ڪر موچاري ڪار

سنڌ جي امي عطائي شاعر رمضان ڪنير پڻ اسان جي خاندان جو گهٽگهرو دوست هو، پر منهنجي زماني کان گهڻو اڳي دربقا ڏي راهي ٿي ويو هو.

مامو عبدالڪريم پڻ چگو روحانيت وارو هو. پاڻ ملڪاڻي بزرگ ميان غلام محمد صاحب جو خاص مريد هو. مان به ساڻس بعضي بعضي بزرگن جي زيارت ۽ وعظ ٻڌڻ لاءِ ملڪاڻين ويندو هوس. بزرگن جي ڪهڙي واکاڻ ڪجي مريد کين عزت وچان صاحب سڳورا ڪري سڏيندا هئا. وڏيءَ ڏيا ۽ حشمت وارا هئا. جهڙو عاليشان ڏيل هون، تهڙو ئي اندر آئيني وانگر اجريل هو. ڏسنديئي هنيون پاڻي ٿي ويندو هو. ڪيترائي سنگدل ۽ هاڙها چور سندن صحبت ۾ سڌري وڌي روحاني درجي تي پهتا. سندن آواز سوزناڪ ۽ دهشت وارو هو. جڏهن وعظ ڪندي شاهه جابيت فراق مان چوندا هوا. تڏهن سندن اکين جا نار پيا ٽمندا هوا. ۽ ماٺهن ۾ سخت گريو ۽ روڄ راڙو پئجي ويندو هو. هنڌ ماڙيون ۽ حجرا سي انهيءَ درد جي دانهن ۾ گونجندا هوا. اجهو هينئر به الفاظ لکندي اکين مان پاڻ ڳوڙها نڪري ڳلن تي ڳڙي پيا آهن. ۽ قرآن شريف جي اها آيت سڳوري دل تي تري آئي اٿم جنهن ۾ الله تعالىٰ حضرت دائود عليہ السلام جي ذڪر ۾ فرمائي ٿو ته يا جبال اوبي معه والطير اي پهاڙو ۽ پکيو اوهين به ساڻس گڏجي منهنجي ساراه جا گيت ڳايو. ۽ پڻ سنڌ جي شاعرن جي سرتاج سهڻي شاهه لطيف جو هي بيت ياد اٿم:

رجن ۾ رڙ ٿي، ڇڻ ڪوئل جي ڪوڪ؟
ولولو ۾ ووڪ، ايءَ تان آهه عشق جي

رحمه الله رحمنا واسعنا

سندن قدآور ۽ شاندار بدن تي ڊگهو ڪارو چوغو جهولدار ستڻ ۽ سر مبارڪ تي عرق چين مٿان لونگي ڏاڍي سونهندي هئي. ۽ منجهائن سج ورنا شعاع نڪرندا هئا. وعظ جو نمونو به عجيب هوندو هون. ٿورو ڳالهائي بس ڪندا هوا ۽ سوز و گداز ۽ رقت وچان ساهي ڪٽندا هوا ته انهيءَ وچ ۾ مولودي پنهنجي منهن آلاپ سان مولود چوندا هوا. پوءِ وري پاڻ عقاب جهڙي سنهي ۽ سندر آواز سان وعظ جو سڳو اڳتي سورينداهوا. اهو ساڳيو وعظ جو طريقو علامہ هدايت الله مشتاق متعلوي پنهنجي مولود النبي ۾ ڏنو آهي، جو اڪثر اڳين عالمن ۽ واعظن وٽ رائج هو

جوڳي پنهنجي جوءِ ويا، ٿا جهڙ جيئن نيٽ جهمن
سخن ساميڙن جا، هنيڙي منجهه هرن
سڃو موت مگن، اڏ ڪنا آرام لئي

سندن مريد پڻ مڻائين عاشق ۽ جان فدا هوندا هئا. جڏهن ڪڏهن مريدن جي ميڙ ۾ منٿ ڪري، دعوتن تي چڙهندا هوا، تڏهن ڪين ڪلهن تي چاڙهيندا هوا. پٽيان مريدن ۾ ٻين مخلصن جي ٻهير هلندي هئي، جي مولود چوندا ۾ زيلون ڏيندا پيرن پيادي هلندا ايندا هوا. ساري فضا انهي پڙاڏي سان پر ٿي ويندي هئي. عجيب لطف هوندو هو.آخر پاڻ پنهنجي سواري لاءِ محفو ٺهريائون جو پلا گهوڙا ڪاهيندا هوا. اهو محفو اوستي محمد بچل خاصخيليءَ ٺاهيو هو ۽ پنهنجي نوع جو هئو. اوستو محمد بچل شهر جي سيني وادن ۾ رازن جواستاد هو. ۽ چٽسالي ۾ سخت مهارت رکندو هو. اسان جي مسجد جي ٽنهي گنبڏن تي جيڪا نقاشي هن مصور ڪئي آهي سا بي مثال آهي. اڄ ٻه ائين پئي ڏسجي جيئن ته ڪالهه وجود ۾ آئي آهي. ڪيس ڪو اولاد ڪونه ٿيندو هو يا جي ٿيندو هو ته بچندو ڪين هو. الله تبارڪ وتعاليٰ جي مهرباني ۽ بزرگن جي دعا سان ڪيس هڪ سدا ملوڪ فرزند جائو جو وڏي وڏو ٿيو ۽ جنهن کي ماڻس اوستي جي وفات کانپوءِ پار وٺي وئي خبر نه آهي ته جئرو آهي يا نه.

باوجود ايڏي عظمت جي بزرگن ۾ ايتري قدر نهنائي ۽ حليمي هئي جو سپ ڪنهن ادنيٰ يا اعليٰ کي پاڪر پائي گڏبا هوا ۽ چاتي سان لڳائيندا هوا منجهن ايتري قدر مقناطيسي اثر هوندو هو جو ماڻهو حال ۽ وجد ۾ اچي ويندا هوا ۽ منجهن قلبي ذڪر جاري ٿي ويندو هو. مون تي بزرگ جي گهڻي نوازش هوندي هئي ۽ منهنجا هٿ اڪر ڪين وٺندا هوا. مدرسي جي پرنسپاليءَ واري زماني ۾ قرب وچان اچي منهنجا مهمان ٿيا ۽ گهڻو خوش ٿي ويا.

پاڻ سنڌي ڪلام ۾ گهڻو چيو ٿو ڏسجين جو ڏاڍي سوز سان پريل آهي، جيڪڏهن انهي خاص انداز ۾ پڙهجي ته جگر پاش پاش ڪري ڇڏي مونکي فقط مارئيءَ جي مثنوي جا ڪي بيت ياد آهن جي هيٺ ڏجن ٿا:

اول ڪريان ثنا ستار سائين
وچوڙيل کي منا مارو ملائين
اباڻن جي اکنڊ ڪيا چاڪ در چاڪ
جگر جيرا جلي ڪامي ٿيا خاڪ
اداڙي! تو عمر مون قيد چو ڪيو؟
پنوهارن جي پرت جو پيچ مون پيو
پنوهاريون هت پين پاڻي پلر پاڪ
آئون ويڊي وسايان منهن مٿي خاڪ
منو مرسل جڏهن ايندو سڃڻ سنڌ
بندي بيڪار کان ٿيندو بدا بند

گهٽائي سندن فيض مان رتا. سندن ڪيترائي خليفا هوا. جن مان ڪن جا نالا ياد اٿم، جهڙوڪ ميان عبدالله يمشي فقير، جو خود هڪ بلند پايي جو عالم هو، ۽ سيد خيرالدين شاهه جلباٽين وارو جو اسان جي گهر ايندو ويندو هو. مولود سنا چوندو هو ۽ آواز نهايت سريلو هوندو هوس ۽ اخلاق عظيم جو صاحب هو. ملڪاٽين کان موٽبو هو ته وات تي حافظ نبي بخش يا ميان فقير محمد وٽ ساهي ڪٽبي هئي. هڪ دفعي ملڪاٽين کان موٽندي تمام ٽڪجي پيس (پنڌ ڪرڻ جو اصل ڪوچڙو آهيان جو پير داڦڙ اٿم. ميل ڪن پنڌ ڪريان ته هڦجي پوان) ۽ الٽيون ٿي پيم. سو مامون عبدالڪريم مونکي خليفي نبي بخش جي مڪتب واري اوطاق تي وڃي ويو جتي مصري جو شربت پي دل کي آٽت آيو. ميان عبدالله يمشي پهريائين ملڪاٽين ۾ درس ڪرائيندو هو پر پوءِ پار لڏي وڃي وينو جتي سنديس تدريس جاري هئي. منهنجا ڪرمپور جا ۽ ملا چوڪرادوست محمد رمضان ۽ امام بخش وٽس پڙهندا هوا. ۽ وٽائونس ئي دستاربندي ڪيائون ۽ پوءِ مولوي عبدالحي ۽ مولوي عبدالعزيز جي نالن سان مشهور ٿيا. عبدالعزيز وفات ڪري ويو آهي باقي عبدالحي اجا جئرو آهي. يمشي فقير هڪ پيري ڊي پي آءِ واري زماني ۾ ڪنهن خسيس ڪم لاءِ مون وٽ آيو هو. ڪيس ڏسي سرهائي حاصل ٿي ٿيم ۽ اهو ڪم ڪري ڏنومانس.

(3)

حافظ محمد صالح ، صاحب ڪرامت جو هئو. سندس وڏو پاڻ حافظ ميان گل محمد اسان جي مسجد ۾ قرآن شريف پڙهائيندو هو، مڪتب تمام وڏو هو، جنهنڪري سندس پاڻ حافظ محمد صالح ۽ سندس فرزند حافظ محمد عالم، حافظ محمد پريل ۽ حافظ نور محمد ڪيس ڪٽاب ۾ مدد ڪندا هوا. انهن سيني کي اسان جي هڪ شاهوڪار مائٽ حاجي سائينڏني، جنهن کي پنهنجي مال ۽ دولت تي باور هوندو هو لوڏي ڪڍيو، جو پڇوءِ لڏي وڃي نئين ويهڻ ۾ وينا. اهڙي طرح اڳ ۾ مولوي عبدالرزاق صاحب بوبڪائيءَ ۽ حافظ محمد قاسم آري سواءِ واري کي به جهيڙو ڪري پجائي ڪڍيو هوائين. مولوي حافظ عبدالرزاق صاحب مولانا عبدالله ٽپٽائي جو شاگرد هو. حديث ۽ فقه جا ڪتاب برزبان ياد هئس. ميان عبدالله سڳوروچوندو هوتہ "ابا ! اسان ٽيهه ورهيه علم پڙهيو، پر استادن اسان کي پڳ نہ ٻڌائي" باقي اسان سو پنهنجي شاگرد کي فضيلت جي دستار ٻڌائي پر اهو اسان جو شاگرد شينهن آهي. اڄ ڪلهه ململ تمام سهانگي ٿي پئي آهي ۽ سي ڪو پڳ ٻڌيو مولوي ٽيو وينو آهي." مولوي عبدالرزاق صاحب لنواريءَ جي درگاهه جو مريد هو. اگرچه خواجه حسن جان صاحب سرهنديءَ جي صحبت ۾ پڻ گهٽو ڏٺو ويندو هو. جڏهن خواجه احمد زمان جي اولاد دور ۾ "صلوات عليٰ پير لواري" وارو فتنو جاڳيو، تڏهن ميان عبدالرزاق

www.sindhsalamat .com

بہ قرآن ۽ حديث جي دليلن سان انهيءَ ڳالھ جي تائيد ڪئي. ڪوبہ عالم ڪيس حجت ۾ ماري نہ سگھيو ۽ سڀ دنگ رهجي ويا، پر جڏهن ظاهري عالم ۽ فقيہ دليل بازيءَ ۾ پڄي نہ سگھندا آهن، تڏهن زور هوندو اٿن تڪفير جي فتويٰ تي. سو تڪفير جي تحرير مٿس جاري ڪئي وئي ۽ انهيءَ واقعي بعد سندس وقعت گھٽو گھٽجي وئي، پر ستت ئي راھ رباني ورتائين ۽ جاهلن جي جھڙپ کان چتي پيو. "واليہ ترجع الامور"حافظ محمد قاسم بہ نيم مولوي هو. ڪيس مطالعي جو وڏو شوق هوندو هو. مون ڪيس ڏٺو هو تہ ڪيئن باوجود جهانورائيءَ جي ڪتاب سان منهن لڳائي سجو ڏينهن وينو پڙهندو هو.

حافظ محمد صالح ساري عمر ستوجتو ٿي گزاري. جوانيءَ جي جوش ۾ ڪانئس ڪي سهوون ضرور ٿيون، جن لاءِ خدا ڪيس بخشيندو، باقي ساري ڄمار پاڪدامن رهيو. قرآن شريف نهايت صاف ۽ چٽو پڙهندو هو. ۽ شايد "قول اورا لحن ني آواز ني" تي عمل پيرا ٿي، ترنم کان پاسو ڪندو هو. سندس قيٽي ۽ تعويذ ۾ وڏو تاثير هوندو هو. هڪ دفعي نئين وهٽ وڃڻ ٿيو، ڏٺم تہ هڪ وڏي هيانچي وارو شخص تڏي تي پٽيءَ ۾ ليٽيو پيو آهي. ۽ پيٽ جي مٿان چيڪيءَ مٽيءَ جو ٿلهو لولو رکيو اٿس. حافظ صاحب پوءِ هڪ تيز ڪاتي ڪڍي آيو ۽ خوب مٽيءَ کي ابتا سبتا چھڪ ڏنائين. ٿوري وقت ۾ مريض بالڪل چاق ۽ نوبنو ٿي پيو. سوين ماڻهو وٽس دعا لاءِ ايندا هئا، پر هو ڪنهن کان بہ پائي ڪين ونندو هو. پڇاڙي جو ڪرمپور ۾ وڃي وينو، جتي قرآن مجيد جي حفظ لاءِ هڪ وڏو مڪتب ڪوليائين، ۽ ڪيترائي طالب وٽس تعليم وٺندا هئا. مان جڏهن ڪراچي کان ڳوٺ ويندوهوس، تڏهن ڪيس پيادل يا اٺ تي چڙهي ملڻ ويندو هوس، ۽ سندس رس پري صحبت مان گھڻو حظ حاصل ڪندو هوس.

قارئين ڪرام مونکي معاف ڪندا، جو پنهنجي حڪايت ڪندي وڃي جهاجھ ۾ پيس."الحديث ذوشجون" مولودن ۽ معجزن سان گڏ مونکي ڪافين ۽ ڳالهين ٻڌڻ جو بہ ڏاڍو شوق هوندو هو. ابتدائي اسڪول واري ئي زماني ۾ گل خندان، امير حمزو، ممتاز دمساز، الف ليلہ و ليلہ، چهار درويش، گل بڪاولي ۽ خورشيد جهڙا ڪتاب پڙهي ڇڏيا هئم.

ڪافيون اوستي محمد بچل جي دڪان تي ڳائيبون هيون. پاڻ ڪيسن اٽڻ ۾ پڙ هو. گنمبٹ ۽ نصرپور جا ڪاريگر سيئي سنديس استادي مڃيندا هوا، اگرچہ شهر جي ماڻهن يا خود سندس پاڻيجن ڪانئس اهو هنر نہ پرايو. ان سان گڏ علم موسيقي جو بہ وڏو ماهر هو. يڪتارو ۽ مدم ڇڪيءَ طرح وڄائي سگھندو هو. وٽس طرح طرح جا ڳائٽا ۽ گويا ايندا هوا. ۽ سج لٿي ڪانپوءِ وٽس راڳ جي مجلس ٿيندي هئي. جنهن ۾ شهر جا راڳيندڙ جهڙوڪ اوستو محمد امين ۽ عيسو پخالي گاني لاءِ ۽ سندس يلغاري چلم مان وزم پرڻ لاءِ ڪنا ٿيندا هوا.

خوب ڪچهري لڳندي هئي، ۽ مزيدار روحاني ڪافيون ۽ غزل ڳائڻ ۾ ايندا هوا جهڙوڪ:

1. عاشقن جون ازل کان پنهنجي يار سان لائون لڏيون

2. جي هجين عاشق، تہ بر سر مينهن محبت جو وساءِ
3. دنيا ۾ دل جو مطلب، پورو ٿيو تہ چا ٿيو؟
4. رخ تنهنجي روشن ڪيو جلوو ڪلام الله جو
5. رند روز شب آهن سدا، وحدت جي واديءَ ۾ غرق

اهڙي طرح مخدوم سنڌي سوائيءَ جي سترهينءَ تي عيسو پخالي ۽ ٻيا رات جي وقت دودي چنيسر ۽ سيف الملوڪ جو قصو ٽالهن ۽ دلن تي ڳائيندا هوا. ۽ ڏاڍي لئہ لڳندي هئي. اهي سڀ واقعا من تي منقش اٿم. ڳالهيون ۽ آکاڻيون مامي عثمان کان ٻڌندو هوس. هو رات جو اسان جي پل ۾ جوئر جي ڪانن جي ڪتر هڻندو هو ۽ مان ڪيس ڪانا سوري ڏينندو ويندو هوس. ۽ پاڻ قصو ڪٺندو هو. اهڙي طرح الف ليلہ وليلہ جا ڪيترا قصہ جهڙو ملڪ عجيب، علاءُ الدين، علي بابا ۽ چاليهہ چور وغيره چاچي عباس جي والده مائي فاطمہ کان ٻڌم. جا هڪ نهايت سنجيده متقيٰ، وڏ گهراڻي عورت هئي. سندس وڏو پاءُ قاضي ميان عبدالرحمان صاحب پنهنجي تحرير نويسيءَ ڪري آسپاس ۾ مشهور هو ۽ اڪر اهڙا هوندا هئس جهڙا موتيءَ جا داڻا، سندس ڀيٽ ڏاڏي قاضياڻي حاجياڻي مائي حوا پنهنجي پرهيز ۽ تقويٰ جي ڪري عام ۽ خاص جو مرجع هئي ۽ ننڍا وڏا سندس عزت ڪندا هئا.

اوٿر پيم اپار، هينڙو لٿ لتي ويو
هئا هنياريءَ وچ ۾، پريم تنهنجا پار
ڪير ڪين سنيار، هي پٽ وهه وهي ويو

ٽئين درجي انگريزيءَ ۾ هوس (1912ع ۾) تہ ڪاميٽي امتحان جي خانگيءَ طرح تياري ڪري ورتم. فقط پئماشي حساب پياري ڳوٺ واري ماستر محمد ادريس کان سکندو هوس. ڊي پي. آءِ واري زماني ۾ ماستر ممدوح کي دادو ضلع ۾ سپروائيزر (مفتش) مقرر ڪيم، پر بيڪار ثابت ٿيڻ ڪري ڪيس پوئتي هٽائڻو پيو، جنهن جو گهڻو ارمان اٿم. فرض ادائيءَ ۾ اهڙو سانگو اجايو آهي. سڄي لاڙڪاڻي ضلع ۾ متاهون نمبر آيس.

ٽئين درجي پاس ڪرڻ بعد، چوٿين درجي ۾ وينس جو خود هيڊ ماستر صاحب پاڙهيندو هو. سندس نالو ديوان پانونداس راءِ سنگهاڻي هو. نهايت لائق پر ڪرڙو انسان هو. مارٽو بہ هڪ هو ۽ اسڪول جا سڀ شاگرد ڪائنس ڪنو ڪائيندا هوا. مونکي تمام پائيندو هو ڇاڪاڻ تہ مان سيني شاگردن ۾ برڪ هوس ۽ ڪڏهن بہ پهريون هٽان نہ ڇڏيم. منهنجو دوست ڪيول موٽواڻي جو مونکي بعضي پيسي جي بہ از خود ڏينندو هو ۽ تمام هوشيار هو، ۽ انهيءَ ڪچيءَ اوستا ۾

انگريزي ۾ وڏا پستڪ پڙهندو هو ۽ جو هينئر ڊاڪٽر ڪيولرام موٽواڻيءَ جي نالي مشهور ٿياسافي جو پوئلڳ، ڪولمبو ۾ وڏي عهدي تي آهي سو به مونکي پڇي نه سگهيو.

اسان جي مسڪيني ايتريءَ حد تي پهتل هئي جو چوٿين درجي جي ڪتابن خريد ڪرڻ لاءِ مونکي موڪل جي وقت طغاريون ڏوئڻيون پيون، پر ڪنهن جي اڳيان محتاجيءَ جو هٿ ڪين ٽنگيم. ڪي ڪتاب ته پنهنجي هٿ پاڻ لکيم. جهڙوڪ ولڪنسن آلجبرا جو پهريون حصو ۽ گاڊ فري سڊنس جي جاميٽريءَ جو استعمالي پهريون حصو، جي پوءِ منهنجا سنگتي مون کان ونڊي ويا. باوجود ايترين تڪليفن جي پنهنجي پڙهڻ کي ڇهڻيو رهيس ۽ ڪڏهن به دل شڪستو نه ٿيس.

اسڪولي نموني جي فارسي چوٿين درجي کان شروع ٿي ۽ بادستور صرف ۽ نحو جي قاعدن موجب حڪايات لطيف جو ڪتاب جديد نموني ۾ پڙهيو ويو جنهن هيڪاري سون تي سهاڳ جو ڪم ڏنو ۽ آئنده جي اپياس جو پختو پايو ٻڌو، تنهن هوندي به پراڻي طريقي موافق گلستان ۽ بوستان انهيءَ سال ۾ پڙهي ويس.

هيڊ ماستر صاحب کي يقين هو ته مان ضرور چوٿين درجي ۾ به اڳ وانگر پهريون نمبر ايندس، ليڪن فقط هن ڳالهه جو هو، سال پوري ڪرڻ بعد مبادا منهنجي تعليم ختم نه ٿي وڃي ڇاڪاڻ ته مونکي مٿي پڙهڻ جي وسعت ڪان هئي، ان وقت ضلع اندر لاڙڪاڻو مدرسو ئي هو جنهن ۾ هڪ مسلمان چوڪرو تعليم ونڊي سگهيو ٿي، پر اهو مدرسو خاص زميندار طبقي ۽ وڏن ماڻهن جي چوڪرن جي تعليم لاءِ مخصوص هو. اتي هڪ غريب هاريءَ جي ٻار جو پهچڻ مشڪل هو.هيڊ ماستر دل نه هاري چيو ته هڪ انگريزي ۾ سڏن اکرن سان درخواست لک ته اها وڏي سفارش سان لاڙڪاڻي ضلع جي ڪليڪٽر ڏانهن ڏياري موڪليان، ڇاڪاڻ جو اهو صاحب مدرسي جي بورڊ جو به پريزيڊنٽ هو، ۽ گورا صاحبلوڪ مسلمانن جي تعليم ۾ گهڻو ڀهرو ونندا هوا.

مون هڪل درخواست سهڻي ۽ سوزناڪ انگريزي ۾ لکي ورتي جا هيڊ ماستر صاحب زبردست سفارش سان ڪليڪٽر ڏي رواني ڪئي. آسرو گهڻو ڪونه ٿي ڏنو پر الله ۾ اميد وڌيائي هئي:

ما کار خويش رايخداوند کارساز
سپر ديم، که کرم اوجها کند

سال 1913ع پوري ٿيڻ تي مان چوٿين درجي انگريزي درجي جي آخري امتحان مان نهايت ڪاميابيءَ سان پار پيس، ته رب جي لطف سان لاڙڪاڻي مدرسي ۾ فري بوردشپ جو آردر به اچي مليو. اهڙي خوشي ٿيم، جو ڪپڑن ۾ نه پيو ماپان ۽ يڪدم تياري جي ڦڙڦوٽ ۾ لڳي ويس.

لاڙڪاڻي ڈي روانگي:

حياتي جو ٽيون دور : احوال هي هئوم جو پائڻ لاءِ سنجيدا ڪپڑا ڪون هئم. ٽلهي بافتي جو پهريان، ململ جو پٽڪو، نير ۾ ٻڌل پاچن پريل ستڻ، موچڪي جتي ۽ پناڻن کان ڳڌل ڏگهو ڳدلو يا ڪوٽ، مڙس هليو آ لاڙڪاڻي جنهن بابت ان وقت چيو ويندو هو: "هجيئي هڙ ۾ ناڻو، ته گهر لاڙڪاڻو". ٻيجل وانگي واليءَ در وينتي ڪيم: "پلا پيري پرا پالهو پاند پينار جو."

پراڻا سراڻا ڪپڑا ۽ قدري ڪتاب پراڻي لوهي صندوق ۾ وجهي الله جي آس ڪري گاڏيءَ ۾ وينس. ٽن ڇڻ ڪلاڪن اندر اچي لاڙڪاڻي نڪ ڪيم ۽ پچائيندي پچائيندي مدرسه الاسلام لاڙڪاڻي جي ديوارن اندر داخل ٿيس. زميندارن جا البيلا ۽ خوش پوشاڪ چوڪرا منهنجي اها اپالي ۽ زوليده حالت ڏسي اچي ڪل ۾ چٽڪيا چي" هي رئيس به آيو آهي پڑهڻ."

حقيقت ڪري هي پهريون مثال هو جو هڪ غريب هاري جو ٻار، لاڙڪاڻي مدرسي ۾ زميندارن جي ٻارن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي تعليم ونڊي ۽ ساڻن گڏ ساڳيءَ ميز تي ماني کائي. اها انهن لاءِ وڏي اهانت ۽ ذلت هئي جو هڪ لال پتوت ساڻن همسري ڪري. ان وقت مدرسي جو پرنسپال مرحوم قاضي جان محمد صاحب شڪارپوري هو جو پوءِ منهنجو زبردست همرفيق ٿيو ۽ جنهن کي آئون استاد جهڙي عزت ڏيندو هوس سو مونکي ٻڌائيندو هو ته جڏهن منهنجي درخواست مدرسي جي بوردِ وٽ فري بوردريءَ لاءِ پيش ٿي، تڏهن سيني زميندار ميمبرن ان جي سخت مخالفت ڪئي چي " هي غريباڻو ٻار اسان جي اوچي اولاد سان گڏ وهندو ۽ ان ۾ اسان جي شان جي گهٽتائي ٿيندي." ڪليڪٽر هاسٽن صاحب جنهن کي منهنجي درخواست جي انگريزي ۽ اکر وٽي ويا هوا تنهن منهنجي زور سان پنيرائي ڪئي ۽ ميمبرن کي تسلي ڏياريائين ته اهڙي هوشيار ۽ ذهين چوڪري جي مقابلي ۾ پاڻ اوهان جي چوڪرن کي رشڪ ايندي ۽ ممڪن آهي ته اهي پڻ سنديس ذهانت ۽ هوشياري ڏسي ستڙي پون.

بهرحال ٻئي ڏينهن پنجين درجي واري ڪلاس ۾ وڃي وينس. چوڪرا مونکي ڏسي هڪ ٻئي کي پيا اکين جا اشارا ڏين ۽ آستين اندر پيا ڪلن ۽ ڪچڪن. ڪلاس ماستر ميان سبحان علي شاهه مونکي مٿي کان وٺي پيرن تائين نهاري ڏنو ۽ حيرت جو پتلو بنجي ڇڏيو. مڙس قداور،پورو، مٿي تي اڇو پٽڪو ۽ شهپر وڏا، نڪ چتونءَ چهنبو، ستڻ جهولدار ڪرڙي اک سان ڏٺائين. سڀ سن ڪائي وڃي رهيا. آخر پهرئين گهنٽي جو سبق شروع ٿيو. منهنجي انگريزي ۾ قرات ٻڌي سڀئي حيران ٿي ويا. اگرچه اهو ڪتاب منهنجي اڳ جو پڙهيل نه هو. سوال جواب هليو، لفظن جون هجائون پڇيون ويون، جن ۾ آئون سيني کان ڪٽر ڪٽي ويس ۽ انهيءَ ساعت ۾ پهريون نمبر ٿي وينس. سيني جا ڏند چپن سان لڳي ويا. ماستر صاحب جي ارشاد تي يڪدم

چندو ٿي ويو ۽ مون لاءِ سنا ڪپڑا نهرايا ويا ۽ ٿورن ئي ڏينهن ۾ مان هڪ دهقاني شاگرد مان قري شهري ٿي پيس.

پنجين درجي ۾ چگا شاگرد هئا. مونکي مرحوم شيخ الله بخش ۽ عزيزم غلام حسين ڏل جي سنگت وٽندي هئي. ڏل صاحب سان اها اڳوٽي آشنائي ۽ محبت اجا هلندي اچي چاڪاڻ ته هو اصل کان سهڻن اخلاقن جو مجموعو آهي. سندس نهنائي ، هوشياري ۽ شيرين زباني منهنجي دل ۾ گهر ڪري ويئي. هو پڻ هاڻ مون وانگر فارغ البال ٿي وينو آهي ليڪن اڄ به سندس مرڪندڙ منهن ۽ دلپذير مرڪ اندر جي ڦرهيءَ تي اکريل اٿم. نوڪريءَ جو سارو زمانوشرافت، ايمانداريءَ، پاڪدامني بي ريائيءَ سان گذاريائين ۽ ڪنهن جي چيڑهه ڪي به ويجهو نه ويو. خوشامد برآمد کان پري هو. ۽ سڀ ڪنهن کي سچي ڳالهه چئي ڏيندو هو. افسوس جو پاڪستان جي ظهور بعد حڪومت جي ڪاربردارن سندس قدر نه ڪيو (ايمانداريءَ جو قدر ڪٿي آهي؟) ۽ ڪيس ڪليڪٽريءَ جي عهدي تان قبل از وقت پينشن ونڊي پئي. مرحوم مرزا قليچ بيگ صاحب جي هڪ مشهور غزل جو بند تو ياد پوي!

دغا بازن دغابازي، چغل خورن تي سپ راضي
تڙين جي آهه اڄ تازي، عجب هي دور آيو آ

انهي وقت کهڙو محمد ايوب صاحب ٽئين درجي ۾ هو، جنهن کي مسٽر نواز علي "نياز" خاص طور پاڙهيندو هو. عزيزم غلام رسول ڪيهر ۽ مرحوم سردار واحد بخش خان پٽو چوٽين درجي ۾ هوا. انهي زماني جو قديم فوٽو اجا تائين مون وٽ موجود آهي، جنهن ۾ سيني سان گڏ بينو آهيان ۽ انهيءَ زماني جا فارسي ۾ مسٽر نيڪ محمد کان سکيل بيت اجا تائين ياد اٿم.

تصوير احبان مرا هردم نشاني ميدهد
آنزمان کاندر ميان بوديم خوش بايکدگر
آنگه زمان کج روش شيشه وصل را بشکند
تا نباشد غير ازين مارا نساني در نظر

(4)

مرحوم نيڪ محمد صاحب هڪ نهايت قابل ماڻهو هو. ميٽرڪ سنڌ مدرسي مان پاس ڪئي هوائين. فارسيءَ ۾ گهڻو درڪ هوس ۽ انگريزي پڻ عاليشان ڳالهائيندو هو. شيڪسپيئر ۽ ٻين انگريزي شاعرن جو ڪلام گهڻي قدر ياد هوس ۽ نثر توڙي نظم جا فقرا برزبان فرفر ڪري پڙهي ويندو هو ۽ اسان کي لکائيندو هو.فارسي شعرن مان هي بيت اجا تائين ياد اٿم:

ڪاتب قدرت دوسطر ابروانت ڪج نگاشت
يا زحيرت دست او لرزيد يا مسطر نداشت

شڪل ۽ شباهت ۾مهذب، پر عادتن جو چيڪرو هوندو هو.گلاب جي گلن سان ڏاڍي دل هوندي هيس. هڪ گل ڪوٽ جي ڦڙڪي جي سوارخ ۾ هوندو هوس ته ٻيو هٿ ۾ هوس، جنهنڪي بار بار پيو سنگهندو هو. مان لاڙڪاڻي مان پنجون درجو پورو ڪري ويس، تنهن ڪانپوءِ معلوم ٿيم ته مجازي محبت ۾ قاتل هو، ليڪن مجازيءَ جي پل لنگهي اجا حقيقي تي پهتو ئي ڪين هو ته عشق نهوڙي نيس ۽ پنهنجي جواني پاڻ سان وڻي ويو. مولا تعاليٰ شال مرهيس.

ماريندءِ مجاز، گهٽي ٿوري ڏينهڙين،
هٿان ڇڏم باز، هاري حقيقت جو.

مسٽر نواز علي "نياز" هڪ قابل قدر استاد هو. قطع وضع ۾ صاف ستڙو هوندو هو. اگرچه مونکي پڙهايائين ڪونه پر مون تي گهٽو راز هوندو هوس ۽ پنهنجي خاص ڪتب خاني مان سنا سنا انگريزي ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏيندو هوم. اجا تائين سندس اها پراٽي شفقت هلندي اچي. بحر ۽ قافيي تي بڌل شعر ناهڻ ۾ ماهر آهي. رب تعاليٰ شل ڏينهن ڏئيس.

مطلب ته مدرسي ۾ داخل ٿيڻ بعد ٿورن ئي ڏينهن ۾ مدرسي جا شاگرد توڙي ماستر منهنجي هوشياريءَ تي موهت ٿي پيا ۽ بوربنگ ۾ رهندڙ اڪثر زميندارن جا ٻار مون کان انگريزي سکندا هوا. محترم محمد ايوب کهڙوپنهنجي اوطاق تي رهندو هو. ان سان منهنجي گهٽي لهه وچڙ ڪانه هوندي هئي ليڪن هو مون کي پري کان عزت ۽ پيار سان ڏسندو هو. سندس اها دلي محبت ۽ شفقت اجا هلندي اچي. مون سان سندس مهرباني ۽ رغبت اڳي کان به اڳري آهي. ڪيترن ئي ڳالهين ۾ ساڻس گرندو پوندو آهيان ۽ بعضي بعضي ته تلخيءَ سان سچ چوندو آهيانس پر پاڻ مون سان ڪڏهن به کهرو نه پيو آهي. جڏهين به کيس ملڻ ويندو آهيان تڏهن ٻيا ڪم ڇڏي به مونکي هڪدم پاڻ وٽ گهرائيندو آهي ۽ جيڪي به چوندو آهيانس تنهن کان ڪنڌ نه ڪدائيندو آهي. هڪ دفعي سندس ۽ قاضي فضل الله جي وچ ۾ رقابت هئڻ سبب هڪ سياسي نظر ۾ هئن لکيم

وزارت جي وني آهي ڏاڍي ڏاڍڻ ڏنگي ڏندري
مگر ناهي صبر ذرڙو ادي ايوب ثاني کي

ڪن چيڙي پورن اهو شعر وجي کيس ڏيکاريو پر پاڻ ڪجهه به نه ڪچيائين۽ نڪي مونسان ان جي شڪايت ڪيائين.شل رب العزت کيس مادر وطن جي عزت برقرار رکڻ ۽ ان جي

استقلال حاصل ڪرڻ جي جرائت بخشيس ۽ دنيا جي ظاهري مرتبي جي لوپ لالچ کان برطرف رکيس.

ليڪن منهنجو خاص انس مرحوم الله بخش شيخ ۽ غلام حسين قل سان هو. جي منهنجا همدرد به هوا.

انهن زميندارن فرزندن جا والد به مونتي گهٽا مشفق ۽ مهربان هوندا هوا. هو وڏي ڏيا ۽ حشمت جا صاحب هوا. منجهائن شرافت ۽ وڏ ماڻهپائي پئي بکندي هئي. مطلب ته هر عزت ۽ احترام جا لائق هوا. هيٺين صاحبن جو خاص مون تي مهرباني جو هٿ هوندو هو.

(1) مرحوم قائم خان شيخ
(2) مرحوم پائي خان قل
(3) مرحوم شاهه محمد خان کهڙو
(4) مرحوم شاهه محمد لاهوري
(5) مرحوم الله بخش بگهيو
(6) وڏيرو غالم قادر انڙ
(7) شاهنواز خان پٽو

مدرسي جي بوردنگ هائوس جو ناظم مولوي عبدالڪريم صاحب پٽو مونکي ازحد پيار ڪندو هو ۽ پنهنجي پٽن عبدالغفور ۽ عبدالمجيد جهڙو ڪري ليکندو هو. اڪثر پاڻ سان گوٺ وٺي ويندو هوم. منهنجو فارسي سان چاهه ڏسي. مونکي يوسف زليخا پاڙهڻ شروع ڪيائين. سر تمام منو هوندو هوس ۽ ٻئي ڇٽا الحان سان گڏجي پڙهندا هواسين. ڏاڍو رس ايندو هو. هو مسجد جو پڻ امام هو ۽ سيني بوردرن کي پنج ئي وقت نماز جا پڙهائيندو هو. صبح جو يا عشاء جي نماز بعد باقاعدي دعائن سان گڏ سوره الملڪ (تبارڪ الذي بيده الملڪ) ٿورو ڏاڍيان پڙهندو هو جا مونکي ٻڌي ٻڌي ياد ٿي وئي ۽ هينئر آئون هميشه صبح جي نماز بعد پڙهندو آهيان ۽ سندس روح بر فتوح تي رحمتون موڪليندو آهيان. ضابطو به سنو رکڻ ايندو هوس ۽ سڀ شاگرد سنديس مجتا ۾ رهندا هوا. عجب انسان هو

احب الصالحين ولست منهم لعل الله يرزقني صلاحا

هڪ دفعي لاڙڪاڻي ضلع جو ڪليڪٽر مسٽر هاٿسن صاحب پرنسپال صاحب جي آفيس ۾ آيو.مان جو طوطن جي وچ ۾ ڪانگ هوس، سو مونکي ڏسڻ لاءِ گهرائي ورتائين. سوالن جا جواب ٻڌي ڏاڍو سرهو ٿيو ۽ قاضي جان محمد صاحب کي حڪم ڪيائين ته مونکي ڪپڙا ۽ ڪتاب جلد ڏياريا وڃن. انهيءَ اختصاص جي ڪري پاڻ شاگردن ۾ منهنجو رسوخ وڌي ويو ۽ سيئي اڇئين کان به وڌيڪ مونکي چاهڻ لڳا.

بوردر سيئي زميندارن جا فرزند هوا، تنهنڪري ماني نهايت سني ملندي هئي. رات

ڏينهن ٻوڙ پلاءُ جام ملندو هو. مولوي عبدالڪريم صاحب ٽئي چار ئي وقت ميز جي مهڙ تي وهندو هئو ۽ سيئي فضيلت سان ڪائي اٿندا هوا. نشست برخاست جا دستور سڀ اتي سکيا هواسين. هڪ دفعي قاضي صاحب اوچتو معائني لاءِ آيو. سيني شاگردن "مچ مچ" ڪري پئي ڪاڏو اڻ سڏي طرح چيائين ته هتي ڪي ڪتا آيا ٿا ڏسجين سڀ وائڙا ٿي ويا ۽ چيائون ته هتي ڪي ڪتا ڪون آيا آهن. پاڻ فرمايائون ته "تڏهين هي مڇڪو وري چا جو آهي؟ سڀ سمجهي ويا ۽ آئنده سيئي چپ پيڙي ڪائيندا هئا، مان ننڍي هوندي ڪان گوشت نه ڪائيندو هوس، جو هڪ دفعي پنهنجي عزيزن ابوالحسن ۽ جمن جي طهر تي دنبي جي ڳگرين ڪائڻ ڪري دل خراب ٿي پئي ۽ پوءِ گوشت ڪائڻ ڇڏي ڏنم جنهن ڪري مونکي مائٽ چوندا ئي هئا بانيڻ. هڪ دفعي پنهنجي پالتو ٻڪريءَ کي آڦري ٽيڻ تي سير وڌيم پر متڪي تائين ڪاتي نه پهتي ۽ ٻڪري مردار ٿي وئي. ڪڪڙ کي به شايد هڪ دفعو تڪبير وڌي هونديم پر ٻئي پيرا ايتري قدر ارمان ٿيم جو سڏڪا پري روئڻ لڳس. انهيءَ ڪري اڄ تائين گوشت کان نفرت هوندي اٿم پر لاچار ڪائيندو آهيان. مدرسن ۾ ته گوشت جي بازي هئي سو مان به زميندارن جي پٽن وانگي مانس آ هاري ٿي پيس.

زميندارن ٻچا ۽ رياضي علوم، کوڙوئي نه لڳي سو لاڙڪاڻي مدرسي ۾ حسابن ۽ ڏيهي ليکي ڪانسواءِ الجبرا ۽ اقليدس نه سيکاريا ويندا هوا. مون الجبرا لاءِ "ولڪنس آلجبرا" جوٻيو حصو ۽ "گاڊ فري سڊني جاميٽري" جو ڪتاب حاصل ڪيا ۽ اهي ئي پاڻيهي پڙهڻ لڳس. اقليدس جا 48 سڌيان اڳئي پڙهيل هئم باقي مثال سيئي مفتاه جي مدد سان حل ڪري ڇڏيم. الجبرا پڻ پاڻهي ڪندو هوس پر جيڪڏهن ڪا مشڪلات پيش ايندي هئم ته لاڙڪاڻي هاءِ اسڪول جي هيڊماستر مسٽر ڪوڏو سنگ وٽ ويندو هوس جو پڻ مونکي گهٽو پائيندو هو. مطلب ته هاءِ اسڪول جي معيار موجب سيئي پنجين درجي جا ڪم پورا ڪري ڇڏيم. انهي لاءِ ته آئنده جي ترقي ۾ رخنو نه پوي. باقي لاڙڪاڻي مدرسي ۾ سنڌي جو معيار تمام بلند هو. اسان کي مرحوم قليچ بيگ صاحب جو مقالات الحڪمت پڙهايو ويندو هو جو "بيڪنس ايسيز" جو نهايت عمدو ترجمو آهي. وري جو مرزا صاحب جو مناسب هنڌن تي فارسي شعر جا عمدا مثال منجهس وڌا آهن تن انهيءَترجمي جي قيمت دوبالا ڪري ڇڏي آهي. فارسيءَ ۾"صد حڪايت" پاڙهي ويندي هئي جنهن مان هينيان بيت اجا ياد اٿم:

1. چوب تر را چنانکه خواهي پيچ
نشود خشک بجز آتش راست

2. خورش بده بد دراج و کبک و حمام
ڪه روزي بيفند هماي بدام

3.دل شڪستن بد ترين جرمهاست
زانڪه دل منظور انظار خداست

اهي ٽيئي بيت منهنجي زندگيءَ جو نصب العين ٿي رهيا آهن.

لاڙڪاڻي مدرسي وارو عرصو نهايت آرام ۽ فرحت ۾ گذريو. جمعه ۽ آچر ڏينهن شهر يا پسگردائيءَ ۾ نزهت (تفريح) لاءِ گڏ يا جدا جدا ويندا هواسين. شهر ۾ بعضي سرائي شاهه محمد لاهوتيءَ جي باغ ۽ بنگلي تي ۽ بعضي گهاڙ واهه جي ڪپ تي نزهت لاءِ وڃبو هو يا بعضي سيئو بازار ۾ ضروري شين جي خريد لاءِ وڃڻ ٿيندو هو. بعضي وري غلام محمد صاحب وڪيل ۽ صوبيدار نبي بخش جي بنگلن تي ويندا هواسين جي صاحب شاگردن کي گهٽو پائيندا ۽ گهٽي خاطري ڪندا هوا. لاڙڪاڻي جو شهر انهن ڏينهن ۾ تمام برسيل ۽ چهچٽي دار هوندو هو. وڏن ڏٺن تي وري پنهنجن دوستن سان گڏجي سندن ڳوٺن ۾ ويندو هوس. اهڙيءَ طرح عاقل، ڪل، آباد ۽ شيخ قائم خان جو ڳوٺ سڀ گهمي ڏٺا هئم.

وڪيشن تي ڳوٺ ايندو هوس ۽ گهر جي ڪم ڪار، گاهه پني ۽ پاٽي پرڻ سان گڏ پنهنجي اپياس ۾ مشغول هوندو هوس. پهرينءَ اونهاري واري وڪيشن ۾ جئن رات جو ڇڏ تي ستو پيو هوس تينءَ هڪ عجيب خواب ڏٺم. ڇا ٿو ڏسان ته قيامت برپا آهي مڻا قبرن مان ائين پيا اٿن جيئن ماکيءَ جون مکيون ماناري مان، سڄ چند تارا سڀ تي پيا ڪرن ۽ هر هنڌ نفسي نفسي لڳي پئي آهي. انهيءَ خواب جو تعبير پنهنجي مرحوم دوست پروفيسرظهورالدين احمد کان ٻڌايم جنهن اهو پنهنجي انگريزي ڪتاب "خوابن جي نفسيات" ۾ درج ڪيو آهي ۽ ڏياکريو اٿس ته جيڪو ماڻهو قيامت جو خواب ڏسندو آهي سو وڏي مرتبي کي پهچندو آهي. بهرحال انهيءَ وقت ته مون انهيءَ خواب جو وهيڃاڻو ڪونه وجهايو پر اها ڳالهه سچي آهي ته

سالیکه نیکوست از بهارش پیدا ست

ٻئي ٽرم جي شروع ۾ پهرين عالمگير جنگ شروع ٿي جنهن ڪري ساري ملڪ ۾ٿرٿلو پئجي ويو. تنهن هوندي به ان جو ايترو خراب اثر نه پيو، چاڪاڻ ته ان وقت ملڪن ۾ باهمي آمد رفت جا ذريعا ايترا گهاٽا نه هوا اگرچه ترڪيءَ جي جنگ ۾ گهڙڻ ڪري مسلمانن خلافت تحريڪ شروع ڪري ڏني ۽ منجهن وڏو هيجان پيدا ٿيو.

قاضي صاحب جي وڃڻ کانپوءِ مرحوم عبدالغني چوڌري سنڌ مدرسي مان بدلي ٿي لاڙڪاڻي مدرسي جو پرنسپال مقرر ٿيو. تمام ڪرڙو ۽ تند مزاج هو ۽ شاگردن توڙي پٽيوالن کي ڏاڍيون مارون چاڙهيندو هو. سندس اڇڻ کانپوءِ زميندار چوڪرن پنهنجي روءِ سوءِ سندس اجازت بغير فوٽي ڪيائڻ جو بندوبست ڪيو ۽ مونکي به سنبرائي پنهنجي وچ ۾ بيهاريائون.

ٻئي ڏينهن جو مسٽر عبدالغني کي خبر پئي سو ڏاڍو ڪاوڙيو. سيني چوڪرن کي سخت ڦيهه ڪڍيائين ۽ مونکي به ڪلاس ۾ جهلي جي رسي وهائي ڪڍيائين پر پوءِ منهنجي هوشياري ڏسي ڏاڍو پچتاءُ ٿيس ۽ آئنده لاءِ مونکي تمام گهٽو پائيندو هو ۽ پٽ مونکي حسابن جي حل ڪرڻ ۾ مدد ڏيندو هو، ڇاڪاڻ ته هو رياضي دان ۽ سائنسدان هو. 1911ع ۾ جڏهن اتفاق سان سنڌ مدرسي ۾ آيو تڏهين مونکي ستين درجي ۾ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. جاميٽريءَ جو وارو هو، سو شاگردن کان هي سوال پڇيائين ته "جيڪڏهن ٽڪنڊي جي ڪنڊ کي اڌ ڪنڊ ليکن جي ڏيکهه معلوم هجي ته ٽڪنڊو ڪيئن ناهجي؟" سڀ ائين ڪچن جيئن پٽ تنهن تي مون هيڏانهن هوڏانهن نهاري هٿ متي ڪيو چيائين ته " بس بس هي ته منهنجو شاگرد آهي."

انهن ڏينهن ۾ اسڪولي درجا ڊسمبر ۾ مٽبا هوا ۽ نئون سال جنوري کان شروع ٿيندو هو.سو ٻئي ٽرم جي دوران ۾ هي فڪر اچي دامنگير ٿيم ته ڇهون درجو ڪٽي ۽ ڪيئن پڙهبو. سنڌ مدرسه الاسلام ڪراچي جي پرنسپال کي فري بوردڊي جي درخواست ڪري ڇڏي هيم پر جواب ڪونه آيو هو. حالتون مايوسي جهڙيون هيون، پر ان مهل مالڪ تعاليٰ اڙين جي آڏارءِ بي واهرن جو واهرو جو تڪيو هوم، ۽ دل کي آٽت ڏيندو ٿي آيس.

هان! مشو نويد چون واقف نه اي ازسر غيب
باشد اندر پرده بازيهاي پنهان غم مخور

۽ پٽ لاثاني شاعر شاهه لطيف جو بيت نظر ۾ هوم:

هل اميدان اڳ ۾ ناميدي نيج
هاڙي ڏٽي هيج، آهي آزارين سين

عين انهيءَ وقت حاجي محمد ميمڻ سيوهاڻي نوشهري مدرسي کان بدلي ٿي ٿوري وقت لاءِ لاڙڪاڻي مدرسي جو پهريون نائب مقرر ٿي آيو. جو تن جو ڏگهو ۽ لوڪڙ ننڍي سونهاري رکندڙ، ڪرڪيٽ جو شوقين ۽ پاڙهڻ جو قابل هو. سندس والد صاحب جي اسان جي وڏن سان واقفيت هئي. منهنجو ذهن ۽ ذڪاءُ ڏسي منهنجي بي بسي ۽ بي ڪسي جون حالتون محسوس ڪري يڪدم نوشهري فيروز واري مدرسي جي پرنسپال (مرحوم) رئيس قاضي غلام نبي صاحب ڏي هڪ سفارش جو خط لکيائين ته مونکي مدرسي جي محمدن فنڊ مان در ماهو ٿي روپيا ملن ته باقي خرچ پري اتي ڇهين درجي ۾ داخل ٿيان. ٿوري ئي وقت ۾ جواب باصواب اچي ويو ۽ مان پنجين درجي جي امتحاني نتيجي ظاهر ٿيڻ بعد ٽپڙ ڪٽي ٽلٽيءَ راهي ٿيس.

در بيبان گر بشوق ڪعبه خواهي زد قدم
سر زنشها گر ڪند خار مغيلان غم مخور

(5)

نوشهري مدرسي جي زندگي:

"باز ميخواهم ز سر گيرم ره بيموده را"

گوٺ پهچي نوشهره فيروز ڏانهن وڃڻ جي سنبت ۾ لڳي ويس، تياري ڪرڻ ديرڪان ٿي." سڄي جي مڏي، هڪ ڏندڻ بي تڏي" سو ڪتاب ڪڙا ڪاڻ جي صندوق ۾ قابو ڪري، جهڙا تهڙا ڪپڙا لوهه جي پيتيءَ ۾ وجهي، رلين ۽ چادرن جو بستر ويڑهي لاڏو اٺ جي ٻنهي پاسن کان ڪڙي، پلاڻ جي وچ ۾ ٽنگون ٽيڙي، اڳيان جت ۽ پنيان آئون، صبح جي پهر نوشهري روانو ٿيس.

واٽ تي خيري ديري جو پٽڻ پار لنگهڻو هو. پور تيار هو. اٺ مس مس گرندي گڙندي ڪامون ڪائي ٻيڙيءَ تي چڙهيو مهاڻن ٻيڙي ڏڪي ٻار ۾ وڏي ۽ ونجهه ۽ ڳن هلائڻ لڳا. درياه جو جلوو ۽ جوش ڏسي دل دهلجي وئي ۽ بي اختيار هي بيت پڙهيم

جت سڄي ٻيڙ تک، ٻيڙو اتي ٽيلهي وڏوم
لهر لوڏي کان الاهي، امن سان پهچاءِ پار.

هيءَ حياتي ۾ پهريون پيرو هو، جو درياء جو منهن ڏٺو هوم. نہ تہ هن کان اڳ ڪيترائي دفعا ٻوڏن هوندي ٻيڙي ۾ چڙهي سيوهڻ لعل شهباز جي ميلي تي ويندا هواسين ۽ ستن اٺن ميلن جي پاڻيءَ جي مسافري کل خوشيءَ ۽ راڳ روپ ۾ گذري ويندي هئي پر هتي تہ قصو ئي اور هو. ڪو مائٽ مٽ اوڏڙو ڪونہ هئو ۽ نڪو ڪو دڙ دلاسي ڏيڻ وارو، رڳو رب جي تاري ۽ توه هئو. جڏهن وچ درياء ۾ پهتاسين تہ ٻيڙي سير ۾ ايڙ پئي تہ آخر الله الله ڪندي اونهي مان اڪري پار پياسين ۽ باري تعاليٰ جا شڪرانا بجا آنداسين.

پٽڻ لنگهڻ کانپوءِ وري هل هلان ۽ ڪاهو ڪاهه. پلا ، اناويهن يا ٽيهن ميلن جو پنڌ، سو لاڏو اٺ جي جهوپن ۽ جهپڪن ڪري چيلهه ٽي ٽڪر ٽي پئي. آخر هاهر ڪندي مورو ڳچيرو واٽ تي لتاڙيندي، سج لٽي مهل اچي نوشهري مدرسي جي اڳڻ ۾ جمل جهڪايم ۽ سفر جو پهريون پائو پٽ پورو ٽيو، يڪدم پرنسپال صاحب کي خبر ڏني وئي تہ هڙن حالن سان هڪ ڇوڪر ڇهون درجو پڙهڻ آيو آهي. قاضي صاحب کي اڳيئي مسٽر حاجي محمد، خط جي رستي خبر ڏني هئي. سو هڪدم حڪم ڏنائين تہ مونکي وچين هال ۾ رهايو وڃي. انهي وقت ۾ مدرسي جي بوردنگ ۾ ٽي ڊارميٽري (خوابگاهه)هوندا هئا، هر هڪ ٽڪندڙ شاگرد کي ڪٽولو ڏنو ويندو هو.

سو مان بہ هڪڙي ڪٽولي تي هنڌ وڃائي ڏيري تي پئجي رهيس، جو اٹ جي ڏوڏن ۽ ڏڏڪن هڏ گڏ چور ڪري ڇڏيا هوا، ۽ هلڻ کان هلاڪ هوس.

ٻئي ڏينهن صبح جو قدري ٽڪ لهڻ بعد قاضي صاحب جي حضور ۾ وڃي حاضر ٿيس جنهن مونکي محمدن فنڈ مان هر مهيني ٽي روپيا ڏيڻا ڪيا ۽ ۽ ڇهين درجي ۾ داخلا جو اذن ڏنائين، تنهنکري يڪدم وڃي ڪلاس ۾ ويٺس. ڪلاس ۾ ڇوڪرن جو ڇگو تعداد هئو ۽ سيئي ڪپڑين لٽين ٺهيل ٺکيل ۽ مهذب ڏسڻ ۾ ٽي آيا. پهريون ئي گهنٽو قاضي صاحب جو هو، جاکاڙ ٽہ هو صاحب ڇهين درجي جي انگريزي وٺندو هو. اصل پاٺ جو ويٺل ۽ عليڱڙهہ جو پڙهيل هو، مڙس بٽ ۾ پريل ۽ عمدو لباس ڍڪيل ننڍي فرينچ ڪٽ ڏاڙهي رکيل ۽ پيڪي دار هو. سندس ڳالهاءُ ڳنڀير، ڏنڪ وارو ۽ بلند هو ۽ حرف حرف چٻي چٻي چيئي ٽي ڪڍيائين. سندس پيشاني مان نهايت ۽ نياڻ جو نور پئي بکيو.سندس گهڙڻ تي سناٽو لڳي ويو، جڏڪ سيني مٽان چپ پئجي ويئي ڪنهن کي مجال جو سندس اساري کانسواءِ ڪجي سگهي. آخر درس جو دور شروع ٿيو. ٽوريئي وقت ۾ منهنجي هوشياري ۽ فلڪ ڏسي سيني کي تيرس وٺي ويو ۽ انهيءَ ئي گهنٽي اندر مون وڃي پهريون نمبر والاريو، اگرچہ مون وٽ نڪي ڪلاس جا ڪتاب هوا ۽ نڪا ڪا ڪنهن قسم جي اڳ تياري ڪئي هيم. قاضي صاحب نهايت خوش ٿيو ۽ يڪدم مونکي ڪلاس ۽ هال جو مانيٽر مقرر ڪيائين. سڄي اسڪول ۽ بوردنگ ۾ ڏوم مچي ويئي ولله الحمد.

اين سعادت بزور بازو نيست
تا نہ بخشند خداءِ بخشنده

مطلب ٽہ ٽوريئي وقت ۾ مدرسي جا ماستر توڙي شاگرد منهنجا گرويدا ٿي پيا، جا سچائي ۽ محنت مون انهن ۾ ڏٺي، سا ڪا ورلي نظر ايندي.

بوردنگ جي زندگي نهايت خوشگوار گذري ماني سادي، ليڪن نهايت سٺي ۽ سوادي ملندي هئي. مهيني جي ويسي فقط ڇهہ روپيا هوندي هئي. پر اڄ اهڙي خوراڪ هوند ست روپئي ۾ بہ ڪانہ ملي. برڪت پريو زمانو هو. هٽ ۾ جس ۽ شيريني هوندي هئي،وري جو هڪ بورچي يونس نالي ٽيون تلو بلڪل سٺو ۽ عمدو تيار ڪندو هو. ٻوڙ ۾ ايڏي ٽہ لذت هوندي هئي جو ڏئو ڪرڻ ڪانپوءِ بہ دل چوندي هئيتہ اجا بہ ڪائجي. بورچيخاني جي نظر داريءَ تي آخوند ڪريم بخش نالي سنڌي شده (Domicile) پنجابي هو، جو هڪ نهايت پاڪباز ۽ متقي شخص هو. مسجد ۾ نماز بہ اهوئي پڙهائيندو هو. جمعي جي ڏينهن خطبي مهل وڏي درد ۽ سوز سان وعظ ڪندو هو. اکين جا نار پيا ٽمندا هئس ۽ ايترو ڊپ هوندو هوس جو پائنبو هو ٽہ جڙ قيامت جي ميدان ۾ بيٺل آهي. انهن ٻنهي کي ڏي پي آءِ واري زماني ۾ وري مليس ڏاڍي حب ۽ اڪير سان پيش آيا ۽ مون بہ

سندين وڏي مرحبا ڪئي آخوند صاحب پوءِ ستت ئي وفات ڪئي. ايا تائين سنديس نوراني شڪل مونکان نٿي وسري.

بوردر سپ نيڪ نمازي هوندا هئا. پاڻ ۾ قرب ڏاڍو هوندو هون. سپ ڪنهن جمعي رات مسجد ۾ شغل ٿيندو هو ۽ سپ سومهياڻي جي نماز کانپوءِ گهٽو وقت مسجد ۾ وينا هوندا هوا. سيد عالم شاهه (جو پوءِ ٻيلائي آفيسر ٿيو) محمد رمضان (جو پوءِ مولوي عبدالواحد جي نالي سان سڏجڻ ۽ عمر ڪوٽ ۽ حيدرآباد ۾ عربي پڙهائيندو هو) ۽ آئون گڏجي مولود چوندا هئاسين. منهنجو خاص سنگتي نور محمد انصاري گهيڙ گجوءَ وارو ۽ مرحوم محمد رمضان منهنجا ذڪريات (احوال لکندي) بيان ٿا ڪن ته مان انهن ڏينهن ۾ فجر جي نماز کانپوءِ باقاعدي مراقبي ۾ وهندو هوس ۽ بعضي بعضي ذڪر جلي يا خفي ڪندي مونکي اهڙو ته حال اچي پوندو هو جو دنيا ۽ ماسوا جي سڌ نه رهندي هيم. چوڪرا پائيندا هوا ته مونکي جنڙيءَ ورتو آهي. پر هيءَ هڪڙي قلبي ۽ روحاني ڪيفيت هئي، جنهن ۾ اهي انوار ۽ تجليون نازل ٿيندیون هيون. جن جو بيان ڪرڻ نه جڳائي. انهي زماني ۾ ڪيترائي سنڌي توڙي فارسيءَ ۾ ڪلام چير جي هڪ چوپڙيءَ ۾ قلمبند ڪندو ويندو هوس. افسوس اها چوپڙي عزيزم نورمحمد انصاريءَ پاڻ وٽ رکي ڇڏي، جا پوءِ ڪانئس مجذوبيءَ جي حالت ۾ گم ٿي وئي. فقط هڪ سنڌي غزل جو ٽل ياد اٿم، جنهن ۾ پهرين ست گل خندان جو مصنف آخوند لطف الله جي هڪ بيت مان تضمين طور ورتل آهي

منهن ۾ تنهنجي ڪو پيارا هو تجلو نور جو
ٿيو پسڻ سان پهڻ پارا، ويو جلي ڪ طور جو

اهو غزل گم ٿيڻ بعد ٻي پيرا جدا جدا نمونن ۾ چيو اٿم ۽ هينيون ٻه ٻي مصراعون اجا ياد اٿم:

1. ڪاڻ تنهنجي ڪارڻي، ووڙيم، گهٽا صحرا وندر
هٿ وڻي دڳ لائيو، رولو لهي رنجور جو

2. لن تراڻيءَ کي ڇڏي، منهڙو پسائج مون پرين
وصل جو وعدو ڏيو، من مهت ٿئي مهجور جو
3. پاڻ کان پاسي ڀڄي، محبوب جو منظر ڏٺم
ويو وچان پردو حيا جو، منهن ڏٺو مستور جو

افسوس جو ڪاغذ تي نه لکڻ ڪري ٻيا بند نالي سوڌا وسري ويا اٿم، شايد وري ڪنهن بسط جي حالت ۾ دل تي اتري اچن.

موضوع کان ٻاهر نه ٿيندو، جيڪڏهن چند ستون ماسترن صاحبن جي باري ۾ لکان. ميان عبدالعزيز تنيو نهايت هڪ پلو انسان هو. سنڌي لباس پائيندو هو. اندرٻاهر هڪ جهڙو هو. سندس

www.sindhsalamat .com

فرشتن جهڙي صورت ڏسي دل کي گهڻي راحت ايندي هئي. صوم و صلوات جو بلڪل پابند هو. قاضي عبدالغفور صاحب نوشهرائي پڻ هڪ نيڪ شخص هو. آواز چيچاتي ۽ انگريزي سڻي ڳالهائيندو هو. مولوي امام بخش صاحب جو اسان کي فارسي پاڙهيندو هو، سو انشاء پردازيءَ ۾ پڙ هوندو هو. ڳالهائڻ اهڙو ته منو هوندو هوس، جو چئجي ته وينو ٻڌجيس. انگريزي سکڻ جو گهڻو شوق هوندو هوس، پر اچار عجيب هوندا هئس. استمڪ کي استوميچ ڪري پڙهندو هو. مرحوم نصير محمد نظاماڻي ۽ مرحوم الله بخش ٽالپر جي پٽوري واري مدرسي مان سيد محمد علي شاهه وٽان پڙهي هتي پنجين درجي ۾ داخل ٿيا هوا تن ۽ منهنجي وچ ۾ انگريزيءَ ۾ مناظرو ڪرائيندو هو ۽ اسان جي گفتگو ٻڌي پنهنجي انگريزي سڌاريندو هو. بدن جو ٿلهو ۽ نهايت ظريف هوندو هو. مرحوم قاضي صاحب رئيس غلام نبي جي فضيلت، شرافت ۽ قابليت جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي، پنهنجو مٽ پاڻ هو. انجو منهنجي حياتيءَ ۾ وڏو هٿ آهي.

مونکي بابي هلڻ وقت خرچ پکي لاءِ فقط چوڏهن روپيا ڏنا هوا. جن مان پٽڻ جو پاڙو به ڏنو هوم. ۽ باقي رهيل ڪتابن ۽ نوٽبڪن ۽ پهرئين مهيني جي ويسيءَ تي خرچ ٿي ويا. اها پهرئين ۽ پوئين رقم هئي جا مون کي بابي کان پڙ پئي هئي. ان کانپوءِ سارو طالب علميءَ جو وقت مون کانئس پائي به نه گهري، پاڻ کيس خرچ کاڌار پهچائيندو هوس. مون قاضي صاحب جن سان پنهنجي ڪٽلائيءَ جو احوال ڪيو، تنهن چا ڪيو جو باقي بوردنگ جو اڌ رهيل ماهيانو مواجه به معاف ڪري ڇڏيائين، پوءِ هڪ منو ٿي پنهنجي پڙهڻ کي لڳي ويس.

مرحوم قاضي صاحب جو مونتي گهڻو راز هئو. اڪثر پنهنجي آفيس ۾ گهرائيندو هو ۽ پنهنجا سنڌيءَ ۾ لکيل مضمون پڙهي ٻڌائيندو هوم. جي نهايت دلپذير هوندا هئا. هڪ دفعي ڪلاس ۾ ڪنهن موضوع تي انگريزيءَ ۾ مقالو لکڻ لاءِ ڏنائين. مون اهو مضمون اهڙي دلڪش پيرايي ۾ لکيو جو ڪيس حيرت وٺي وئي ۽ جڏهن پڪ ٿيس ته مون پنهنجا خيال ڪنهن تان نقل نه ڪيا آهن، تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو ۽ اهو مضمون مدرسي جي سڀني ماسترن ڏي مطالعي لاءِ ڏياري موڪليائين چي " اهڙو مضمونم ڪو ايم اي پاس ٿيل به لکي ڪين سگهندو." قاضي صاحب اها ڳالهه پچاڙيءَ تائين سيني کي ٻڌائيندو ۽ ساراهه مان ڪين ڏاپيندو هو، حقيقت ۾ انگريزيءَ سان منڊ کان وٺي گهڻو چاهه هوندو هوم. نوشهري مدرسي جي ڪتب خاني ۾ ڪو اهڙو ڪتاب مشڪل هوندو جو مون نه پڙهيو. ڇهين درجي جي اوائل ۾ سر سيد امير علي جو معرڪته الآراء ڪتاب **Spirit of Islam** "اسلام جو روح" پڙهڻ ۽ سمجهڻ کا سٽري ڳالهه نه هئي.

مئي مهيني ۾ اونهاري جي موڪل ٿي. مان پيادو ئي پيادو واٽ تي پنهنجي دوستن سيد پيرل شاهه (جو هن وقت خيرپور رياست ۾ وڪيل آهي) ۽ ملڪن جي وڏيرن چوڪرن وٽ منزلون ڪندو، ملڪن وارو پٽڻ پار پئي، ڦلجيءَ کان باقي رستو ريل گاڏيءَ ۾ طي ڪري، بوبڪ

اسٽيشن کان ڪجھ پھتس. جتي تعطيل جا ڏينھن گزاري جولاءِ جي شروعات ۾ گرمي سخت ھجي، ساڳيو رستو ونڊي وري ٻہ پنڌ ئي پنڌ نوشھري ۾ پھتس. جڏھن اھا ڪشالا ياد پوندا اٿم، تڏھن حيران ٿيندو آھيان، تہ اھي ڏاڪڙا مون ڪيئن ڪڍيا. ايڏو ڪو علم لاءِ اڳانجھو عشق جو ، جو انجي راھ ۾ ٽڪ ئي نہ ٿيندو ھوم.

ھيچ گه ذوق طلب از جستجو بازم نداشت
دانه مي چيدم دران روزي ڪه خرمن داشتم

آخر اھا ڪھڙي ڏڻ ھئي، ڪھڙو ذوق ھو، جن مونکي ايتريون سفر جون سختيون سھائيون؟ انھيءَ ڪڙائيءَ ۾ ڪا اھڙي منائي ھئي، جنھن مونکي ماڻ ڪري وھڻ نٿي ڏنو. يار خدايا! ڪھڙي ھن ناتوان کي طاقت آھي، جو تنھنجا شڪرانا مجي؟

من ازين رنج گرانبار چه لذت يابم
ڪه باندازه آن صبر و نباتم دادند

اسڪول جو ڪم جديت سان شروع ٿيو. ھاڻي وانگر ڪونہ ھئو، جو اسڪول ۽ ڪاليج ڪلي وڃن، ۽ تنھن ڪانپوءَ ٻہ ڪيترائي ڏينھن ڇوڪرا ۽ ماستر پيا ھوائون ڪائن. نوشھري مدرسي ۾ فقط ڇھين درجي تائين تعليم ھئي، جنھن ڪان پوءِ ڇوڪرا وڌيڪ پڙھڻ لاءِ سنڌ مدرسہ الاسلام ڪراچيءَ ۾ ويندا ھئا. مون کي اھا جھوري رھندي ھئي تہ سال پوري ڪرڻ بعد ڪيڏانھن ويندس، پر قدرت پرده پنيان پنھنجو ڪم خاموشيءَ سان پئي ڪيو. جنھن جي مون کي ڪل ئي ڪانہ ھئي. ھيترو ضرور چوندس تہ منھنجي دل ڪڏھين ڪان ڏڏي ۽ پورو يقين ھوم تہ جڏھن وقت پريو. تڏھن ڪارساز پاڻھي ڪونہ ڪو بندوبست ڪندو.

سعيء ما در ڪار ما آزار ما
ڪارساز ما بفڪر ڪار ما

نيٺ آگسٽ مھيني ۾ آردر اچي ويو تہ مون کي لاڑڪاڻي ضلع مان سنڌ مدرسي ۾ فري بوردري ملي آھي. اھا خبر وڃ وانگر مدرسي ۾ پکڙجي وئي ۽ سيني کي ڏاڍي سرھائي حاصل ٿي. اگرچہ ارمان ٻہ ٽين، جو مان ستت نوشھري جا وڻ ڇڏڻ وارو ھوس. مون ٻہ دير ئي ڪان ڪئي. يڪدم ٽپڙ ٻڌي، اٺ تي ڪشي، وڃڻ جي تياري ڪيم. سڄي مدرسي جا ماستر ۽ شاگرد احاطي ڪان ٻاھر نڪري موڪلائڻ لاءِ آيا.دوستن جي اکين مان پاڻي زار زار پئي وھيو. مطلب تہ ھڪ عبرت خيز نظارو ھو. منھنجي دل ٻہ پرجي آئي ۽ سيني سنگتين کي پاڪر پائي ۽ ٻين کي ھٿ جي اشاري سان خير بادچوندي، اٺ تي چڙھي، جرپٽيون جھاڳنيندي پڌ عيدن جي استيشن تي پھچي ۽ وڃي

www.sindhsalamat .com

آگگاڏيءَ جي انتظار ۾ وينس.

چه خوش باشد که بعد از انتظاري
به اميدي رسد اميد واري

نيٺ گاڏي به آئي ۽ اوساس پريندي ان ۾ ٽپڙن سوڏو ٽپ ڏيئي انن ڏهن ڪلاڪن جي ٽڪائيندڙ مسافريءَ بعد اچي ڪراچيءَ ۾ پر گهڻ ٽيس.

کس نمي گويم از منزل آخر خبري
صد بيابان بگزشت و دگري در پيش است

(6)

سنڌ مدرسه الاسلام ڪراچي واري زندگي:

تو ميندار که ايـن قصـه از خـود ميگـويم
گـوش نزديـک لـبم آر کـه آوازي هسـت

منهن اونداهيءَ جو وقت هو، جو ڪراچي شهر جي اسٽيشن تي پهتس مدرسو ويجهو هو، سو ٽانگي ڪرڙ بدران مزور کان ٽپڙ ٽاڙي ڪٽائي ۽ ڪجهه پنهنجي مٿي تي رکي، اچي مدرسي جي دروازي تي پهتس. بوردنگ هائوس جي سپرنٽنڈنٽ صاحب خواجه علي محمد کي رپورٽ ڪئي وئي. جنهن حال في الحال هڪ اکٽ جي ڪوٺي رهڻ لاءِ ڏني، ڇاڪاڻ ته حسن علي هائوس ۽ خيرپور هائوس ٻئي پريل هوا، اها ڪاٺ جي ڪوڏين جي قطار ساڳئي موقع تي هئي، جتي هينئر سردار هائوس اڏيل آهي، ٻي ڪاٺ جي ڪوٺين جي قطار وري راند جي ميدان تي هئي، جا بنسبت وڌيڪ صحتمند ۽ روشن هئي. مان به هوند کي ان هوند تي ترجيح ڏني. انهيءَ پوسل واري ڪمري ۾ توڪل ڪري رهي پيس. ان وقت شاهه جو هي صوفياڻو قول دل تي ڪون هوم.

هونديا هوت پري، اوڏو تان ان هوند کي

مان جو ٽڙي ٽڦڙي، سفر جا ڏاکڙا ۽ ڏولاوا ڏسندي، هتي اچي پهتو هوس، جو پانيم ته هاڻ اطمينان ۽ راحت جي زندگي نصيب ٿيندي ۽ وري شهر شهر رلڻو ڪون پوندم.

چندانکــــه دســــت ويــــا زدم آشــــفته تــــر شــــدم
ســــاکن شــــدم، ميانــــهٔ دريــــا کنــــار شــــد

منهنجو حال ب بي بي عائشہ رضہ جهڙو هو، جا جمل جي جنگ ڪانپوءِ سي ڏڪ ڏاکڙا وساري اچي مدينہ شريف ۾ متمڪن ٿي.

فالقــــت عصــــاها واســــتقرت بهــــا النــــوي
کمــــا قــــر عينــــا بالايــــاب المســــافر

ڪم ت ڪٹن هو، پر مالڪ تعاليٰ مشڪل کي آسان ڪري ڏنو.

کار مشکل بود، مابر خویش آسان کرده ایم

رات جي مانيءَ جو گهنڊ وڄو ۽ سي ڪو ڊائيننگ هال ڏي ڇڪو. ان وقت مانيءَ جا ٽي قسم هوا، ان موجب بوردرن جا ب ٽي طبقا هوا. غريب، متوسط ۽ شاهوڪار درجي جا شاگرد جدا جدا ميزن تي وهاريا ويندا هوا. اهو ڪلاس بنديءَ جو طريقو ڏسي، دل کي سخت نفرت آئي. لاڙڪاڻي ۽ نوشهره وارن مدرسن ۾ مسڪينن ۽ توانگرن جي وچ ۾ ڪو سنڌو سيڙهو ڪونہ هوندو هو، سي شاگرد پاڻ کي هڪجهڙو ڪري سمجهندا هوا ۽ ذات پات جو ڪو لحاظ ئي ڪونہ هوندو هو. جنهنڪري منجهن اخوت ۽ مساوات هوندي هئي. هتي ت ليڪو ئي ابتو هو. مال تي منائي هئي. فري بوردرن ۽ غريب شاگردن جو ڪاڌو تمام غليظ ۽ بي سوادو هوندو هو. صبح جو تشي جهڙي چانهہ ۽ رکي ڊبل روٽيءَ جا ب ٽڪر، ٻن پهرن جو سڪل ايوگي ڪٽڪ جي مانيءَ دال، ياڄي ۽ بي سوادي گوشت ۽ رات جو چانورن سان تازا پلاءِ دال يا پٽڙي شروي وارو گوشت يا سائي اٽيي ياڄي يا اڌ پاڻي ملايل کير ملندو هو. مطلب ت هڪڙي ڏينهن ۾ ئي لاڙڪاڻي ۽ نوشهري وارا چورما ۽ قورما وسري ويا. پرسان متوسط ۽ اعليٰ درجي وارن کي پلاءِ، بريانيون ۽ يخنيون ڪائيندو ڏسي، غريب شاگردن جو پتو پاڻي ٽيندو هو ۽ ڪيترا ت پيا واجهائيندا هوا ت من ڪو سڏيو ٽڪر پور، ٻوڙ يا پالءُ سامهون دوستن کان پلئہ پوين. مان سڪل ڏوڏن تي هريل هوس سو مونکي ت انهيءَ ڳالهہ جي پرواهہ ئي ڪانہ رهندي هئي.

اي قناعــــــت تــــــونگرم گــــــردان
کــــه و اي تــــو هــــيچ نعمــــت نيســــت

رات جي مانيءَ بعد باقاعده ٽيوشن ٽيندي هئي ۽ سڀ بوردر بلا استثناء جي هڪ گهنٽي لاءِ مدرسي جي متئين هال ۾ هڪ پگهاردار ماستر جي نظرداريءَ هيٺ ڪلاس جا ڪم پڙهندا هوا. ۽ پنهنجون مشڪلاتون ماستر صاحب کان حل ڪرائيندا هوا. ٽيوشن کان موٽڻ بعد عشاء جي نماز جي بانگ ايندي هئي ۽ سڀ کو نماز پڙهي پنهنجي پنهنجي ڪوٺيءَ ڏانهن راهي ٽيندو هو ۽ يارهين بجي بتي وسامڻ تي بستري داخل ٽيندو هو.

نماز جو خاص تاڪيد هوندو هو ۽ اڪثر سيئي وقتن تي باقاعده حاضري ورتي ويندي هئي. ان وقت مسجد جو مانيٽر مسٽر علي محمد سيال هوندو هو جو پوءِ ڊي پي آءِ واري زماني ۾ منهنجو شخصي معاون (پرسنل اسسٽنٽ) ٽيو. نهايت سچائيءَ، خلوص ۽ وفاداريءَ سان سارو قوت نباهيائين. مسجد جو خطيب مولوي عبدالرحيم مگسي هو جو نهايت معقول شخص هو ۽ پنهنجو وظيفو تمام پابنديءَ ۽ صدق سان بجا آڻيندو هو. هن بزرگ جو منهنجي حياتيءَ ۾ وڏو هٿ هو. جئن اڳتي هلي جا بجا موقع آهر سندس ذڪر ڪندو رهندس.

ٻئي ڏينهن صبح جو ڇهين درجي جي پهرئين حصي ۾ وڃي پهتس. ان وقت ڪلاس جو ماستر مسٽر ڊي پي ڪوٽوال پارسي هو، جو مدرسي جو نائب پرنسپال به هو، مگر پرنسپال تي ايڇ وائينس جي موڪل تي وڃڻ ڪري پرنسپاليءَ جو عهدو پڻ هلائيندو هو. نهايت لائق ۽ فائق شخص هو. اگرچه مذهبي نقطه نظر کان زرتشتي هو ليڪن ٽياسافٽ هئڻ سبب ، وٽس مذهبي مت پيد ڪونه هوندو هو ۽ سيني کي هڪ جهڙو ڪري پائيندو هو. اڪثر چوندو هو ته الله پاڪ مرڪز آهي ۽ اسين آهيون گهيري تي مختلف ٽپڪا جيڪي مرڪز کان برابر فاصلي تي آهن، انهيءَ وقت عمر جو ڪروڙين هو، اونهاري سياري ڇٽي ڪلهي تي رکندو هو. سندس ڏگهي ڏاڙهي ۽ لڙيل مڇون سندس وات ڍڪي ڇڏيندیون هيون. ڪنڌ هميشه هيٺ هوندو هوس ۽ اکيون مشعلن وانگر پيون برنديون هيس. سندس زيرلب گفتي ۾ ايڏو ته اثر هوندو هو جو ڪوبه شاگرد ساٽس گستاخ نه پئجي سگهندو هو. ميهڙ جو هڪ چوڪرو مينهون نالي ۽ بيا ساٽس گستاخ پوندا هئا ته چوندو هون "بيوقوف چوڪرا ويهي رهو." پاڻ انگريزي، تاريخ ۽ حساب سيکاريندو هو. انگريزي ۾ سخت ماهر هوندو هو.

مان ڪيس پيرين پئي مليس ۽ ادب سان سندس آڏو بيهي رهيس. مون ڏي گهوري نهاريائين ۽ منهنجا ڪٽل ڪپڑا ۽ ڏنگي ڦڏي جتي ڏسي قياس اچي ويس. يڪدم حڪم ڏنائين ته مونکي هڪ ڪپڙن جو وڳو ۽ ڪاري علي ڳڙهه شيرواني نما ڪوٽ ۽ هڪ بوٽ ڏنو وڃي ۽ سندس اشاري تي وڃي پوئين بينچ جي آخري نشست تي وينس جيئن اڳئين زماني جو دستور هوندو هو ته نئين شاگرد کي پوئين جڳهه تي وهاريندا هوا. سندس گهنٽي ۾ پوئين قطارٽپي، اچي انهي کان اڳينءَ تي وينس. ٻيو گهنٽو مسٽرٽرميڪ لال مرهٽي جو هو، جو اسان جي ڪلاس

www.sindhsalamat .com

ڪي مضمون نويسي ۾ جاميٽري سيکاريندو هو. جوان ، شڪل جو ناهوکو، ڪپڙين لٽين نهيل نڪيل، وڏن شهپرن وارو نهايت شانائتو ۽ پيڪي دار مڙس هو. ڏاڍو چتر زبان ۽ پنهنجي موضوع ۾ ماهر هو. ڪو سوال ڪلاس کان پڇيائين جو ڪنهنکي به نه آيو آگر گڏندو، مونکي به چڏي ويو چو ته مان اتي جي قاعدن قانون کان واقف نه هوس. سو جواب لاءِ ڪڙو ٽي ٻيڻس، جنهن تي ڪيس ڏاڍي خار آئي ۽ ڪاوڙ مان تريءَ تي هڪ بيد جو لڪڻ وهائي ڪڍيائين. منهنجون ته متيون ئي منجهي ويون ۽ پهرئين ڏينهن پنهنجي غفلت جو نتيجو پاتم. سي نمبر لتاڙي، اڇي پهرئين جڳهه تي ويٺس تڏهين ڏاڍو ارمان ٿيس، ۽ ڪلاس ۾ علي الاعلان پنهنجو پڇتاءُ ظاهر ڪيائين ۽ آئنده لاءِ منهنجي گهٽي عزت ڪرڻ لڳو، حتاڪ اسڪول کان خارج ٿيڻ بعد به جيڪڏهن مونکي ڏسندو هو تڏهين مونکي بيهاري حال احوال پڇندو هو ۽ گهٽو پيار ڏيکاريندو هو. سندس خارج ٿيڻ جو به هڪ عجيب واقعو آهي.

وائينس صاحب ولايت کان موٽي آيو آهي. انکان ٿوروئي وقت پوءِ مسٽر ٽرميڪ لال جو اسان جي هڪ چگيءَ عمر واري هم ڪلاسيءَ ايراني شاگرد سيد جواد سان جهيڙو ٿي پيو جو هڪ درلڪ مانيٽر هوندو هو ۽ وائينس صاحب کيس گهٽو پائيندو هو. حقيقت ڪري راندين جا سپ مانيٽر توڙي ڏڏ دودستا هوندا هوا ته به کيس تمام وٽندا هوا. اڪثر راندڪر سمجهه جا ڪوتاهه ۽ ڪمن جا ڪچا هوندا آهن. سو سيد جواد ويو وائينس صاحب وٽ شڪايت ڪڍي. مسٽر ٽرميڪ لال به تڙ تڪڙ ۾ ڪلاس چڏي چوٽي لوڏيندو گهڙي ويو وائينس صاحب وٽ ۽ جوش ۾ چيائينس ته يا جواد کي اسڪول مان ڪڍ يا منهنجي استعفا قبول ڪر. وائينس صاحب چيس ته تون پلي نڪري وڃ، تو جهڙا گهٽيئي ماستر ملندا پر جواد جهڙو شاگرد ڪو مشڪل ملندم.مسٽر ٽرميڪ لال کي ڏاڍي بچان لڳي، سو پنهنجي بيعزتي ڏسي يڪدم استعفا ڏئي هليو ويو، ليڪن حقيقت ۾ مدرسي کي وري ٽرميڪ لال جهڙو برجستو ۽ لائق ماستر ڪونه مليو.

ڇهين درجي جو پهريون پراڻ ڪوٽوال صاحب جي ڪري سڃي مدرسي جو نڪ ليڪبو هو. سو منهنجي پهرئين ڏينهن اول نمبر ونڻ ڪري ساري اسڪول ۾ هائس پئجي ويو ۽ ماستر توڙي شاگرد مون ڏي حيرت ۽ اچرج جي نظر سان ڏسڻ لڳا. ڪلاس جا شاگرد اڪثر وڏي عمر وارا هئا جن مان سيد جواد جو ذڪر اڳيئي اچي چڪو آهي، باقي بن ڇٽن جا نالا هئا حبيب دشتي ۽ محمد رضا. پهريون سيني ڪلاسن ۾ تکو هو ۽ منهنجي ساڻس ڇٽا پيٽي هلندي آئي. اگرچه مونکان مارڪن ۾ ڪڏهين به ڪٽر نه ڪنيائين ۽ بعضي ته ڪيس فارسي ۾ به ماري ويندو هوس، باقي مئٽرڪ ۾ سو مون کان فارسيءَ ۾ سرسيون مارڪون ڪٽي ويو ڇاڪاڻ جو سندس مادري زبان هئي. محمد رضا هڪ خاموش، متاوضع ۽ منڍو آدمي هو، منهنجي ساڻس گهٽي محبت هوندي هئي. سندي شاگردن ۾ منهنجي از غيبي رغبت سيد ميران محمد شاهه ۽ مدرسي جي بانيءَ حسن علي آفنديءَ جي پوٽي ۽ مرحوم خانبهادر ولي محمد جي فرزند حسن عليءَ سان هئي

۽ هوبہ مونکي گهٽو پائيندا هوا. شاهہ صاحب سان، باوجود زماني جي تقلبات ۽ بيوفاين جي، ساڻيو پائڀيءَ ۽ دوستيءَ جو رشتو هلندو اچي.

دوردستان را بنعمت ياد كردن همت است
ورنہ هر نخلي بپاي خود ثمرمي افگند

مطلب تہ ٿورن ئي ڏينهن ۾ مدرسي جا اڪثر شاگرد ۽ ماستر صاحب مونکي گهٽو پائنڊ لڳا. بوربر تہ جڏ منهنجا شاگرد بڏجي پيا، حسابن توڙي ٻين ڪن ۾ جيڪي مشڪلاتون هوندیون هين، سي مون کان حل ڪرائيندا هئا. ۽ مونکي پيار وچان "ڪاڪا، ڪري سڏيندا هئا جئن ڪوٽوال صاحب کي قرب وچان "ڪاڪا" ڪوٺيندا هوا.انهيءَ زماني جا ماستر بہ عجيب، هڏ ڏوکي ۽ اعليٰ خيالن جا آدمي هوا. آغا محمد خان پٺاڻ ۽ ميرزا غلام دستگيربئي جوشيلا جوان هوا. ٻنهي کي ترکن سان گهڻي همدردي هوندي هئي، جنهن ڪري وائينس صاحب کين گهٽو ڪين چاهيندو هو، ليڪن انهن جي برخلاف ڪري ڪجهہ نہ ڪري سگهندو هو، ڇاڪاڻ تہ هو ٻئي بلند خيال ۽ محنتي استاد هوا. ميرزا غلام دستگير اسان کي سمائيل صاحب جو ڪتاب SELF HELP خوديارو سنڌيءَ ۾ ميرزا قليچ بيگ صاحب جو ترجمو ٿيل پاڙهيندو هو، ۽ نهايت جوش ۽ خروش سان ان ۾ آيل ڳالهين جي وضاحت ڪندو هو. هڪ بہ دفعو مرحوم محمد صالح ٻٽيءَ بہ سندس غير حاضري ۾ خودباوري پاڙهي پر ان جهڙو اثر پيدا ڪري نہ سگهيو. فارسي وري ميرزا سليمان صفوي پڙهائيندو هو جو ايران جي مشهور شاهي خاندان صفويءَ جي اولاد مان هو. سندس والد ميرزا آصف مشڪين قلم وڏو اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. ميرزا سليمان مرحوم هڪ نهايت بااخلاق ۽ بافضيلت انسان هو. قدري مي گساري بہ ڪندو هو جنهن ڪري سندس سيڪارڙ ۾ وڏي موج ۽ مستي هوندي هئي. مونکي گهٽو پائيندو هو، ۽ ايراني شاگردن کان فارسيءَ ۾ گهٽيون مارکون ڏيندو هوم. جنهن ڪري انهن کي ساڙ ونندو هو. مون فارسي نستعليق لکڻ جي گهٽيئي ڪوشش ڪئي مگرا ن کي پختو ڪري نہ سگهيس، تنهنڪري هميشہ سنڌي توڙي فارسي ، عربي نسخ ۾ لکندو آهيان. 1912ع ، 1915 ۽ 1916ع جا اڪر اجا پاڻ وٽ محفوظ اٿم.ماسوف عليہ مسٽر وائينس مونکي اوائل کان وني پائنڊ لڳو. هو هفتي ۾ هڪ دفعو ڇهين درجي جي عام انگلش ونندو هو. مونکي سيني شاگردن کان زياده مارکون ڏيندو هو. ۽ بعضي بعضي تہ اسي يا نوي في صد بہ ڏئي ڇڏيندو هو. باقي مسٽر ڪوٽوال سو ٿورڙيون مارکون ڏيندو هو. مان چوندو هوسانس "تہ سائين ڏسو وائينس صاحب کي منهنجي انگريزي پسند آهي هو مونکي هيتريون مارکون ڏئي ٿو اوهين ايتري ڪنجوسائي چو ٿا ڪريو. مرهايت چوندو هو تہ احمق هو انگريز آهي، اسان ديسين کي سليس، سادي، پر اصطلاحي انگريزي لکڻ گهرجي تہ اها اسان لاءِ وڌيڪ ڪارآمد ٿيندي. اها سنديس سونهري نصيحت مونکي ڏاڍي وٽيءِ آئنده اجائي گل ڪاريءَ کي ڇڏي، سادي، سهڻي ۽ اصطلاحي انگريزي لکڻ لڳس ۽ اڄ تائين

سولي ۽ سادي انگريزي لکندو آهيان. کاليج واري حياتي ۾ پڻ اها سادي ليکن صحيح انگريزي کم آيم ۽ سيني شاگردن خصوصا انگريزي ادب وارن کان ب سبقت کٹي ويس. اهو سڀ کوٽوال صاحب جي نيڪ مشورن جو نتيجو هو، پر سڀ ڳالهه ۾ مالڪ تعاليٰ جو هٿ هو:

نہ گلم، نہ برگ سبزم، لہ درخت سایہ دارم
ہمہ حیرتم کو دھقان بچہ کار کشت مارا

(7)

سبک زجاي نگيري کہ بس گران گھر است
متاع من کہ نصيبش مباد ارزاني!

لائق استادن جي نور نظر هيٺ منهنجي زندگي ب عجب ٿي پئي. محنتي ۽ سخت کوش ت اصل کان هوس. پر مدرسي منهنجي انهيءَ وصف کي وڌيڪ مهميز ڏني. کوٽوال صاحب جو رويو هوندو هو ت هوشيار شاگردن کي آزاد ڇڏي ڏيندو هو ت پل حساب ، الجبرا ۽ جاميٽري پنهنجي روءِ سوءِ کن، انهي کري سواءِ گهٹي رهبري جي مون ڇهين درجي جو سارو نصاب ختم کري ڇڏيو. حياتيءَ جو هکڙو دم ب اجايو خرچ نہ کيم. سستيءَ ۽ بطالت ۾ پنهنجو وقت نہ وڃايم، خوامخواه ٿوٽيائي کري خدا تي توکل کانہ رکيم، بلکہ واڃي آرام ۽ راحت بعد، هک گهڙي ب بيکاريءَ ۾ نہ گذاريم

از توکل درسبب کاهل مشو
رمز الکاسب حبيب الله شنو
گر توکل ميکني در کارکن
کسب کن بس تکيہ بر جبار کن

اسکول جي راندين روندين م ب برابر بهرو ونندو هوس. خاص طرح صبح جو درل مونکي وٹندي هئي ۽ جڏهن ستين درجي ۾ وائينس صاحب مونکي مدرسہ کرائيکل جو ايڊيٽر مقرر کيو ۽ راندين کان معافي ڏنائين تڏهن ب درل جو وارو نہ گسائيندو هوس. هر روز شام جو استيشن وارو ڦاٽک پار پئي سمنڊ کناري تي گردش کرڻ ويندو هوس. رات جو ڏهين بجي مهل بستري داخل ٿيندو هوس ۽ صبح جو پاڻهي پنجين بجي اٹندو هوس. اسکول جي برج جو گهڙيال ان وقت برابر پنج ڏکے هٹندو هو، بيماريءَ بڙي کان الله تعاليٰ مونکي رکيو. جيکڏهن بعضي لگن تي کٹس جو اثر محسوس کندو هوس ت پاڻ کي رلي ياسوڙ ۾ ويڙهي ٿورو وقت

ليٽي پوندو هوس. پگهر اڇڻ تي تپ توءُ سي رفع ٿي ويندو هو. تمام آڳاٽي وقت کان منهنجو نيم ٿي رهيو هو ته صبح جو ورزش، تخليہ ۽ وهنجڻ کانسواءِ نيرن نہ کائيندو هوس. ايا اهو وضع هليو اچي. مطلب ته سيکا ڳالهہ پنهنجي وقت تي ڪئي ويندي هئي، جنهنڪري ٻين ڪمن لاءِ بہ ڪافي فراغت ملندي هيم. اگرچہ دوستن سان مهل سر ورونهہ ڪبي هئي. پر اجائي ڪيچل ۽ گوڙ سان ڪانہ پوندي هيم:

آنکس ڪے زغوغا نرهد، واي برو
بر خلق جهان دل بنهد واي برو
دردست فقير نيست نقدي جز وقت
آن تيز گر از دست دهد ، واي برو

نتيجي ۾ ڪيترائي بوردر حسابن توڙي ٻين ڪمن ۾ مونکان پنهنجون مشڪلاتون حل ڪرائيندا هئا. هڪ ٻن ڇڻن کي پيسن تي بہ ٽيوشن ڏيندو هوس. جهڙوڪ محمد باقر جوٽيجو ۽ ڪريم بخش ٽانوري، سيد ميران محمد شاهہ حسابن ۾ بلڪل چٽ هوندو هو. تنهن کي باقاعده حساب سيکاريندو هوس. پاڻ ايا بہ علي الاعلان ماڻهن کي ٻڌائيندو آهي ته جيڪڏهن ميٽرڪ ۽ ڪاليج جي پهرئين سال دائود پوٽہ مونکي حساب نہ سيکاري ها ته هر گز هن منزل کي نہ پهچان ها. ڪنهن سان بہ ويرِ وروڌ ڪونہ هوندو هوم. سي ڪنهن سان نمي ڪمي هلندو هوس. بغض ۽ ڪينو منهنجي مذهب جي بہ خلاف هو بلڪ ڪفر جي برابر هو:

کفر است در طريقت ما کينہ داشتن
آئين ماست سينہ چون آئينہ داشتن

سني توڙي شيعا، هندو خواه ڪرستان منهنجي نظر ۾ يڪسان هوندا هوا. سيد عطا حسين شاهہ موسوي، جو منهنجو هم ڪلاسي هو، ۽ نهايت فضيلت وارو، ٿورو ڳالهائو ۽ محتشم هو، تنهن سان منهنجي دوستي انهيءَ وقت کان وٺي جاري آهي

کفر کافر را و دين ديندار را
قطرهء دردت دل عطار را

سوال ڪرڻ يا گهرڻ منهنجي عادت نہ هئي. ڏيڻ وٺندو هوم ۽ وٺڻ کان ونڻُ ويندو هوس ايا تائين اهو شيوو هليو اچي

ڏني ڏکويا، اڻ ڏني راضي رهيا
سامي تي ٽيا، جينءَ ڪين ڪنيائين پاڻ سان

هڪ دفعي مرحوم شيخ قائم خان مدرسي ۾ آيو.ڪيس پيرين پئي وڃي مليس. هلندي وقت مونکي هڪ روپيه يا ٻه ڏيڻ چاهيائين، پر مون ادب سان انڪار ڪيو. ڇيومانس ته اوهان جي شان وڏان نه آهي جو ايتري خسيس رقم ڏيو. مون ننڍي هوندي جي هڪ فارسيءَ ۾ پڙهيل حڪايت ٻڌائي مانس ته اسڪندر اعظم ڪان ڪنهن شخص هڪ درهم جو دان گهريو جو هن ڏيڻ نه قبوليو. چي هي منهنجي شان وڏان نه آهي تنهن تي سائل عرض ڪيس ته پلا فلاڻو ڪي فلاڻو علائقو مونکي عطا ڪريو چيائينس ته تون انهيءَ جو لائق ناهين.

غريب شاگردن جي سهائتا لاءِ وائنس صاحب بعضي بعضي ڪي ڇوڪرا شهر جي متمول ماڻهن ڏانهن موڪليندو هو. هڪ پيري مان ٻه وفد سان گڏجي مرحوم حاجي عبدالله هارون وٽ امداد لاءِ ويس، جنهن جي ڪاٿر خيرات رو وڻياءِ تي ٻڌل هوندي هئي. مان سيني جو سرڪردو هوس. سو مونکي ڏاڍي چنڊ ڪڍيائين چي اوهان سويل ئي پنڻ تي سندرو ٻڌو آهي. اڳتي هلي ڪهڙا ڪبر جا ڪني ڪوهيندا؟ تنهن تي مون نهايت لهر سان چيومانس ته سائين لقاءِ تو بعطاءِ تو بخشيدم. اسين پاڻ لاءِ اوهان وٽ ڪشتو ڪٽي ڪونه آيا آهيون. بلڪ ڪن مستحق غريب ۽ محتاج شاگردن جي مدد لاءِ صدقو گهرڻ آيا آهيون. جيڪڏهن اوهان کي ڏيڻ جي نيت ناهي، ته پوءِ هروپرو اسان جي دل ڇو ٿا ڏکويو؟ ائين چئي سندس ڪوٺيءَ مان نڪري آياسين ۽ اگرچه پوءِ پاڻ پڇتائي ڪيتريون ئي منٿون ڪيائين پر اسان پرواهه ئي ڪانه ڪيس:

مبين حقير گدايان عشق را كاين قوم
شبهان بي كمر و خسروان بي كلهند

اگرچه پوءِ مرحوم مون سان گهڻي قدر مهربان رهيو ڇا پرنسپاليءَ جي زماني ۾ ، ڇا ڏي پي آءِ هئڻ وقت. پر مون ڪائنس ڪڏهين به غريبن لاءِ امداد نه گهري. رب جو لطف آهي، جو اڄا اها استغنا هٿان نه وئي آهي، ۽ اها هستيءَ جي ڪيميا اڄا به دل کي مالامال ڪري رهي آهي:

زپادشاهه و گدا فارغم بحمد الله
گداي خاک در دوست پادشاه منست

۽ انهيءَ وقت کان وٺي فجر جي نماز بعد هي دعا پڙهندو ايندو آهيان

يا رب تو چنان كن كه پريشان نشوم
محتاج براد ران و خويشان نشوم
بي منت مخلوق مرا روزي دهه
تا از در تو بدر ديگران نروم

ع رب العزت ڪڏهين به ڪنهن جي در اڳيان هٿ نه ٽنگايو آهي پر جڏهن ڪڏهين سعيي خاطر مخلوق کي منت ڪئي اٿم، ته محروم ئي ٿيڻو پيو آهي. حقيقت ڪري انهيءَ يڪتا مالڪ جو در ڇڏي غير جي دروازي تي وڃڻ ئي عبوديت جي خلاف آهي

پوريا درم پن، جن پنيي پورت نه ٽئي
نانءُ انهيءَ جوڳن، جو ڏئي ڏرمائي ڪينكي

ع پڻ هينئين دعا جا ننڍي هوندي پنهنجي مرحوم چاچي نظام الدين (ننده) کان سکي هيم. سا به ٻين دعائن سان گڏ پڙهندو آهيان، اگرچه اها شاهه جي رسالي ۾ داخل ناهي ع رڳو فقيرن جي واتان ٻڌي اٿم

جو دم جيارين، هادي حفظ ۾ ركين
هدايت هاشمي، مونكي ڏاتر ڏيارين
محتاجي مخلوق جي، قادر نه ڪارين
آگاهه عبداللطيف چي، ويل نه وسارين
پرڪش پيارين، پاجي دران پانهنجي

ڇهين درجي ۾ ئي خودباوريءَ جا سبق حاصل ٿيا. جي ابعمر وسرڻ جا ناهن. سڀ ڪم پنهنجي هٿان پاڻ ڪندو آهيان ع ٻئي تي هرگز نه پاڙيندو آهيان. اهو انهيءَ عظيم الشان نالي جو اثر اٿم جو اڃ تان لهي ڪريل لڪڙي پاڻ ڪٽنندو هوءِ جنهن عمرو بن العاص جهڙي زبردست فاتح کي چئي ڏنو ته:

متيٰ اتعبدتم الناس وقد ولدتهم امهاتهم احرارا

"اوهان ماڻهو ڪڏهن ٻانهو بنايو آهي، حالانڪ سندن مائرن کين آزاد ڄڻيو آهي. انهي ڪري هر حالت ۾ سچ چئي ڏيڻ ع ٻئي تي پروسو نه ڪرڻ منهنجي حياتيءَ جو نصب العين رهيو آهي.

هڪ دفعي وائينس صاحب سيني بوربرن کي ڊائننگ هال ۾ ڪنو ڪري "خودباوري" تي ويڪياڻ ڏنو، چي هر ڪنهن بوربر کي پنهنجي ڪمري جي پاڻ صفائي ڪرڻ گهرجي، تنهن تي

www.sindhsalamat .com

منهنجو دوست ميران محمد شاهه بگڙي پيو چي اسين پنهنجي رهايش ۽ خوراڪ لاءِ خرچ ڏيون ٿا، پوءِ جو نفرن جو ڪم ڪريون. اهڙي طرح فري بوربرن مان الهڏني (علاءُ الدين) سمي مخلافت واري، جنهن تي وائينس صاحب کي ڏاڍي بچان لڳي. فري بوربرن مان فقط مون ۽ هڪ اباوڙي جي مسڪين چوڪري هام هنئي ته اسين پنهنجي ڪوٽين جي پاڻ صفائي ڪنداسين ۽ پيو به جيڪو ڪم اسان تي ڏريو ويندو سو خوشيءَ سان بجا آڻينداسين. تنهن تي وائينس صاحب اسان کي برقي بتين صاف ڪرڻ ۽ شمعدانن ۾ تيل پرڻ جو ڪم سونپيو ۽ پيو جيڪو اهو ڪم ڪندو هو تنهنکي نوڪريءَ مان ڪڍي سندس پگهار اسان کي ڏياريائين. ازانسواءِ مونکي ڪٽون ۽ ڪٽولا واڍڻ ايندا هوا، سو بوربنگ جي چنل ڪٽولن جي واڍڻ جو ڪم منهنجي حوالي ڪيائين، جنهن مان هر هڪ ڪٽولي تي به چار آنا ملندا هئم. انهيءَ ڪري ايتري قدر پيسو ٿيندو هوم جو نہ فقط ڪتاب ڪڙا خريد ڪندو هوس ۽ ڳوٺ وڃڻ لاءِ پاڙو ڪندو هوس، جي ٻين فري بوربرن کي مدرسي جي خيراتي فنڊ مان مفت ملندا هوا.پر مهيني پر ڪجهه روپيا پنهنجي والد صاحب کي به گهر جي خرچ پکي لاءِ موڪلينڊو هوس مطلب ته:

تا دستر سر بود زدم چاک گريبان
شرمندگي از خرقئ پشمينہ ندارم

انهيءَ سال (1915ع) ڇهين درجي ۾ ٿي مهينا وڌائي آئينده لاءِ انتهائي امتحان مارچ مهيني ۾ رکيائون، جنهن ڪري مقرر نصاب کان به وڌيڪ ڪم ڪيو ويو. مونکي پاڻ بيروني مطالعي لاءِ چگو موقعو ملي ويو ۽ انگريزي ۾ ڪيترائي ڇيدا ڪتاب پڙهي ورتم. سالياني امتحان ۾ هر هڪ موضوع ۾ پهريون نمبر آيس ۽ مدرسي ۾ هيڪاري منهنجي قابليت جو ڏاڪو ويهي ويو ۽ ماستر مڙا سپ مونکي تحسين جي نظر سان ڏسڻ لڳا:

نابرده رنج گنج ميسر نمي شود
مزد آن گرفت، جان برادر که کار کرد

ڏاڍي جوش ۽ خروش سان ستين درجي ۾ داخل ٿياسين. اسان جهڙو هشيار ٽولو ڪڏهين به مدرسي جي مئٽرڪ ڪلاس ۾ نہ وينو هو. بيشڪ اڳئين سال ۾ شيخ عبدالستار لطف علي (هينئر پروفيسر اي ايل شيخ، جنهن سان منهنجي انهيءَ وقت کان الفت هلي اچي) مدرسي جو ڪر مٿي کنيو هو. جو سڄي يونيورسٽيءَ جي مئٽرڪ پاس سڏه مسلمانن ۾ پهريون نمبر آيو هو ۽ جيراز پائي اسڪالر شپ کٽي هوائين.

پر ڪيترائي چوڪرا امتحان ۾ ناڪامياب ٿيا هوا. جهڙوڪ منهنجو مرحوم دوست عبدالرزاق ميمڻ، امان تنيو(نوشهري مدرسي واري ماستر عزيز الله تنيي جو مائٽ) حامد علي ولد علامہ عبدالله هالاڻي وارو وغيره جن کي اسان وجي پڪريو ۽ ڪائنڊ گهڻي قدر ڪٽر ڪٽي وياسين.

انگريزي اسان کي خود وائينس صاحب سيکاريندو هو. جنهن جو صحيح تلفظ ۽ صرف و نحو تي گهڻو ڌيان ڏيندو هو. هو صاحب مدرسي جو ٽيون پرنسپال هو ۽ عليگڙھ مان پروفيسري ڪمائي هتي آيو هو. مدرسي جيڪا نمايان ترقي هن صاحب جي ايامڪاري ۾ ڪئي، تنهنجي تاريخ شاهد آهي. ڏاڍو هڏ ڏوکي هو ۽ هشيار شاگردن تي ساهه ڏيندو هو. پنهنجي هڙان وڙان غريبن جي مدد ڪندو هو. پچاڙيءَ تائين مدرسي جي خدمت ڪيائين ۽ خدمت ڪندي پنهنجا پران تياڳيائين. وائينس صاحب جو مون تي گهڻو هٿ هو ۽ جيڪي به چوندو هوسانس، تنهن کان ڪنڌ نه ڪيائيندو هو. باقي انگريزي ۽ حسابن جو ڪم مسٽر محمد رضا شيرازيءَ جي سپرد هو، جنهن جي هشياري ۽ مهارت جي تعريف منڊ کان وڌي ٻڌندا ايندا هواسين. پاڻ اصل ايراني ٻهائي هو، مگر نهايت صاف دل ۽ گهٽگهرو انسان هو جاگرافي ۽ تاريخ مسٽر نهالچند پاڙهيندو هو پر هو هڪڙو ڊپ هوءِ اگرچ پنهنجووظيفو پوري طرح بجا آڻيندو هو تڏهن به سندس پڙهائي ۾ ڪو جس ڪونه هوندو هو.

هر کسي آن کند که لائق اوست

فارسي جئين اڳي چيو ويو آهي، مرحوم مرزا سليمان صفوي پاڙهيندو هو. هو وڏي ذوق جو صاحب هو ۽ فارسي پڙهائڻ ۾ وڏي دلچسپي ڏيکاريندو هو. حقيقت ۾ فارسي لاءِ محبت هن ئي شخص اسان ۾ پيدا ڪئي ۽ اسان کي ايترو استعداد حاصل ٿيو جو في البديهه فارسي ۾ شعر چئي ويندا هواسين. هڪ دفعي ميران محمد شاهه ۽ مون وينو ئي ٿوري وقت ۾ نٽي ننگر بابت وڏو نظم ٺاهي ورتو جنهن جي پهرين مصرع شاهه ٿي چئي ته قافيي واري مصرع مون ٿي پوري ڪئي. ميران محمد شاهه اڳيئي چگو شاعر هو سو مون پنهنجو مٿي جو سوربه ڪيس ڏئي چڏيو. مرحوم ميرزا صفوي اسان کي حافظ ۽ بين شاعرن جا چيدا غزل انگريزي ترجمي سان لکائيندو هو، جن مان اڪثر اڳيئي منهنجا پڙهيل هوا جهڙوڪ:

1. در سرود زدستر صاحبذلان خدارا
2. اگر آن ترک شيرازي بدست آرد دل مارا
3. مخوان زديرم بکعبه زاهد

نثر ۾ وري اخلاق محسنيءَ جهڙو ادق ڪتاب رکيل هو، جو پڻ وڏي ذوق ۽ شوق سان پڙهندا هواسين، انهي مان مثنوي جون هينيون ستون ياد اٿم. جن جي پڙهڻ ڪري ايجا به اکين مان آب ايندو آهي ۽ دل ڏوپي صاف ٿيندي آهي ۽ سي اولا لهي ويندا اٿم

ايکه خواهي کزيلا جان و آخري
جان خود را در تضرع آوري
کان تضرع رابر حق قدر هاست

www.sindhsalamat .com

وآن بها کا نجاست زاري را کجاست
اي خوشا چشمي که آن گريان اوست
وي همايون دل که آن بريان اوست
آخر هر گريه ما خنده ايست
مرد آخر بين مبارک بنده ايست

(8)

سحر در شاخسار بوستاني
چه خوش ميگفت نغمه خواني
بر آور هرچه اندر سينه داري
سر ودي نالئه آه فغاني

ستين درجي وارو سال سيگهه ۾ سانت ۾ گزري ويو. سپ کو پساهه سجايو ۽ سپ کو سانگ سٹائو هو. ظالم زماني به اهي ساعتون پنهنجا سر ۽ سنگ سانديي رکيا دل ڏڏي ڏانهري ۽ دماغ سالم رهيو. دنيا جي ڪنهن به ڏڪ يا سور هردي تي هلان نه ڪئي سپ ماحول مشڪندڙ ۽ بهڪندڙ نظر آيو. علم جي طلب ۾ پاڻ کي پچائي ڇڏيو هوم. محنت ۽ مشقت منهنجي طبيعت جو پاڳو ٿي پئي هئي. قدرت وات سنواري ڏني هئي. جنهن ڪري هر مشڪل ڪم آسان ٿي پيو. دوست دمساز هوا ۽ استاد مهر پرور، حياتي گلاب جي گل وانگر ڏڙي سرهي ٿي پئي، پر اها پوري خبر هيم ته ڪنڊن جي ڏنگن بغير گل هٿ نه ايندو ۽ ڪسالي کانسواءِ مقصد هاصل نه ٿيندو، تنهنڪري بيش از بيش هٿ حاج ۾ ۽ دل يار ۾ڪم کي لڳي ويس.

بيخار گل نباشد و بي نيش نوش هم
تدبير چيست، وضع جهان اينچنين فتاد

اونهاري جي موڪل ڳوٺ گذاريم پر سياري واري تعطيل ۾ منهنجي دوست سيد ميران محمد شاهه زور پريو ته سرديءَ جو وقت هلي اسان وٽ ٽڪڙ شريف ۾ صرف ڪر ۽ مونکي پڻ حساب سيکار. سندس صلاح مجي ساڻس ريل گاڏيءَ ۾ چڙهي راهي ٿيس. ڪٹڙ جي اسٽيشن تي به اٺ هڪيا تڪيا بينا هئا جن تي سوار ٿي وڃي ٽڪڙ شريف پهتاسون، مونکي اوطاق تي رهايو ويو جتي منهنجي گهٹي خاطري ڪئي وئي ۽ ويڪيشن جو سارو عرصو ڪل خوشيءَ راحت ۽ محنت ۾ لنگهي ويو.

انهن ڏينهن ۾ ٽکڙ جي بستي نهايت وسندڙ ۽ آباد هئي. چوڌاري چراگاه ۽ سايون ٻنيون هيس. اولهه طرف درياء هوس، ته اوپر طرف جبل، جنهنجي ڪارونيار منظر کي وڌيڪ چهچٽي وارو بنائي ڇڏيو هو. جبل ۽ شهر جي وچ ۾ سرهندي خواجگان جي آرامگاهه ۽ سيدن جو مقام هو جتي گهٽائي ماڻهون زيارت لاءِ ايندا ويندا هوا. ٽکڙ جا سيد ساوا ستابا ۽ مهمان نواز هوا. ميران محمد شاهه جو والد سيد زين العابدين شاهه عرف چگل شاهه ۽ چاچو محمد شاهه مون تي گهٽو مهربان هوا. پٽ سنڌي جي وڏي اديب سيد اسد الله شاهه ۽ سيدن جي پڳدار سيد عبدالحڪيم شاهه مون تي هٿ رکيو. سپ مٽياادار ۽ ڪٽن جا ڳهير هئا. سندن منهن موڪرا، سلوٽا ۽ سونهن وارا هئا. سندن مٿن تي اچيون پڳون يا زردار لونگيون نهايت سهٽيون لڳنديون هيون. سندن شهمور يا سفيد ڏاڙهيون سندن ڏيل کي وڌيڪ ڏياادار بنائينديون هيون. هينئر ته سندن پوين ۾ زماني جي قيري اها سونهن ۽ سوڀيا نه رهڻ ڏئي آهي. جڏهين ورهين کانپوءِ ميين عيسي جي تربت جي تلاش ۾ ٽکڙ مان لنگهڻو پيم، تڏهن ڏٺم ته شهر ۾ اها رونق ئي کانه هئي. سپ ڪنهن هنڌ سناٽو لڳو پيو هوجڻ ته ڪو راکاس گهمي ويو آهي. سچ ته وڏن کانپوءِ سچ آهي.

مان هر روز پنهنجا ڪم ٻ پڙهندو هوس ۽ سيد ميران محمد شاهه کي ٻ حساب، الجبرا ۽ جاميٽري سيکاريندو هوس. هر جمعي جي ڏينهن فجر نماز کانپوءِ خواجگان جي مقبري تي دعا پنڻ ويندو هوس ۽ گچ ٽيل ديوارن تي پنهنجي عقيدت جا فارسي زبان ۾ شعر لکندو هوس جي هينئر قطعا وسري ويا اٿم.

جئن مون شروعات ۾ بيان ڪيو آهي ته اسين ابي ڏاڏي کان نقشبندي طريقي جا آهيون اگرچه هاڻ منهنجي ڪنهن خاص طريقي سان وابستگي ڪانهي ۽ نڪي پيريءَ مريديءَ ۾ ڪو وسواس اٿم، هوئن ته سيني طريقن جي بزرگن ، عالمن ۽ اولياء الله جي وڏي عزت ۽ تعظيم ڪندو آهيان. ليڪن انهي زماني ۾ جڏهن دلي ۽ دماغي ڪيفيت اور هئي تڏهن اهي سپ ڳالهيون وٽندیون هيون ۽ شڪ يا گمان کي اندر ۾ جاءِ نه هئي. هينئر ٻ اهو يقين اٿم ته اهي انسان جي روز شب الله تعاليٰ جي يادگيري ۾ گذراين ٿا ۽ دنيا جي لوڀ ۽ لالچ کان دور آهن ۽ جن جو سارو وقت خلق جي هدايت ۾ خرچ ٿئي ٿو تن جي صحبت اڪسير ۽ دعا تاثير واري آهي.

يک زمانہ صحبتي باولیا
بهتر از صد سال بودن بااتقیا
گر تو سنگ صخره اي مرمر شوي
چون بصاحبدل رسي گوهر شوي

اولياء الله جي ڪرامتن ۽ ڪرشمن ۾ بہ اعتبار اٿم. جڏهن جوڳي ۽ سنياسي جي تپسيا ڪرڻ پاڻ ماري اچرج جهڙا ڪم ڪري ٿا ڏيکارين، تڏهن بلڪل ممڪن آهي تہ رسول الله ﷺ جي سچن دوستدارن هٿان اهڙا ڪرامت جا ڪم صادر ٿي سگهن.

انهي وقت خواجگان جي مقام ۾ فقط خواجہ عبدالرحمان صاحب رح جي مزار هئي. منهنجو والد صاحب انهيءَ بزرگ جو مريد هو. جنهنڪري مان بہ انهي روحاني ڪشش کان سندس مقبري جي زيارت لاءِ ويندو هوس. ۽ گهٽو حظ حاصل ڪندو هوس. هيءُ بزرگ پنهنجي زماني جو وڏو اهل الله ۽ پهتل شخص ٿي گذريو آهي. سندس فيض مان گهٽائي ماڻهو وجي راس ٿيا ۽ سندس ڪرامتن جون اڳلهيون عام مشهور آهن. هيءَ روايت مون پنهنجي والد صاحب ۽ ٻين کان ٻڌي آهي.

هڪ دفعي خواجہ صاحب جن سيوهڻ ۾ لعل شهباز قلندر جي درگاهہ تي زيارت لاءِ آيا هوا. هڪ ڪجري ان وقت پئي ناچ ڪيو ۽ ڏاڍيءَ لئي سان پئي حافظ شيرازيءَ جو هينيون غزل ڳايائين:

دل مير و دز دستم صاحبدلان خدا را
دردا که راز، پنهان خواهد شد آشکارا

جڏهن تال ڪندي، هينئين بيت تي آئي:

در کوي نيکنامي مارا گذر نداند
گر تو نمي پسندي، تغير کن قضارا

تڏهن خواجہ صاحب جن ڏانهنس نهاري آگر جو اشارو ڪيو تہ اڦٽ عش ٿي زمين تي ڪري پئي. سڀ حاضرين هائس ۾ پئجي ويا. جڏهن سامت ۾ آئي. تڏهن توبہ تائب ٿي وجي سندن پيرن تي پئي. ۽ پنهنجو گندو پيشو ڇڏي وجي شادي ڪيائين ۽ عزت عفت جي زندگي بسر ڪرڻ لڳي.

بي ڳالهہ ڪندا آهن هڪ سال درياء شاهہ ٽڪڙ کي پائڻ لڳو، ماڻهن ۾ لڏ پلاڻ پئجي وئي. سيد پٽ ٽرٽلي ۾ اچي ويا ۽ اچي خواجہ صاحب جن کي اها روبڪار ٻڌايائون. تڏهن خواجہ صاحب جن پائيندڙ درياء جي ڪپ تي مصلو وڇائي ساري رات پنهنجي رب کي ٻاڌائڻ لڳا. صبح جو

ماڻهو اچي ڏسن ته درياء ڏنيون ڏئي پيو وهي.

چوبشنوي سخن اهل دل مگو که خطاست
سخن شناس ته اي دلبرا خطا اپنجاست

مولانا روميءَ ته ا نهيءَ باري ۾ صاف صاف چيو آهي:

کار پاکان را قياس از خود مگير
گرچه مانند در نوشتن شير شير
جمله عالم زين سبب گمراه شد
کم کسي زابدال حق آگاه شد
اشقارا ديدهء بينا نبود
نيک و بد در ديده شان يکسان نمود
عمري با انبيا برداشتند
اوليا را همچو خود بنداشتند
گفته اينک ما بشر ايسان بشر
ماو ايشان بستهء خوابيم وخور
اين نداشتند ايشاناز عمي
هت فرقي درميان بي منتهي

ڏيپلائي صاحب ۽ سندس هم خيال پلي انهيءَ ڳالهه ۾ شڪ آڻين

بيا ڪ رونق اين کارخانه ڪم نشود
ززهده همچو توئي با بفسق همچومني

القصہ موڪل جو مدو خير خوبيءَ سان ختم ڪري جنوري 1917ع جي شروعات ۾ اٽ رستي ڪٽڙ جي اسٽيشن تي پهچي. حيدرآباد روانو ٿيس. گاڏيءَ ۾ مرحوم عبدالمالڪ گارڊ چڙهيل هو، جو مدرسہ ۾ ايندو ويندو هو ۽ مونکي سجاڻندو هو. تنهن ڇيم ته هن گاڏيءَ کي ڪراچي ڏانهن ويندڙ ٽرين سان اتصال ڪونهي، تنهنڪري بهتر ٿيندو ته اها رات حيدرآباد رهي، ٻئي ڏينهن ڪراچي روانو ٿيان. حيدرآباد مون اڳي ڪانه ڏٺي هئي، سو مونجهاري ۾ پئجي ويس ته ڪٿي رهندس. شيخ عبدالمالڪ مونکي دلداري ڏيئي ڊاڪٽر شيخ محمد يعقوب جي دواخاني تي وٺي آيو، جو ان وقت اسٽيشن روڊ تي واقع هو ۽ پاڻ ٻه اتي رهجي پيو. ڊاڪٽر صاحب سان انهيءَ ڏينهن کان وٺي سجاڻ اٿم.

www.sindhsalamat .com

ڊاڪٽر شيخ محمد يعقوب تازو مسلمان ٿيو هو. هندن کانئس سندس ٻار ٻچا کسي ورتا هوا ۽ مٽس مقدمو دائر ڪيو هوائون. پاڻ انهيءَ شش و پنج ۾ هو، پر مهمانداريءَ جا شرط پوري طرح بجا آندائين. وٽس هڪ پنجابڻ مائي هئي، جا سندس ماني ٽڪي ۽ ٽهل ٽڪور ڪندي هئي. ڪيس بوئا ڪري سڏيندا هئا. ۽ ايجا تائين ساڻس ڳڻيي اچي. ڊاڪٽر صاحب کي پاڻ کائڻ جو شوق هوندو هو، جو پڻ اجا هليو اچيس. اسان ٻه صبح جو پايا کائي رڃ ڪيو، پوءِ کانئس موڪلائي ڪراچي واري ٽرين ۾ ويٺاسين ۽ خير سان اچي پهتاسين.

ميٽرڪ امتحان ۾ باقي 3 مهينا کن اچي رهيا هوا. مون ٻه مڪمل تياري ڪري ڇڏي هئي. مان نٿو پاڻيان ٿه ڪنهن شاگرد اهڙي استعداد ۽ ذوق سان تياري ڪئي هوندي. آخر امتحان مٿان اچي ڪڙڪيو ۽ مون ٻه بي خوف ٿي منهن ڏنومانس. سيني ڪمن ۾ سنو ڪيم. رڳو تڪڙ سببان انگريزي ۽ الجبرا وارن پيپرن ۾ ڪي چڪون ٿي پيون. پيپر نهايت سولا هوا پر اتساهه ۽ تڪڙ ڪري انگريزي ۾ سڌي بيان کي مخاطب جي بدران غائب ۾ اڻ سڌو ڪري وينس ۽ الجبرا جي منسابت وارن حسابن جي طريقي۾ گهوٽالو ٿي پيو. ليڪن پنهنجي ڪيتي جو ڪهڙو علاج؟ جيڪڏهن اجائي تڪڙ نه ڪريان ها ته جيئن جاميٽري ۾ 99 سيڪڙو مارڪون ڪنيون هيم تئن الجبرا ۾ ايتريون ئي مارڪون ڪٽان ها ۽ پڻ انگريزيءَ ۾ سيڪڙو مٿي ٽئيم ها ۽ يونيورسٽيءَ ۾ پڻ اعليٰ نمبر حاصل ڪريان ها. افسوس ڏاڍو ٿيم پر صبر کانسواءِ چارو ڪونه هوم.

وائيس صاحب مونکي چيو ته امتحان جي نتيجي تائين بوردنگ هائوس ۾ رهي پئو. آخر نتيجو ظاهر ٿيو. سنڌ ۾ هندو مسلمان شاگردن ۾ پهريون نمبر بينس ۽ سنڌ نمايش انعام حاصل ڪيم. مدرسي جي ماسترن ۽ شاگردن سيني مبارڪون ڏنيم، پر مان اچي رئڙ ۾ ڇڪيس ۽ مس مس سيني جي سمجهائڙ تي ماڻ ڪيم:

رضا بداده بده وز جبين گره بکشاي
که برمن وتو در اختيار نکشاد ست

(9)

ڪاليجي تعليم وارو عرصو:

"لختي ز حال خويش بسيما نوشته ايم"

مئٽرڪ جو اونو لٿو ۽ اسڪول جي تنگناء کان آزادي ملي. اندر ۾ طرحين طرحين تمنائون اٿيون ۽ امنگ جاڳيا. ڪاليج جي پرصحت فضا (کليل فضا) ۾ دم ڪٽڻ لاءِ دل ٽپا ڏيڻ لڳي. پر بي برگي ۽ بي ساماني جي حالت ۾ چا ٿي ڪري سگهيس.

کليد قدر نيست در دست کس
تواناي مطلق خدا هست و بس

ٻيا رفيق سي پنهنجي پونجيءَ وارا هئا کين سرڪاري ادرار يا وظيفي جي ضرورت ڪان هئي. انهن لاءِ تعليم جو ميدان صاف هو، مون لاءِ سنگلاخ ۽ خارزار هو. اهي گهوڙي سوپار تہ مان پيادہ رهگذار هوس.

تو دستگير شو اي خضر پي خجسته که من
پياده مي روم و همر هان سوارانند

ان وقت مستحق مسلمان شاگردن کي فقط چار سرڪاري اسڪالرشپون هيون. مان جو سنڌ ۾ پهريون نمبر آيو هوس، سو يقين هوم تہ انهن مان هڪڙي اسڪالرشپ ضرور ملنديم، ليڪن انهيءَ وقت اسڪالرشپ جي ماهوار رقم رڳو ويهہ روپيا هئي. ازانسواءِ ڪاليج مان ڏهہ روپيا اسڪالرشپ ملڻ جي اميد هئي. پر ٽيهن روپين مان چا ٿو سري ۽ ڪاليج جون ڳريون فيون ۽ هاسٽل ۾ رهايش جو خرچ ايتري مبلغ مان ڪئن پورو ٿئي ها. تنهنڪري هاسٽل جي عيشي زندگي جو خيال لاهي ڇڏيم. ازانسواءِ گهر جي توڙ کي پڻ منهن ڏيڻو هوم. عين انهيءَ حيص بيص ۾ لاهي هٿ غيب جي پردي مان هويدا ٿيو. مرحوم حاجي عبدالرحيم صاحب سچي نيت سان آڇ ڪئي تہ اچي اسان وٽ رهہ. جيڪڏهن هي صاحب اها راءِ ۽ بزرگ منشي انهيءَ وقت نہ ڏيکاري ها تہ هوند آوارو ٿي وڃان ها:

من بسر منزل عتقا نہ خود بردم راءِ
قطع اين مرحله با مرغ سليمان کردم

مولوي صاحب با قبائل سني مسجد جي سامهون هڪ ٻہ طبقائين جاءِ ۾ رهندو هو، ۽ مان هيٺ رهندو هوس. ماني ٽڪي حال سارو مونکي سندس گهران ايندي هئي. مولوي صاحب هڪ

باسليقي ۽ ملڻسار انسان هو.پاڻ مولوي خير محمد صاحب پاڻائي ۽ ٻين بزرگن جوشاگرد هو ۽ پڻ مولانا غلام محمد صاحب ملڪاڻي جي صحبت مان گهڻو فيض حاصل ڪيو هوائين. مطلاعي جو گهڻو شوق هوندو هوس. وائينس صاحب وٽ ٻه گهڻي چگي هلندي هيس. چاڪاڻ ته اڪثر بوربر سني هوندا هوا ۽ اسڪول توڙي بورڊنگ ۾ پوري اخلاقي ضابطي رکڻ ۾ مولوي صاحب جو گهڻو وڏو هٿ هوندو هو. باوجود ايتري رسائيءَ جي هو ٿوٿي نه هوندو هو ۽ فقه سيکارڻ، خطابت ۽ امامت جي فرض ادائي پوري طرح سان ڪندو هو ، اگرچه چوڪرا ساڻس ظرافت ٻه ڪندا هوا. صبح جو فجر نماز بعد قرآن شريف جو ترجمو سيکاريندو هو ۽ اڪثر شمس العلماء نذيراحمد صاحب واري جمائل سندس هٿ ۾ هوندي هئي. ڪي ذوق وارا شاگرد جهڙوڪ مرحومان نصير الدين نظاماڻي ۽ ميرالله بخش خان ٽالپر، علي محمد سيال ۽ مان باقاعدي انهيءَ درس جي حلقي ۾ حاضر هوندا هواسين، عربي سکڻ جو ذوق ٻه انهيءَ ريت پيو. جمعي نماز کان اڳ وعظ نئين نموني ڪندو هو ۽ سندس تقرير دلپذير هوندي هئي. قرآن شريف جي قرائت هڪ خاص لهجي ۾ ڪندو هو ۽ سندس الحان ٻه موچارو هو. اڪثر عشا ۽ جمعي جي رڪعتن ۾ اقم الصلواة ۽ ڪهف وارو پويون رڪوع پڙهندو هو جي ٻڌي ٻڌي ياد ٿي ويا.

مطلب ته مولوي صاحب پنهنجو مٺ پاڻ هو ۽ قدامت جوجامع هو. سندس وڌيڪ احوال اڳتي جاءِ بجاءِ ايندو. مونکي پٽن وانگر پائيندو هو ۽ مان ٻه سنديس خدمت کان ڪين ڪيڻائيندو هوس، اگرچه اردو سان ڪا دلچسپي ڪانه هوندي هيم ۽ نڪا اڄ تائين اٿم. تڏهن ٻه مون سندس لاءِ ڪيترائي اردو ڪتاب سنڌي ۾ ترجمو ڪيا، جهڙوڪ تفسير حقاني يا فيروزي جو عمر جو سيپارو. فقهي ڪتابن جو سلسلو ۽ ارڪان اسلام، جي سڀ درياتي ۽ عقلي نموني ۾ لکيل هوا.انهي ڪري اردوءَ ۾ محاورو ٿي ويم. جو پروفيسر محمد علي جو مشهور ادق ڪتاب دين و دانش سوليءَ طرح پڙهي ۽ سمجهي ويندو هوس. اگرچه ڳالهائڻ ۾ لکڻ جي مشق نه هڻڻ ڪري منهنجي اردو تمام سقيم آهي، ۽ اڄ ٻه اردو تقرير توڙي تحرير ۾ ايتري تڪليف محسوس ٿيندي اٿم. جيتري هڪ ڏاڍ ڪيائڻ تي هوند ٿئي. خدا جي مهرباني آهي جو عربي، فارسي، انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ چگيءَ طرح پنهنجي خيالن جو تعبير ڪري سگهندو آهيان، پر جيڪڏهن اردو ۾ ڪير تقرير لاءِ چوندم ته ڇڻ ته مٿم چپ ڪري زبان ئي نه اکلندي.

تاريخ 20 جون 1917ع جي ڏيرام جينمل سنڌ ڪاليج جو پهريون ٽرم شروع ٿيو. ڏاڍي اتساهه ۽ هيج سان داخلو ورتم. سيني پروفيسرن ۾ اها خبر بجليءَ وانگر پکڙجي وئي، ته ههڙي قسم جي دهقاني فرزند ڪاليج اندر قدم رکيو آهي. سيئي مون ڏي چاهه سان نهارڻ لڳا ۽ ڏينهون ڏينهن سندن توجه مون ڏانهن وڌندو رهيو. مالي مشڪلاتون پڻ گهڻي قدر حل ٿي ويون. اسڪالرشپن جي علاوه ڪاليج جي پارسي شاگردن پاڻ ۾ مڙي مون لاءِ هڪ ماهوارو چندو مقرر ڪري ڇڏيو. جو بي اي جي آخر تائين ڏيندا آيا. مان پارسي قوم جو انهي ڪري از خود شڪر

www.sindhsalamat .com

گذار آهيان. مولا پنهنجي مهر سان سپ اولا لاهي ڇڏيا ۽ مان ذوق شوق سان پڙهڻ کي لڳي ويس:

شکر خدا که هرچه طلب کردم از خدا
بر منتهاي همت خود کامران شدم

اڳي ڪاليج جو پهريون ڏينهن عيد وانگر هوندو هو. سپ شاگرد وڃي ليڪچر ٿيٽر ۾ جمع ٿيندا هوا، ۽ قابل ڪار پروفيسرن مان هڪ فرد سال بسال واري واري تي سڀني شاگردن کي خطاب ڪندو هو، جنهن ۾ ڪيس اپياس ۾ محو ٿيڻ جي علاوه اخلاق ۾ ضابطي جا اعليٰ مثال پيش ڪندو هو. انهيءَ سان خود پرنسپال صاحب سنگهه چندا سنگهه شاهاڻيءَ شاگردن کي ويڪاڻ ڏنو. مڙس جهڙو هو قداور ۽ شاندار تهڙو هو سندس ڳالهائڻ جو نمونو اثردار. پنهنجي ڪاري علمي جبي ۾ نهايت حشمتناڪ ۽ ڏيا وارو ڏسڻ ۾ ٿي آيو. مون تي سندس هٿ هوندو هو ۽ پچاڙيءَ تائين اهو استاداڻو پرپاءُ رکندو آيو. منهنجا اکر وٽندا هئس ۽ فارسي ۽ سنڌيءَ جا شعر لکائي پاڻ وٽ رکندو هو. سندس اصلي پيشو زميندااري هو ۽ ڀهراڙيءَ ۾ گهٽو گذاريو هوائين، تنهنڪري ڳوناڻن جون ورجيسون ۽ اصطلاح پورا ياد هئس. سنڌي تمام سٺي ڳالهائيندوهو ۽ ان جو مظاهرو ڪندو هو. مونکي سندس گيديءَ جي باري ۾ اها هڪ ڳڻتو ياد آهي:

ڏکو ڪجي، ڏيکر ڪجي، ترار ڪٽي ترور ڪجي
پوءِ هو نہ پڇي، تہ پاڻ ڪٽي پڇجي

شيڪسپيئر جي تمثيلات تي خاص ڪڙو هوس ۽ وقت بوقت انگريزي ادب جي وسيع شعر مان شواهد ڏيندو هو. نہ فقط ايترو، پر پارسيءَ ۾ بہ گهٽو درڪ هوس. هڪ دفعي صبر ۽ تحمل جي تلقين ڪندي هي بيت پڙهيائين. جو ان وقت کان وٺي مونکي ياد آهي ۽ منهنجو نصب العين ٿي رهيو آهي:

گويند سنگ لعل شود در مقام صبر
آري شود و ليک اخون جگر شود

سندس ڳالهائڻ ۾ هڪ خاص ڏنڪ هوندي هئي، جنهن جي ڪيترائي شاگرد تقليد ڪندا هوا.

پروفيسر ٿي ايم آڏواڻي سندس انگريزي سيکارڻ ۾ معاون هو. ان جي محبت ۽ پيار بہ هيل تائين هلندو اچي. اڄ ڪالهه هو بمبئي يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر آهي. جو هڪ سنڌيءَ لاءِ وڏي فخر جو باعث آهي. انهن ڏينهن ۾ ڳيرو جوان هو. شڪل ۾ شيلي شاعر جهڙو شڪيل،

ڪپڙين لٽين پوشيدو ۽ مڪيو چڪيو، هلت چلت ۾ نرالو، ڪوڪيدار ۽ عمدو ضابطو رکندڙ هو. ڏسڻ سان اڳلي جي نظر ۾ سندس لاءِ عزت گهر ڪري ويندي هئي. انگريزيءَ ۾ پهريون وارو سندس هو. اڇڻ سان نوواردن جي سيبائتن لفظن ۾ مرحبا ڪيائين ۽ تنهن کانپوءِ هڪ نهايت نصيحت آميز شروعاتي تقرير ڪيائين، جنهن ۾ تازه آيلن کي وقت سجايو صرف ڪرڻ لاءِ هينيون بائبل جو جذبي وارو جملو چيائين جو اڄا تائين ڪنن ۾ ٻري رهيو آهي. For the night cometh, when no man can work

"يعني (عمل ڪريو) ڇاڪاڻ ته رات اچڻ واري آهي جڏهن ڪوبه ماڻهو ڪم ڪري نه سگهندو."

چه ساز بود که برده میز دآن مطرب
که رفت عمر و هنوزم دماغ پرزصداست

تازو جڏهن وائيس چانسلر ٽيڻ تي خط ۾ مبارڪ لکندي انهن لفظن ڏي ڏيان ڇڪايو هومانس، تڏهن ڏاڍو عجب لڳس.

پروفيسر ٽرويدي ۽ لاکو صاحب اسان کي حساب سيکاريندا هوا. سابق الذڪر صاحب تي منهنجو اڳيئي ڏاڪو ويڻل هو، جو جاميٽري جي پيپر ۾ مونکي 99 مارڪون ڏنيون هوائين. سندس چوڻ تي ئي مون انترميڊيئيٽ آرٽس ۾ حساب کنيا هوا. جي پوءِ شخصي سببن ڪري ڇڏڻا پيم. ٻئي ڇٽا مونکي گهڻو پائيندا هوا ۽ آخر تائين اهو سلوڪ نباهيندا آيا.

فارسي جو پروفيسر انهيءَ وقت آنجهاني ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي هو، پر پهرين سال وارن سان انجو واسطو ڪون هوس. سندس ناتو هن ضعيف سان گهڻو ۽ گهاڻو رهيو آهي، جو اڳتي هلي نرواز ڪيو. سندس پدرانه شفقت يا عمر نه وسرندي. ڪيس مدد ڪرڻ لاءِ انهيءَ سال اسان جو مدرسي وارو استاد مسٽر محمد رضا شيرازي نائب مدرس مقرر ٿيو. ڪاليج ۽ اسڪول جي پڙهائيءَ ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق آهي. پاڻ اسانکي مولانا جامي جو بهارستان ۽ ديوان سرخوش جو انتخاب پڙهائيندو هو پر واءِ ايراني ڪيڪاڻي تلفظ جي منجهس پيو جس خير ڪو هو، اگرچه بحيثيت انسان جي هو هڪ پلاين جو پندار ۽ شفقت ۽ رافت جو پتلو هو. سندس هڪ فارسي بيت اڄا نه وسريو اٿم:

گر بخير بکنندم بقيامت که چه خواهي
دوست مارا و همه نعمت فردوس شمارا

علم طبيعي ۽ ڪيميا جا پروفيسر وري بٽائي ۽ آڏواڻي صاحب هواجي ٻئي لائق ۽ پنهنجي موضوع ۾ ماهر ۽ سخت گير هوا. ٻنهي جو نينهن اڳئين کان به اڳرو هليو اچي. جڏهن بي اي پاس ڪرڻ بعد هاسٽل ۾ رهڻ لڳس تڏهن بٽائي صاحب مونکي سوٽ ڪري سڏيندو هو

www.sindhsalamat .com

چاڪاڻ تہ هو سيوهڻ جو وينل هو ۽ آئون ٽئٽشيءَ جو جي هڪ ٻئي کي ويجهو آهن.

القصہ پهريون سال انهيءَ سهائيندڙ ماحول ۾ پورو ٽيو. امتحان ۾ پهريون نمبر بينس. پر هڪ هندو شاگرد سان منهنجي چٽا پيٽي هلندڙ هئي، جنهن جو نالو رامچند آجواڻي، پروفيسر لالسنگهہ آجواڻيءَ جو پاڻ هو. ۽ مئٽرڪ جي امتحان ۾ مون کانپوءِ ٻيو نمبر آيو هو. تنهن چرچ ڪئي تہ فلاڻي کي فقط فارسي ۾ گهڻيون مارڪون مليون آهن. جنهن جي ڪري مونکي آڇ ڏيئي ويو آهي. پروفيسر شيرازي جنهن سيني شاگردن کي دل کولي مارڪون ڏنيو هيون. تنهن همت جهلي چيو تہ جيڪڏهن اهو ضد آهي تہ آئون سيني شاگردن جو مارڪون تناسب آهر گهٽ ٿو ڪريان. انهيءَ ڪري هندن جا چهہ ڇڇي پيا ۽ مونکي هيٺ ڪيرائڻ ۾ ڪامياب ٿي نہ سگهيا.

گو هر پاک بباید کہ شود قابل فيض
ورنہ هر سنگ و گلي لولو و مرجان نشود

(10)

ڪاليجي تعليم جو پيو سال:

مدتي اين قصه اي تاخير شد
مهلتي بايست تا خون شير شد

جئن مولانا جلال الدين روميءَ جي مثنوي جو محرڪ مولانا حسام الدين هئو، تئن منهنجي رام ڪهاڻي جو باعث وري عبدالواحد صاحب سنڌي (ايڊيٽر نئين زندگي) آهي. جنهن جي ئي اصرار تي چند پريشان خيال هر مهيني آخري آچر تي قلم بند ڪندو آهيان. بعضي تہ سنڌي صاحب جي الحاج ۽ تاڪيد هوندي بہ ناغو ٻڌجي ويندو آهي پر چا ڪجي؟

کليد قدر نيست در دست کس
تواناي مطلق خدا هست و بس

گذريل ڊسمبر تي آخري ڏاري اسلامي مذاڪري ۾ مشارڪت لاءِ لاهور وڃڻو پيو، جتان 10 تاريخ جنوري جي واپس آيس. مقدمہ ابن خلدون جي انگريزي جي پروفن تصحيح ڪرڻ ۽ ٻين ڪمن ڪارين ۾ سرتاپا مشغول رهيس، سوانح عمريءَ جي قسط لکي نہ سگهيس. 25 تاريخ اوچتو دل جي هڪ خسيس نليءَ ۾ خون بستگيءَ ڪري مهينو ڪن بستري ۾ رهڻو پيو ۽ الله

الله ڪندي اجل جي اري ڪان رهائي ملي. اڄا به طبيعت ۾ سخت نقاهت آهي ۽ لکڻ ۾ اڇڪ ٿئي ٿي. بارالها تنهنجي نعمتن جو ڪيترو شڪرانو ڪجي! شايد هي جيئندان به ڪنهن ڪارگذاريءَ لاءِ آهي.

از دست و زبان که بر آيد
کز عهدء شکرش بدر آيد

پل پل ۾ سنديس مهربانيون نت نيون آهن. عاجز بندي کي ڪهڙي طاقت آهي، جو انهن جو ورنن ڪري.

هردمش بامن دلسو ختہ لطفي دگر ست
اين گدا بين که چہ شايستہء انعام افتاد

ليڪن هي خود بينيءَ جو ٽڪر ڪيترو هلندو ۽ هن ديواني درياهہ جون ڏمالون گهٽو وقت جهليندو؟ منهنجو حال پائي حسام الدين ، (عبدالواحد سنڌي) چوي ٿو تہ اهو سڳو ضرور سوريو، پر بندي ۾ ڪهڙو ست جو ان کي توڙ تائين تائيندو رهي.

گفتي که چرا حال دل زار نہ گوئي
من خود کند آعاز بہ پايان که رساند

ليڪن پنهنجي دوست جي ارشاد جي عدولي کي عار سمجهي وري نئين سر هيءَ تند تنوار جي ٿي.

"گر قبول افتد زهي عز و شرف"

حکايت از قد آن يار دلنواز کنيم
باين فسانه مگر عمر خود دراز کنيم

جون 1918ع جي ويهينءَ ڪاليج جي ٻئي سال ۾ داخل ٿياسين. مون منطق جي بدران رياضي ڪئي. جنهن ڪنوار کي راضي رکڻ وڏو ڪنن ڪم آهي، چاڪاڻ تہ هڪ ڪن جي غفلت ڪري جدائيءَ جو ڏاگهہ ڏيو چڏي. منطق سان دل ڪانہ هيم، جو اهو هڪ غير معين موضوع هو ۽ رياضي ۾ صحيح ڏکولهگو تہ سو في سيڪڙو مارڪون رکيون هونديون. ازانسواءِ قانون ۽ حقوق سان بہ ڪو چاهہ ڪونہ هوم، جنهن ڪري منطق کي چڏي ڏنم. اها عظيم غلطي هئي، جا هاڻ محسوس ڪري رهيو آهيان،هينئر فلسفي ۽ تصوف جي عشق ۾ ايتري قدر فاني آهيان جو

www.sindhsalamat .com

ٻيو ايياس واقعي نٿو اچي، اگرچه انگريزي شعر ۽ حافظ ، روميءَ ۽ شاهه سان ساڳيو ئي نينهن اٿم، پر منطق جي مدد ڪانسواءِ اهي فلسفي ۽ تصوف جا اکر واڳڻ جيان ايري اڇيان وريو اچن ۽ منطق جون پيچيدگيون ۽ موشگافيون مغز ۾ ئي نٿيون ماپن. افسوس اهي جوانيءَ جون گهڙيون وري هٿ نه ايندیون، جن ۾ هر ڪا ڏکي شيءِ آسان هئي:

نگه دار فرصت که عالم دميست
دمي پيش دانا به از عالميست

پر جيڪو ٿيو، ان ۾ ڇڳائي هئي. ماضي تي افسوس ڪرڻ اجايو آهي، آئيندہ ۾ اعتبار ڪونهي، فقط حال جو ئي خيال رکڻ گهرجي ۽ جيڪي عمر مان رهيو کهيو آهي، تنهن مان ئي پرپور فائدو وٺجي.

در باب که عمر بس عزيز است
گر قوت شود دريغ باشد

هن سال جي شروعات ۾ مسلم شاگردن پروفيسر شاهاڻيءَ جي خلاف هڙتال ڪيو، جنهن جو سرڪردو مرحوم عبدالرحيم پيرزادو هو. سندن تقاضا هئي ته پروفيسر شاهاڻيءَ کي پرنسپاليءَ جي درجي تان لاهي دستور موجب هڪ انگريز کي پرنسپال مقرر ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ جو هن صاحب پري ڪلاس ۾ ڪن مسلم شاگردن کي "پيگن" ڪري پڪاريو هو. پيگن لفظ جي اصلوڪي معنيٰ آهي "اڻ سڌريل يا "ڇڙ" پر ثانوي معنيٰ اٽس ڪافر يا بي دين انهي ڪري مسلم شاگردن کي سخت خار لڳي هئي. ان وقت جي مسلم مهندارن خصوصا محمدن ڪاميٽي جي ميمبرن شاگردن جو سات ڏنو ۽ سرڪار تي زور پريائون ته ڪاليج جي قاعدن پٽاندڙ هڪ لائق انگريز کي ڪاليج جو مدبر بنايو وڃي. سرڪار مسلمانن جي راءِ رکي مسٽر اي سي ملر کي پرنسپاليءَ جي منصب لاءِ چونڊيو ويو. هندو شاگردن مڪمل اعتصاب ڪيو، پر ٿوريئي عرصي اندر سندن جوش ڍرو ٿي ويو ۽ سيئي باقاعده لڪچرن ۾ داخل ٿيڻ لڳا.

ملر صاحب هڪ لائق، فائق ۽ قداور شخص هو. مڃون وڏيون ۽ ڪيون هيس ۽ علمي جبو مٽس ڇگو سونهندو هو. سولجر ٿي رهيو هو. تنهنڪري پاڙهڻ جو گهٽو افعال ڪونہ هوندو هوس. جيئن اسڪولي ٻارن کي ڏکين لفظن جي معنيٰ سيکاربي آهي تئن هو بہ انگريزي منشور ڪتابن جو مطلب سمجهائيندو هو، تنهنڪري سندس خطابت جو نمونو گهٽن کي ڪونہ وٽندو هو. آخر علمي ماحول کي ناموافق ڏسي پرنسپاليءَ کان پاڻهي دستبردار ٿي ويو ۽ ٻئي ٽرم کان وري شاهاڻي صاحب وڏي شان و شوکت سان عهدي تي برقرار ٿي ويو. هڪ دفعي جو پنهنجي هوڙائي ڪري ڇيٽ ڪاڍي هوائين، سو آئيندہ مسلم شاگردن سان ڇگو سلوڪ ڪرڻ لڳو.

ملر صاحب ۽ مونسان گهڻي قدر مهربان هو، سندس ايامڪاريءَ ۾ مون لاڙڪاڻي ضلع جو ڪليڪٽر کي هڪ درخواست ڪئي هئي ته اسان کي پنهنجون زمينون جن تي ڪورين جا زميندار وڏن جي وسوڙائي ۽ سادگيءَ ڪري تغلب ڪري ويا هئا. سي وري ملن. پاڻ منهنجي عريضيءَ جي شد مد سان تائيد ڪئي هوائين. ۽ منهنجي هوشياريءَ ۽ لياقت جي وڏي ساراهه ڪئي هوائين. اهڙي طرح آنجهاني مسٽر وائنس به ان تي هڪ عاليشان نوٽ هنيو هو. چي ته دائودپوٽو ته فقط سند ۽ سنڌين جي سونهون آهي، پر ساري هندستان جي مسلمانن لاءِ فخر جو باعث آهي. اگرچه اها درخواست ڪليڪٽر جي دفتر ۾ ئي دفن رهي، تڏهين به انهن بنهي صاحبن پنهنجو وڙ ڏيکاريو:

تو و طوبيٰ، ما وقامت يار
فکر هر کس بقدر همت اوست

ڪورين جا وڏيرا اسان جي شهر تلٽيءَ جي پسگردائي ۾ احمدن جي ڳوٺ جا زميندار هئا. کين وڏي ، جائداد ۽ ملڪيت هئي. ننڍن زميندارن کي دلبو ڏئي ته اسين اوهان جون بنيون سنياليندا سين. آهستي آهستي انهن جي هڙ ئي هضم ڪري ويندا هوا. منجهائن ڪيترائي علم ۽ فضيلت جا صاحب هئا ۽ اڪثر حڪمت جو ڪم ڪندا هئا. وڏيرو حڪيم محمد يعقوب ڪوريجو زماني جو بقراط ۽ جالينوس ثي گذريو آهي. طب جي مهارت سان گڏ ڪشف ۽ ڪرامت جو صاحب به هئو. پري کان مريض کي ڏسي سنديس بيماري هڪ دم پروڙي وٺندو هو ۽ تمام خسيس دوا سان سندس درد دفع ڪري ڇڏيندو هو. سندس به ٿي حيرت انگيز ڪرشما مونکي به والد صاحب جي واتان ٻڌل آهن. جن جو بيان ڪرڻ تطويل جو باعث ٿيندو. سندس پائيٽو ميان جمال الدين مون به ڏٺو هو جو ڳوٺ احمدن ڇڏي اچي تلٽيءَ ۾ رهيو هو. وڏو قابل ۽ عالم شخص هو ۽ طب ۾ خاص ڪڙو حاصل هوس. مان سندس اوطاق تي ايندو هوس ۽ بابي سان دوستي ڪري مونکي گهڻو پائيندو هو. ننڍي هوندي منهنجو هيانچو وڌيل هو. ڏس ڏٺو هوائين ته رات جو سرڪي ۾ انجير پسائي صبح جو نيراني کائي ڇڏ. ٿورن ئي ڏينهن ۾ برهل جو نالو نشان نه رهيو، افسوس جوهو جواني ۾ گذاري ويو. سندس ٻيا عزيز، جهڙوڪ وڏيرو خير محمد ۽ رضا محمد به اسان جي شهر ۾ اچي رهڻ لڳا پر پچاڙيءَ ۾ پنهنجن اونڌن افعالن جي ڪري قرضي ۽ ڪنگال ٿي پيا ۽ پار لڏي ويا. پنهنجون نياڻيون سيوهڻ ۽ جيڪب آباد جي ڪوريجن ۾ ڏنيون هوائون جي آخر سندين ملڪيتن جا مالڪ بڻجي ويا ۽ ڪي زمينون وري تلٽيءَ جي واهن جي قبضي ۾ اچي ويون. حرام جو مال کي جڏاءُ نه آهي ۽ مايا اچڻي وڃڻي آهي.

خيري کن اي افلان و غنيمت شمار عمر
زان پيشتر که بانگ بر آيد فلان نماند

ملر صاحب جي تقرر ڪري ڪاليج جي تعليمي نظام ۾ به ڪيتريون ئي قيريون قاريون عمل ۾ آيون. مثلا آنجهاني پروفيسر گربخشاڻي کان انتر جي فارسيءَ جو ڪم ڇڏائي مرحوم پروفسير شيرازيءَ کي ڏنائون، اگرچه گربخشاڻيءَ جي اسلام ۽ مسلم دوستي عالم آشڪار هئي. ويچارو ارڙهين صدي جا انگريزي مقالات پاڙهي ڪڪ ٿي پوندو هو ۽ هو جو حافظ ۽ رومي جو ڪوڏيو هو. تنهنکي انگريزي پاڙهڻ ۾ ڪو حظ نه ايندو هو ۽ سندس اڪثر ليڪچر نهايت ڦڪا ۽ بي مزا هوندا هوا. هوڏانهن شيرازي صاحب جو به برو حال هو. نظام الملڪ جو سياست نامو ۽ جاميءَ يوسف زليخا پاڙهڻا هئس. پهريون ته نهايت خشڪ ڪتاب هو. باقي يوسف زليخا جو فلسفو ۽ ترنم سندس طبيعت کان سئو ڪوهه پري هو. جن کي پروفيسر گربخشاڻي جو ترجمو ۽ تمهيد ملي سگهيا، تن لاءِ مزو هو مون نه يوسف زليخا اڳيئي سال 1914ع ۾ مرحوم عبدالڪريم پٽي جي ماتحت لاڙڪاڻي مدرسي واري زماني ۾ ڏاڍي سر سان پڙهي هئي، سو مونکي ڪلاس ۾ دوباره پڙهڻ جي ضرورت ڪانه هئي. باقي وحدت ۽ ڪثرت جو مسئلو، ذات پاڪ جو ڪائنات ۾ ظهور، ساري خلقت جو نور محمدي جي ذريعي پسارو، الاهي حسن ۽ جمال جو جلوو ۽ ديدار، انهن سيني مسئلن جو چگو چوکو مطالعو ڪيو ويو. سونهن ڪٽي ٿي لکي؟ دروازو بند ڪيو ته دريءَ کان ليئو پائيندي، مخفي ڪنز جو اشارو انهيءَ مان پڏرو آهي

نکو رو تاب مستوري ندارد
جو در بندي سر از روزن برآرد

واه ڙي جامي ڪمال ڪيو اٽئي!

هن سال ۾ وائينس صاحب مونکي ڇهين درجي جا حساب سونپيا. انجي عيوض 30 روپيا ماهوار وظيفو ۽ هڪ ڪانگڙهه واري ڪوٽي به رهڻ لاءِ ڏنائين. جنهن مونکي پئسي جي تنگي کان گهڻي فراغت ڏني، اگرچه دو طرفي خرچ پوري ڪرڻ لاءِ ٻين شاگردن کي به خانگيءَ طور پڙهائڻو پوندو هو. حسابن سان ڏاڍو چاهه هوم، مسٽر عبدالله چنا ۽ مسٽر نور محمد پٽي جي ٻئي ڪليڪٽريءَ جي عهدي تي پهتا ۽ پروفيسر شفيع محمد قريشي ۽ ٻيا منهنجا انهيءَ وقت جا شاگرد آهن. ڪلاس ۾ حسابن جي علاوه اسلامي تاريخ ۽ تمدن تي اڻ سڌي طرح روشني وجهندو هوس، جنهنڪري منهنجا شاگرد گهڻو ذوق پرائيندا هوا.

ان وقت مدرسي ۾ گهڻيون اخلاقي خرابيون هيون. مسٽر ضياءُ الدين ، ميرزا علي حسن ۽ ٻيا پنهنجي رتبي جو فائدو ونيو، حسين چوڪرن کي هرڪائيندا هوا. ڪي بد اخلاق بورچي وري ڪن غريب شاگردن کي لڪ چپ ۾ سٽيا ڪاڏا ڪارائي برائي ڏي مائل ڪندا هوا. منهنجي تمنا هئي ته انهن بچڙن جي بيخ ڪني ڪجي ان وقت ڪاليج ۾ شيڪسپيئر جا سانيٽ ۽ ٻيا اخلاقي شعر

www.sindhsalamat .com

پڙهندا هئاسين تن جو مون تي گهاڻو اثر ٿيو. انگريزي ۾ هڪ به زبردست مضمون لکي، ٽائيپ ڪرائي،، مدرسي بورڊ جي ميمبرن ڏانهن گمنام ڏيارو موڪليم. ٽائيپ جو ڪم منهنجو ايراني شاگرد علي آقا ڪندو هو. مدرسي ۾ ٽرٽلو مچي ويو. وائينس صاحب گهڻي ڪوشش ڪئي ته مضمون لکندڙ ۽ ٽائيپ ڪندڙ جو پرو پئي پر گهڻي مارڪٽ بعد به ڪيس سراغ نه مليو، علي آقا پنهنجو ٽائيپ رائيٽر ايراني تاجرن وٽ رکي آيو ۽ خفيہ پوليس نا اميد ٿي ماڻ ڪري ويهي رهي. مرحوم ميرايوب خان بارسٽر مدرسي ۾ هلي آيو ۽ هال ۾ وڏي زبردست تقرير ڪيائين. آخر سيني خرابين جي تحقيقات ٿي ۽ سچ ڳالهيون صحيح نڪتيون. ماسٽر ضياءُ الدين مرزا علي حسن ۽ مفسد بورچين ۽ ٻٽيوالن کي هميشہ لاءِ ٽڪس وڌائي وئي. اها وڏي ڪاميابي هئي.

حسابن سان سخت دلچسپي هيم. مدرسي ۾ هڪ ماستر ضياءُ الله هو جنهن بي اي جوامتحان رياضي ڪمن ۾ ڏنو هو ۽ منهنجي ڪوٽيءَ سان لڳ رهندو هو سو گهڻي مدد ڪندو هو. منهنجي دوست مسٽر (هاڻ پروفيسر) عبدالستار شيخ پنهنجا سڀ نوٽ بوڪ منهنجي حوالي ڪيا هئا. رياضي ڪتابن جو هر هڪ حساب حل ڪري ڇڏيو هوم ۽ اميد هيم ته انٽر ميڊئيٽ جي حسابي پيپرن ۾ ضرور بالضرور سو في صد مارڪون ڪٽندس. ٻين ڪمن ۾ پڻ سيني کان برڪ هوس. پر تقدير پرده پٽيان منهنجي انهيءَ گهمنڊ تي ڪلي رهي هئي.

آنچہ سعيست من اندر طلبت بنمايم
اين قدر هست ڪه تغير فضا نتوان ڪرد

امتحان جا ڏينهن ويجها هئا پر مان سخت محنت ڪري اڻ چگو ٿي پيس. مولوي عبدالرحيم صاحب مرحوم مونکي گيهہ ۽ ماکيءَ سان گڏ ڪچا بيضا کارائيندو هو، پر امتحان لاءِ واٽ ويندي کانگهاري ۾ رت ڳاريندو ويندو هوس. دماغ ڪم کان جواب ڏيئي بيهي رهيو، ۽ حسابي پيپر لکندي نهايت سولا نظريا به حافظي مان نڪري ويا. اگرچہ ٻين ڪمن ۾ چگيرو ڪيم، پر حسابن، جن تي ايترو ناز هوم، تن پوئواري نه ڪئي ۽ وري به مئٽرڪ وانگي دعا ڏنائون. امتحان ۾ سيڪنڊ ڪلاس ڪنيم.اگرچہ پهريون ڪلاس ڪنهن کي نصيب نه ٿيو، ته به منهنجو دوست يار محمد جوٽيجو مون کان نمبر ڪٽي ويو، جنهن ڪري سنڌ ڪاليج اسڪالرشپ به ڪيس ملي. گهڻو ئي اوندهہ ۽ ارمان ٿيو، پر هرگز دل نه لوڙهيم، چاڪاڻ ته وسئون ته ڪين گهٽايو هوم. سوچ ۽ هار خدا جي هٿ آهي ۽ ناتوان دل مقابلو خوب ڪيو

"فعل الحكيم لا يخلوعن الحكمت"

تي پروسو رکي ، اميد ڪيم ته ايندو اڳي کان اعليٰ ٿيندو.

نقاب چهره اميد باشد گرد نوميدي
غبار ديده، يعقوب آخر توتيا گردد

(11)

بي اي جا پهريان سال:

دريـــا و كـــوه در ره و مـــن خســـته و ضـــعيف
اي خضـــر بـــي خجســـته مـــددكن بهمـــتر

رياضي علومن ۾ باوجود انتها محنت جي ٻه دفعا ڏوكو ڏنو هوم. سو پكو ارادو كيم ته اڳتي وڌيك ساٿن چيڑچاڑ نه كندس. جون 1919ع ۾ بي اي ۾ داخل ٿيڻ شرط رياضي علومن كي چڏي فارسي زبان ۽ ادبيات هٿ ۾ كنيم، چاكاڻ ته اڳيئي فارسي زبان تي گهڻو عبور هوم رياضي علومن جي مدرسن پروفيسر ٽرويدي ۽ پروفيسر لاهو گهڻو ئي هركايو پر آئون عزم بالجزم تان كين مڙيس. هك جاهلي عرب شاعر كهڙو نه چگو چيو آهي:

فاذا لم تستطع شيئا فدعه
وجاوزه الي ما تستطع

(يعني جيكڏهن كا شيءِ كري نه سگهين ته ان كي چڏي ڏي ۽ انهيءَ كان درگذر كري اها شيءِ هٿ ۾ كڻ، جنهن سان پچي سگهين)

تنهنكري رياضي علومن كي چڏي اگرچه اجا به ساٿن گهڻي دلچسپي اٿم ۽ مئٽرك وارا حساب پلجي كون ويا اٿم.

فارسي نصاب ۾ كيترائي كتاب منهنجي دل وٽان هئا جهڙوك كيمياءِ سعادت، مثنوي مولانا روم، تذكره دولت شاهي ۽ قصائد قاآني وري پاڙهيندڙ پروفيسر گربخشاڻيءَ جهڙو ماهر مليوسين، جو خاص مثنوي پاڙهيندي مست ٿي ويندو هو ۽ سندس كيف ۽ نشو پڙهندڙن كي به مخمور كري چڏيندو هو. هم رفيق سي فارسيءَ ۾ هشيار هئا، جهڙوك سيد ميران محمد شاهه، سيد عطاحسين شاهه، قاضي نواز علي نصرپوري ۽ محمد اسماعيل قادري، محراب شاهه شهدادزئي، هندو همدرسن جا نالا هينئر وسري ويا اٿم انهي كري علمي چٹا پيٽي چگي هلندي هئي. پر مان سيني امتحانن ۾ كانئن گوءِ كڻي ويندو هوس. هينئر ته اهي هك ئي وقت مخلص دوست گهڻو كري منهن متي ويا آهن ۽ سيكو دنيا جي چكر ۾ اچي ويو آهي:

رفيقان چنان عهد صحبت شكستند
كه گوئي نبودست خود آشنائي

www.sindhsalamat .com

مالي حالت گهٽي قدر درست هئي اگرچه پاڻ کي ۽ عزيزن کي خوشحال رکڻ ۾ گهٽي محنت ڪرڻي پوندي هئي. وائنس صاحب مهرباني ڪري ستين درجي جي اتاليقيءَ سان گڏ حسن علي هائوس جي مٿين طبقي جي ڏاکڻيءَ ڪنڊ واري ڪوني رهايش لاءِ ڏني هئي، جا اولهه ڏي منهن هئڻ ڪري نهايت هوادار هئي. ان جي عوض انهيءَ طبقي جي نگراني منهنجي حوالي ڪئي هئي. انهيءَ وقت مسٽر پيرزادو ۽ صديقي محمد حنيف به انهيءَ طبقي ۾ رهندا هئا ۽ مونکان حسابن جون مشڪلاتون حل ڪرائيندا هوا. ازانسواءِ چرچ مشن هاءِ اسڪول ۾ به حساب ۽ فارسي سيکارينڊو هوس. پڻ پرنسپال شاهاڻيءَ شفقت فرمائي ڪاليج جي في معاف ڪري ڇڏي هئي، جنهن ڪري خرچ جي تنگي ۽ تون ڪانه هوندي هئي.

هرگز بيمن عاطفت پير مي فروش
ساغر تهي نه شد ز مي صاف روشنم

الحمد لله وقت نهايت سٺو گذرندو هو.

ضروري ۽ اختياري انگريزيءَ ۾ خود انگريز ادبيات جي شاگردن کان به عبارت آرائيءَ فهم ۾ گهٽو سرسو هوندو هوس، اگرچه انهن جيتري فراغت نه هوندي هيم جو عام ڪتب پڙهي سگهان. حاتنڪ سينٽبري تنقيد نگار جي نالي پڻ غير واقف هوس.انگريزيءَ ۾ شاهاڻي صاحب شيڪسپيئر جي الميه ميڪبيٿ ۽ اوٿهين صديءَ جا انتقادي مقالا پڙهائيندو هو آدواني صاحب گولڊن ٽريزريءَ جو چوٽون حصو نهايت ذوق ۽ شوق سان پاڙهيندو هو ۽ انگريزي ادب ۽ خاص شعر جي مطالعه لاءِ ترغيب ڏيارينڊو هو. اختياري پيپرن جا ڪتاب هڪ گجراتي ليڪچرر ۽ ان بعد مسٽر لالسنگ آجواڻي پاڙهيندو هو. مطلب ته انگريز ادب توڙي فارسي ۾ سيني شاگردن کان اعليٰ هوندو هوس.

تلقين درس اهل نظر يک اشارت است
کردم اشارتي و مکرر نمي کنم

هن سال اسان جو مدرسي وارو استاد مسٽر ڊي بي ڪوٽوال پيريءَ ڪري پنهنجي وائس پرنسپاليءَ جي عهدي کان سبڪدوش ٿيو. اگرچه مدرسي جي اختياريءَ وارن ڪيس گهٽو ئي سمجهايو، پر پاڻ وڌيڪ رهڻ پسند نه ڪيائين. سندس جاءِ تي ڪجهه وقت مرحوم مسٽر جمع تيجاڻي ۽ ڪجهه وقت مسٽر مريد علي ڪم ڪيو. سال جي آخر ڌاري مدرسه بورڊ کي اچي هن جنون کنيو ته وائيس پرنسپال جي جڳهه لاءِ اشتهار وجهجي. سو بمبئي جو هڪ ماهر تعليم پارسي، جنهن هڪ اسڪول اتي ڪاميابي سان هلايو هو، تنهن کي ڪٽي مقرر ڪيائون. ملا

صاحب هونءَ ته گهٽوئي ڇگو ڏسڻ ۾ تي آيو پر هو انگريزن جو خوشامدڙو هو. پاڻ کي سرخرو بنائڻ لاءِ هڪ جلسو ڪيائين، جنهن ۾ هڪ خاص ڪتاب انگريزيءَ ۾ لکي شاگردن ۾ ورهايائين. ان ۾ انگريزن سان وفاداررهڻ جي تلقين هئي ۽ ڪتاب جي سري تي هيءَ ڪمزور حديث به هئي ته "السلطان ظل الله في الارض" يعني بادشاهه زمين تي الله جو سايو آهي. ان مان العادل جو لفظ عمدا وساري ڇڏيو هوائين انهيءَ تي مون مدرسي جي سيني بوربرن کي اشتعال ڏياريو. ڇي اهڙو ڪتاب ساڙڻ گهرجي. مدرسي ۾ منهنجي گهٽي هلندي هئي سو سيني شاگردن سنجها وقت سپيئي ڪتابچا ميڙي ميدان جي وچ ۾ گڏ ڪيا ۽ انهن کي وني باهه ڏنائون جو سارو ميدان مچ جي ڪري روشن ٿي پيو.

وائينس صاحب مون تي تمام گهٽو مهربان هو. اڳيئي انهيءَ سال جڏهن عام مسلمانن خلافت تحريڪ جي ڪري شهزادي ايبورڊ جي آجيان کان انڪار ڪيو هو، تڏهن خار وچان جن ماسترن انهيءَ ۾ بهرو ورتو هو تن کي نوڪريءَ مان خارج ڪيو هوائين. خصوصا منهنجن دوستن مرحوم تاج محمد بگهيي، مسٽر عبدالرحمان مغل ۽ مسٽر احمد بخش راهوءَ کي مان وائينس صاحب وٽ ميڙ ڪٽي ويس ته اهڙا ستاد اوهان کي ڪٽان ملندا، جنهن تي وري انهن کي پنهنجن جاين تي برقرار رکيائين. پر هي ته انتظامي معاملو هو. وائينس صاحب مرحوم مولوي عبدالرحيم مگسي کي اچي پيڙيو ۽ منهنجي شاگرد مسٽر حاجي محمد بلوچ کي ڪشي مار ڏنائين. آخر انهن سچي ڪئي ته اها سڄي شرارت منهنجي هئي. وائينس صاحب ٻيو مونکي ڪجهه نه چيو. پاڻ قدري بيمار هو ۽ مدرسي وارو بنگلو ڇڏي وڃي ڪچهري روڊ تي هڪ جاءِ ۾ رهيو هو. جا پيلس هوٽل جي سامهون هوندي هئي. مونکي پاڻ وٽ گهرائي چيائين ته اونهاري جي وئڪيشن (1920) کان اڳ مدرسو ڇڏي وڃي ٻاهر رهه ۽ مونکي هڪ عاليشان سرٽيفڪيٽ ڏنائين. ان ڪانپوءِ پاڻ ستت ولايت هليو ويو، جتي وڃي وفات ڪيائين. جزاه الله خيرا. هو مسلمانن جو وڏوهڏ ڏوکي هئو، ۽ ڪيترائي سال مسلمانن ٻچن جي تعليم لاءِ پاڻ کي گهٽو پتوڙيو هوائين. ۽ انهي محنت ڪشيءَ ڪري ئي سندس صحت جهري پيئي "عجيب مردي بود".

منهنجي انهيءَ ڪارستاني ڪراچيءَ جي مسلمانن ۾ گهٽو جوبول پيدا ڪيو. مرحوم ولي محمد صاحب حسن علي هڪدم مدرسي ۾ هليو آيو ۽ چيائين ته "پٽ ٽپڙ ڪٽي هلي منهنجي جاءِ "خورشيد لاج" جي چوٽي تي رهه." هڪ ننڍڙي ڪوٺيءَ ۾ مونکي جاءِ ڏنائين. ۽ ماني ٽڪي ٻه مونکي اتي ملندي هئي. سندس فرزند حسن علي جو منهنجو ڇهين درجي کان وٺي دوست هو، تنهن مسين مسين انهيءَ سال مئٽرڪ پاس ڪئي هئي. ۽ ڪالیج جي پهرئين سال ۾ داخلو ورتو هو. سو مرحوم مونکي فرمايو ته ڪيس ايف اي جا حساب سيکاريندو رهه. مرحوم مونکي پنهنجي پٽن وانگر پائيندو هو. مرحوم غلام محمد پرڳڙي، مرحوم الله بخش سومري، حاجي مولابخش سومري ۽ سندن والد صاحب حاجي عمر سان ٻه انهيءَ وقت ڏينٿ ٽي هيم. جي بعضي

www.sindhsalamat .com

بعضي اتي اچي رهندا هئا.

سجو سال سندس شفقت جي نظر هيٺ رهيس. سندس قرب ۽ سندس ناصحاڻا نڪتا اڄا مون کي ياد آهن. مرحوم مسلمان قوم جو وڏورهبر ۽ خيرخواه هئو ۽ محمدن ايسوسئيشن جو سيڪريٽري هو. نهايت ڪرڙو، پر باسليقہ انسان هو. منهنجا اکر وٽندا هئس، ۽ گاهہ گاهي مون کان خط لکائيندو هو. سندس انگريزي عاليشان ۽ ڪڙڪي دار هئي. سندس اک اکري ۽ آواز رعبدار هو. سب کانئس ڪنبندا هئا. پر مونسان ڪڏهن بہ کهرو نہ پيو.

ان وقت ڏاري مان الوحيد ۾ مضمون موڪليندو هوس، وائنس صاحب جي وفات بعد بورڊ جي ممبرن وري خانهدار ڪنٽرا ڪٽر جون خدمتون سرڪار کان اڏاريون ورتيون. مدرسي ۾ هڪ بدران بہ آتش پرست ٽي پيا. منهنجي قلم ۽ قلب کي سخت ڪاوڙ آئي ۽ دل ۾ پهہ ڪيم تہ ڪيئن بہ ڪري مدرسي کي مسٽر ملا جي مدمستيءَ کان آجو ڪجي. الوحيد ۾ ڪيترائي زبردست مضمون لکيم، جن مان پن جا سرا اڄا مونکي ياد اٿم. "مدرسي جي چيلي جي ڇڇيءَ تي بہ لڙڪا" ۽ حسن علي آفنديءَ جو روح قبر مان پڪاري رهيو آهي." اهي مضمون منهنجي دوست مرحوم قاضي عبدالحي وڙ رهجي ويا. ماٺهن ۾ ٽرٽلو مچي ويو. الوحيد باقاعده مرحوم خانبهادر ولي محمد وٽ ايندي هئي. اهي ليک پڙهي ڪيس ڏاڍ جڪ ايندا هوا چوندو هو تہ "چورا هي تنهنجا ئي ڪم آهن." مان باادب جواب ڏيندو هوس تہ سائين "اهڙي سنڌي مان ڪيئن لکي سگهندس" پر ڪيس ويساهہ نہ ايندو هو. آخر مدرسہ بورڊ فيصلو ڪري مسٽر ملا جي خدمات جو خاتمو ڪري ڇڏيو.

هڪ ڏينهن ملا صاحب ڪاغذ ڪڇ ۾ ڪٽي خانبهادر وٽ آيو جيئن هيٺ ٽي لٽو، تئن مونکي ڏاڪڻ تي گڏيو. آکڻ لڳو تہ هي سڀ تنهنجي مهرباني آهي. چيومانس تہ گبر جا ٻچا ياد ڪجانءِ تہ ڪنهن مڙس سان هٿ اٽکايو هيئہ. پوءِ ستت ئي بسترو ويڙهي بمبئيءَ راهي ٽيو. "وما بكت عليہ السماء والارض" باقي خانبهادر ڪنٽر ڪٽر هليو آيو، ڇاڪاڻ تہ هو هڪ نهايت مدبر ۽ ڪاردان تعليمي ماهر هو ۽ سندس ايامڪاري ۾ مدرسي ڇڪي ترقي ڪئي.

هي منهنجو بي اي جو آخري سال هو. ان وقت خلافت تحريڪ جو سخت زور هو. سياسي ڪم ڪندڙن ڪاليج جي شاگردن کي پڙڪايو تہ تعليم جو بهشڪار ڪن. مان پڻ سياسي تحريڪ ۾ ڇڪي دلچسپي ونندو هوس. هڪ دفعي مولوي عبدالرحيم مگسي صاحب سان گڏ جي دادو ويو هوس. جتي خلافت ڪانفرنس جي صدارت بزرگ ملڪاڻي ڪان ڪرائي هيائون. مون اتي هڪ نهايت جوش ۽ درد پريو نظم پڙهيو هو. وري خيرپور ناٿن شاهہ ويو هوس، جتي جلسي جو مير مجلس مرحوم جان محمد جوٽيجو هو. ڪاليج جي شاگردن ۾ سخت تاءُ هو ۽ ڪيترن ئي جهڙوڪ منهنجي دوست علاءُ الدين سمي پڙهڻ کي ترڪ ڪري پاڻ کي نقصان پهچايو ڇاڪاڻ تہ خلافتين ۾ صداقت ڪانہ هئي. مان بہ آماده ٽيو هوس تہ تعليم کي تياڳ ڏيان پر سرهندي بزرگن،

خواجہ حسن جان صاحب کي ڪنهن انهيءَ ڳالهہ کان آگاهہ ڪيو. سو مون ڏي هڪ تنبيہ نامون لکي موڪليائون تہ متان اهڙو بيوقوفيءَ جو ڪم ڪيو اٿئي؟ مرشدن جو چيو ڪري مان پڙهڻ کي چهڻو رهيس:

نہ هر درخت تحمل کند جفاي خزان
غلام همت سروم کہ اين قدم دارد

انهن جي دعا جو اثر آهي، جو انهي منزل تي پهتو آهيان نہ تہ جئن شاهہ صاحب فرمايو آهي تہ:

سمند جي سيوين، تنين ماڻڪ ميڙيا
چلڙ جي چوئين، تن ساگوتا ۽ سپيون

انهيءَ سال ۾ مسلمانن جي مهندارن کي پئرس ۾ گول ميز ڪانفرنس جي ڪوٺ ٿي. مولانا محمد علي صاحب ، حڪيم اجمل خان، مولانا سيد سليمان ندوي صاحب ۽ سندن سيڪريٽري مسٽر شعيب قريشي ڪراچيءَ ۾ براجمان ٿيا. ڪالیج جي مسلمان شاگردن سندن دعوت ڪئي ۽ مينا رام هاسٽل پنيان سندن عڪس ورتو ويو. مدرسہ اولڊ بوائز ايسوسئيشن ۾ پڻ سندن آجيان ڪئي وئي. ۽ مونکي ارشاد ٿيو تہ مان سندن شان ۾ تقرير پڙهان. تقرير جي آخر مان مرحوم حاليءَ جي مسدس جو پهريون حصو ترنم سان پڙهيم ۽ خصوصا هن بند حاضرين تي وڏو اثر ڪيو.

يہی حال دنيا ميں اس قوم کا ہے
بھنور ميں جہاز آکے جس کا گھرا ہے
کنارہ ہے دور اور طوفاں بپا ہے
گماں ہے يہ ہر دم کہ اب ڈوبتا ہے
نہيں ليتی کروٹ مگر اہل کشتی
پڑی سوتی ہيں بے خبر اہل کشتی

۽ مرحوم حڪيم اجمل خان مون کي آفرين چئي.
پچاڙي وارو سال اچي خير سان ختم ٿيو. مون تياري تمام سڻي ڪئي هئي. ان وقت بي اي آنرس جوامتحان بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ ٿيندو هو،پر ترڪ موالات جي تحريڪ زور هئي.

عام طرح افواه هو ته جيڪڏهن اسين اتي امتحان لاءِ ويندا سين ته ڪانگريسي ڪم ڪندڙ يونيورسٽي هال جي دروزي تي پئجي رهندا ته پل اسان کي لتاڙي پوءِ اندر وجو. ڪوبہ باغيرت انسان اهو روش اختيار ڪري نٿي سگهيو، انهي ڊپ ۾ منهنجا ٻيا سنگتي اتي رهجي ويا، فقط مان جهاز ۾ چڙهي ساموندي سفر ڪري وڃي بمبئي نڪتس. پروفيسر شيرازي منهنجي رهائش جو بندوبست بهائي هال ۾ ڪيو هو. بهائين جي فاضل مشنري آقا محمود زرقانيءَ منهنجي وڏي مرحبا ڪئي ۽ امتحان جا ڏينهن اتي نهايت آسودگيءَ سان گذاريم.

بهائي هال يونيورسٽي جي نزديڪ هو، تنهنڪري امتحان هال ۾ پهچڻ لاءِ دات ڪانہ ٽيندي هئي. ڪوبہ شور و شر ڪون هئو ۽ نہ ڪنهن اسان کي امتحان ۾ وهڻ کان روڪيو. پيپر سپ نهايت سٺا ڪيم.

هي قصو وڏو آهي تنهنڪري

همچو پيش تو اي مختصر پسند
در نالہ اي تمام کنم ماجراي دل

چاهي ڇون ضميمو

سبک زجائي نگيري که بس گران گهر است
متاع من که نصيبش مباد ارزاني!

"لائق استادن جي نور نظر هيٺ منهنجي زندگي ۾ عجيب ٿي پئي محنتي، ۽ سخت ڪوش ته اصل کان هوس، پر مدرسي منهنجي انهيءَ وصف کي وڌيڪ مهميز ڏني. ڪوٽوال صاحب جو رويو هوندو هو ته هوشيار شاگردن کي آزاد ڇڏيندو هو ته پل حساب، الجبرا ۽ جاميٽري پنهنجي روءِ سوءِ ڪن. انهي ڪري سواءِ گهٽي رهبري جي مون ڇهين درجي جو نصاب ختم ڪري ڇڏيو. حياتيءَ جو هڪڙو دم ۾ اجيوخرچ نه ڪيم، سستيءَ ۽ ڪاهليءَ ۾ پنهنجو وقت نه وڃايم. خوامخواه ٽوٽيائي ڪري خدا تي توڪل کانه رکم، بلڪ واجبي آرام ۽ راحت بعد هڪ گهڙي ۾ بيڪاريءَ ۾ نه گذاريم"

از توکل در سبب کاهل مشو
رمز "الکسب حبيب الله" شنو
گر توکل ميکني دو کار کن
کسب کن پس تکيه بر جبار کن
(مرحوم دائود پوٽا)

مرحوم شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽ جي زندگي جون مختلف منزلون

مرحوم شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽ ڪنهن به تعارف جو محتاج نه آهي. هي عالم ، اديب ، فاضل ۽ محقق، پنهنجي عالمانه انداز ۽ محققانه محنتن سان نه رڳو سنڌ ۽ هند، بلڪ پوري مشرق جي ادبي دنيا ۾ جو نالو ڪڍيو هو، ان لاءِ سندس تصنيفات ۽ تحقيقات پنهنجي پر خاموش زوردارزباني‌ءَ سان شهادت ڏيئي رهيون آهن. هونئن ته سندس حاصل ڪيل علم وفضل سيني ادبي راهگيرن لاءِ مشعل راهه جي حيثيت رکن ٿا، مگر جنهن خصوصيت مرحوم کي نهايت نمايان ڪيو هو. اها هئي سندس مالي طرح اهڙي طبقي سان وابستگي، جنهن ۾ عام طرح پنهنجي تعليم جاري نه رکڻ لاءِ غربت کي ذميوار ٺهرايو ويندو آهي ۽ اڻ هوند کي عذر قرار ڏيئي پنهنجي بي همتيءَ کي بچايو ويندو آهي. هو جنهن غريب خاندان جو فرد هو ۽ جنهن مايوس ڪن ماحول ۾ پنهنجي تعليم جاري رکي، مالي طرح جن مشڪلاتن جو مقابلو ڪيو، مگر ٻڙڪ ٻاهر نه ڪڍي" من جدو جد" واري قول تي ڪاربند رهي، جي علمي منزلون ۽ منصب حاصل ڪيا ۽ جي ڪنن ڪشالا ڪڍي، سور سهي بين لاءِ جنهن معياري مثال ۽ قابل تقليد حياتي کي تشڪيل ڏئي، اهي سڀ ڳالهيون غريب طبقي جي شاگردن جي رهنمائي‌ءَ لاءِ ڪافي آهن. اهي انهن جي اونداهي عالم ۾ سدا روشني‌ءَ جا مانند آهن، انهن جي سياه زندگي‌ءَ ۾ اميد جي جهلڪ واري معنيٰ رکن ٿيون. انهن جي منجهيل منزلن تي راهگيري جا راز آهن، انهن جي پست همتيءَ ۾ "همت مردان مدد خدا" واري قول جو ڪم ڏين ٿيون، "لاتقنطوا من رحمة الله" ۾ ايمان آڻ لاءِ آماده ڪن ٿيون ۽ سستي واري وقت ۾ٿائي جي هن بيت تي فقط فقط تقويت ڏين ٿيون ته:

"تتي ٿڌي ڪاهه، ڪانهي ويل وهڻ جي
متان ٿئي اونداهه، پير نه لهي پرينءَ جو"

ايڏا سهڻا سبق ۽ نايا‌ب نصيحتون هن شخص جي زندگي‌ءَ ۾ ملن ٿا، جن جي يادگيري‌ءَ لاءِ مرحوم ڊاڪٽر صاحب جي علمي منزلن ۽ ماڻيل منصبن جو مختصر خاڪو هيٺ ڏنو وڃي ٿو ۽ ساڳئي وقت متنبي جي هن شعر ۾ پناهه ونڃي ٿي ته:

"ان في الموج الغريق لعذرا واضحا ان يفوته تعداده"

(ترجمو: بيشڪ ٻڏندڙ لاءِ موجن ۾ عذر آهي ته (تڪليف سان) انهن جو عدد چڏي ڏنو (ڳڻي نه سگهيو)

ولادت: تلٹي تعلقو سيوهڻ، ضلع لاڑڪاڻو (هاڻ دادو) پهرين جون 1897ع (سرڪاري دفتر

موجب) نہ تہ صحيح 25 مارچ 1896ع.

ابتدائي تعيلم: سنڌي اسڪول ٽلٽي 19023ع کان 19110ع تائين
ابتدائي انگريزي تعليم اي وي اسڪول ٽلٽي

ثانوي تعليم: مدرسو لاڙڪاٽو 1914ع

مدرسہ: نوشهر فيروز 1915ع

سنڌ مدرسہ الاسلام ڪراچي 1915ع کان 1917ع جتان مئٽرڪ نهايت شاندار ڪاميابيءَ سان پاس ڪيائين ۽ ساري سنڌ ۾ پهريون نمبر اچي سنڌ ايگزيبيشن پرائيز کٽيائين (1917ع)

اعليٰ تعليم: ڊي جي ڪاليج ڪراچي ۾ داخلا (1917ع) سجي سنڌ ۾ بي اي فارسي سان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين جنهنڪري ڪاليج جي ڊڪشنا فيلوشپ سٺ روپيہ ماهوار مليس (1921ع) سجي بمبئي يونيورسٽي ۾ ايم اي جو امتحان پهريون نمبر فرسٽ ڊويزن پاس ڪيائين ۽ چانسلر ميڊل کٽيائين (1923ع)

هي بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ وڏي ۾ وڏو اعزاز سمجهيو ويندو آهي. جو هن وقت تائين ٻئي ڪنهن سنڌي شاگرد کي حاصل نہ ٿيو آهي. 1924ع ۾ هند سرڪار کان ولايت ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اسٽيٽ اسڪالرشپ ملڻ ڪري انگلينڊ ويو، جتي ڪيمبرج يونيورسٽيءَ جي ايمونيل ڪاليج ۾ داخل ٿيو. اتي مسلسل ٽي سال رهي نهايت محنت ۽ تجسس سان پنهنجو محققانہ مقالو

The influence of Arabic Poetry on Persian poetry

پيش ڪري پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪيائين. سنڌ ۾ مرحوم علامہ دائوديپوٹہ پهريون پي ايچ ڊي آهي ۽ ٻين سنڌين کانئس پوءِ پي ايچ ڊي جو امتحان پاس ڪيو. (1924ع کان 1927ع)

ولايت کان واپسي: سيپٹمبر 1927ع

ملازمت: پرنسپال سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي 1927ع کان 1930ع تائين.)

ٽن سالن جي پرنسپاليءَ واري زماني ۾ سنڌ مدرسہ الاسلام ڪراچي جو تعليمي معيار بلند ڪيائين ۽ ان جي مالي حالت سڌاريائين. سندس وقت ۾ ڪيترن شاگردن بمبئي يونيورسٽيءَ مان فرسٽ ڊويزن حاصل ڪيا. انهي کان سواءِ غريب شاگردن جي پرگهور لڌائين ۽ مدرسي جي شاگردن ۾ عربي ادب جو شوق جاڳايائين.

عربي پروفيسر: اسماعيل ڪاليج انڌيري بمبئي (فرسٹ ڪلاس ايڈوڪيشنل سروس) 1930ع کان 1939ع) بمبئي جي دوران قيام ۾ نهايت محنت ۽ مشقت سان عربيءِ فارسي ٻولين

جي خدمت ڪيائين. پنهنجي شاگردن ۾ اهل علم طبقن ۾ انهن ٻولين لاءِ شوق پيدا ڪيائين. بمبئي يونيورسٽي جي علمي حلقن ۾ پنهنجي علمي قابليت جو ڏاڪو جمايائين.

شمس العلماء مرحوم ڊاڪٽر صاحب عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻولين لاءِ بورڊ آف اسٽڊيز جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ انهيءَ ڪم ۾ نهايت گهڻي دلچسپي ورتائين.

Bombay University's Nominated ordinary fellow ٿيو (1928ع)

بمبئي جي پرسڪون علمي ماحول ۾ ڪيترا عربي، سنڌي ڪتاب تصنيف ڪيائين ۽ ترتيب ڏنائين. اڄ به بمبئي يونيورسٽيءَ جي رڪارڊ ۾ سنڌ جي فاضل جو نالو عزت ۽ احترام سان ورتو ويندو آهي.

ڊي پي آءِ سنڌ: (1939ع کان 1950 ع تائين)

سڄن سارن يارهن سالن جو طويل عرصو "**ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن سنڌ** جي اعليٰ عهدي تي فائز رهيو. ايترو عرصو ڪوبه مٿئين عهدي تي نه رهيو آهي. ان وقت ۾ ابتدائي ۽ ثانوي تعليم جون پوريون ذميواريون مرحوم جي ڪلهن تي هيون. مٿيون عهدو هن نهايت خوش اسلوبيءَ ۽ قابليت سان بنا خوشامد ۽ پاس خاطري جي نيايو. انهيءَ عرصي ۾ سندس اڻ ٽڪ ڪوششن پنهنجي صوبي جي تعليمي ميدان ۾ گهڻي ترقي ڪئي. سنڌ جي ڪيترن تعلقن ۾ ابتدائي تعليم لازمي نهرائي ويئي ۽ ڪجهه وقت بالغن جي تعليم به جاري رهي. مرحوم علامه موصوف سنڌي جي تعليمي ترقي لاءِ سنڌ سرڪار کي هڪ تفصيلي رپورٽ پيش ڪئي هئي. جنهن ۾ ڪيترين ئي عملي رٽون پٽ ڏسيائين. ڊي پي آءِ واري زماني ڪن ماڻهن جي مخالفت هوندي به هو نهايت ڪامياب رهيو. ان لاءِ سندس شخصي انتظامي خوبيون ۽ عزم ارادیت ذميوار آهن. هي هڪ تسليم شده حقيقت آهي ته ڪانئس پوءِ تعليمي ڪاتي ۾ هڪ خال محسوس ٿيڻ لڳو. جنهن کي هن وقت تائين ڪو به پري نه سگهيو آهي. مرحوم ڊاڪٽر صاحب ڊي پي آءِ جي عهده لاءِ زيب ۽ زينت هو ۽ نه ڪي مٿيون عهدو هن لاءِ باعث عزت هو، جيئن عام طرح ٿيندو آهي.

شمس العلماء (1940ع)

سرڪار سندس علمي خدمتن جوقدر ۽ علمي عظمت جو اعتراف ڪندي ڪيس 1940ع ۾ شمس العلماء (عالمن جو سج) جوخطاب ۽ خلعت بخشي، علامه مرحوم سنڌ جو چوٽون شمس العلماء آهي جنهن علمي خدمتن ذريعي اهو اعزاز حاصل ڪيو. سڄي سنڌ ۾ چار شمس العلماء ٿيا آهن هڪ پارسي ۽ ٽي مسلمان .

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي ميمبري (1950ع کان 1955ع)

هن جليل القدر عهدي جون ذمہ واريون نهايت ايمانداريءَ ، ديانت داريءَ ۽ تندهيءَ سان بجا آندائين. انهيءَ سان گڏوگڏ علمي ۽ ادبي خدمتون لڳاتار ڪندو رهيو.

بيت الله جو حج ۽ اسلامي ملڪن جو سفر(1955ع)

1955ع ۾ ڪجهہ مهينن جي موڪل وٺي پنهنجي ڪٽنب سميت حج ۽ اسلامي ملڪن جو سفر ڪري خير ۽ سلامي سان موٽيو.

اولهہ پاڪستان پبلڪ سروس ڪميشن جي ممبري(1955ع کان 1956ع تائين)

ون يونٽ جي عمل ۾ اچڻ کانپوءِ علامہ مرحوم اولهہ پاڪستان پبلڪ سروس ڪميشن تي ممبر طور ڪنيو ويو. جنهن کي هڪ سال عرصو ڪاميابيءَ سان نيائي، 1956ع ۾ پينشن ورتائين. تنهن کانپوءِ هو ڪراچي ۾ موٽي آيو ۽ وري پاڻ کي سرگرمين سان علمي ۽ ادبي خدمتن سان وابسته رکيائين.

لاهور جي دوران قيام ۾ هو پنجاب يونيورسٽيءَ جي علمي ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ اهم حصو ونندو هو ۽ اتي جي اهل علم ۽ فضلاء کي پنهنجي علمي قابليت ۽ اعليٰ اخلاق جو قائل بڻايو.

سنڌي ادبي بورڊ جي ادبي "مخزن مهراڻ" جي ادارت ۽ شعبہ تصنيف و تاليف جي نگراني:

رٽائرڊ ٽيڪ ڪانپوءِ مرحوم علامہ دائودپوٽہ جون خدمتون سنڌ جي مشهور ادبي اداره سنڌي ادبي بورڊ جي شعبہ تصنيف و تاليف ۽ ادارت مهراڻ رسالي رسالي لاءِ حاصل ڪيون ويون. هن پيرانہ سالي جي عمر ۾ بہ هو نهايت محنت ۽ مشقت سان علمي ۽ ادبي خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو.

مرحوم علامہ دائودپوٽہ ڪيترن ملڪي ۽ غير ملڪي ثقافتي ادارن جو رڪن هو ۽ سنڌ لاءِ باعث ناز هو. هو مصر جي فواد يونيورسٽي جو مراسل ميمبر هو. پاڪستان ايران ثقافتي انجمن جو ميمبر هو. سنڌ تاريخي سوسائٽي ۽ ٻين ڪيترن ادبي ۽ ثقافتي ادارن جو سرگرم رڪن هو. هو سنڌي ادبي سوسائٽي ڪراچي جو باني هو. ۽ انهيءَ سوسائٽي جي ڪم جي ترقي لاءِ پاڻ پتوڙي رهيو هو. ٽورن لفظن ۾ هيئن چوڻ واجب ٿيندو تہ "ڊاڪٽر صاحب مرحوم پاڻ هڪ انفرادي شخصيت کان بلند هڪ علمي ۽ ادبي تحريڪ يا علمي ادارو هو."

پڇاڙي تائين جنهن جانفشاني ۽ محبت پريل محنت سان، هن ايمانداريءَ ۽ اخلاق جي مجسمي ، شاهہ پٽائي جي رسالي تي پورهيو ڪيو، اهو يادگار رهندو. علمي عشق ۽ ادبي اوسات

www.sindhsalamat .com

اهڙي هئس جو ڪتابن سان اڪثر وقت وهڻ جي باوجود دل نہ پئي ڀاپيس. فيبروري 1958ع واري دل جي دوري کانپوءِ ڪيترن موقعن تي ڪيس هي چوندو ٻڌو ويو تہ موت کان، في الحال، نجات شايد انڪري ملي آهي جو قدرت کي مون کان ڪو اهم ڪم ونڻو آهي.، وقت پنهنجي رفتار سان گذرندو رهيو ۽ هي " ڪت بہ ڪنب بہ" واري اصول تي پنهنجي زندگي بسر ڪندڙ انسان،هڪ هڪ منٽ کي غنيمت ڄاڻندي پنهنجي ڪوششن کي تيز تر ڪندو ويو. ايتري قدر، جو روزانہ ايندڙ دوست ۽ احباب، سندس جوانن واري جوش و خروش کي ڏسي حيرت ۾ پوندا هوا. آخر 19 نومبر 1958ع جو اهڙو ڏينهن بہ آيو جنهن ۾ پنهنجي هڪڙي دوست سان فون تي ڳالهائيندي نهايت اطمينان ۽ دلي صدق سان ڪيس هي چوندي ٻڌو ويو تہ "**منهنجي طبيعت تہ درست آهي پر مان موت جي آجيان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان چو تہ هن وقت وڃڻ تي مونکي افسوس ڪونہ ٿيندو، مون کان جيڪي ٿي سگهيو ٿي سو مون ڪيو آهي.**" شايد هن ساده ۽ صاف دل رکندڙ دائودپوٽي کي پنهنجي موت جي پيالي جا پرون پئجي ويا هئا ۽ انڪري ٿي اهڙي صاف گوئي(جا سندس عادت هئي) ۽ نهايت ستت ايندڙ واقعي جي خبر سندس پنهنجي واتان اعلان ٿي رهي هئي ان کانپوءِ ٽئين ڏينهن يعني 22 نومبر 1958ع تي، هن سنڌ جي محبوب ۽ مقبول شخص پنهنجي عزيزن، دوستن، شاگردن ۽ عقيدتمندن کي هميشہ لاءِ الوداع چئي دائمي فراق جو غم ڏيئي راه رباني ورتي. (انا لله وانا اليه راجعون)

اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين
آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين
هو، جي جيءَ کي جيارين. سي لاهوتي لڏي ويا

(عزيز الرحمان ٻگهيو)

ويڊيو ضميمو

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat .com

"هڪ دوست خبر ڪئي ته جڏهن هندستان جي مشهور محقق ۽ موجوده اسلامي دنيا جي وڏي مفسر، عالم مولانا ابوالڪلام آزاد (رح)"تاريخ معصومي" مرتبہ ڊاڪٽر دائودپوٽي جي مقدمي ۽ تعليقات ڪي ڏنو تڏهن فرمائش لڳو ته "سر زمين اڄا محققن ۽ عالمن کان خالي نه آهي."

(مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي)

مرحوم علامہ دائود پوٽي جون تصنيفون

چپيل ڪتاب:

1. طيبات سعدي، متن ،تعليقات ۽ انگريزي ترجمو(1923ع)
2. شاھ جو رسالوسرڳواسي پروفيسر گربخشاڻي سان شرڪت (3 حصا) (1923 .30ع)
3. مرشد المبتدي پھريون ۽ ٻيو حصو (1929 ـ 31ع)
4. روائح بوستان منتخبات، تمھيد، تعليقات ۽ ترجمو (1934ع)
5. سياست نامہ نظام الملڪ
6. نفحات حافظ ،منتخبات مع تمھيد
7. عيار دانش ابوالفضل (1934ع)
8. قطعات ابن يمين منتخبات، تمھيد، تعليقات ۽ ترجمو (1938ع)
9. سفرنامہ ناصر خسرو (1938ع)
10. روشنائينامہ ناصر خسرو (1938ع)
11. سنڌي نثر ۽ نظم فارسي (بمبئي يونيورسٽي لاءِ(1936ع)
12. انتخابات نثر ۽ نظم فارسي (بمبئي يونيورسٽي لاءِ) 1936ع
13. سرھا گل تمھيد، تراجم ۽ تعليقات (1932ع)
14. مجموعہ (نثر و نظم عربي) 1932ع
15. سنڌي نظم (1944ع)
16. چونڊ نثر ۽ نظم (3 ڀاڱا)
17. تاريخ معصومي (فارسي) تھميد حواشي تعليقات ۽ استدراڪات ۽ فھارس (1938ع)
18. تاريخ چچنامہ (فارسي) 1939ع)
19. منھاج العاشقين
20. بيان العارفين (1937ع)
21. ابيات سنڌي (_شرح سان) 1939ع

www.sindhsalamat .com

22. ڪلام گرهوڙي تمهيد، تعليقات وغيره 1957ع
23. عربي ساعري جو فاسري تي اثر (انگريزي) 1934ع
24. سروي آف ماس ايڊوڪيشن(انگريزي) 1937ع
25. حمزه الاصفهاني جي تاريخ مان هڪ باب جو ترجمو (انگريزي)
26. مدارج القرات العربيه (3 حصا9 1950ع
27. دروس العربيه (4 حصا) 1953ع
28. آغاز فارسي (4 حصا) 1951ع

زير طبع:

1. ابن خلدون جي مقدمه جو انگريزي ترجمو
2. عربي ادب و تمدن اندلس ۾ (انگريزي)

زير ترتيب:

1. شاهه جو رسالومع فهارس و ڪنوز(سنڌي ادبي بورڊ جي اهتمام هيٺ)
2. بنا بيع الحيواه الابديه 0سنڌي ادبي بورڊ جي اهتمام هيٺ)
3. ڪتاب النجات (ابن سينا) جو سنڌي ترجمو (سنڌي ادبي بورڊ جي اهتمام هيٺ)
4. مقدمه ابن خلدون جو سنڌي ترجمو(سنڌي ادبي بورڊ جي اهتمام هيٺ)
5. ميين عيسي جو ڪلام(سنڌي ادبي سوسائٽي ڪراچيءَ جي اهتمام هيٺ)
6. غلام محمد خانزئي جو رسالو (سنڌي ادبي سوسائٽي ڪراچيءَ جي اهتمام هيٺ)
7. مرشد المبتدي (ٽيون حصو) (خود)

www.sindhsalamat .com

ڏيوڻ ضميمو

"اسين به ماستر صاحبن جون ڏاڍيون خدمتون چاکريون ڪندا هوسين. گرميءَ ۾ جهليون ڇڪيندا هوسين، سندن گهرن جو پاڻي پريندا هوسين ۽ ٽڪيا هوا ته پيٽرون به ڏيندا هوسين. پيرن ۽ ٽمن مان سندن لاءِ ڏنڊ وڍيندا هوسين. هڪ پيري ماستر مدنداس لاءِ ڏنڊ جهليندي منهنجي کاپي هٿ جي اشهد آگر مٽيئءَ ڏوڏي کان ڪيجي پئي. اهي سڀ ڪم پنهنجي راءِ رضا سان ڪندا هوسين ۽ ماسترن جي شيوا م اسان کي خوشي ٿيندي هئي. پاڻ به نهايت مهربان ۽ جفا ڪش هوندا هوا. صبح کان وڃي سانجهيءَ تائين اسان کي پاڙهيندا هوا. سندن روش هاڻو ڪن ماسترن کان بلڪل علحدي هوندي هئي."

(مرحوم دائود پوٽو)

www.sindhsalamat .com

مرحوم شمس العلماء دائودپوٽي جي زندگيءَ تي ڪهڙين شخصيتن جو اثر پيو!

(سندن لفظن ۾)

1. سندن ڏاڏو مرحوم ميان عبدالمطلب دائودپوٽہ:

ايا نديو هوس تہ ڏاڏي صاحب رضا ڪئي. مونکي پوري يادگيري آهي تہ ڪهڙي طرح ان مونکي پنهنجن پوين پساهن وقت پر ۾ وهاريوهو ۽ ڪئن نہ نهايت آرام ۽ اطمينان سان پنهنجي جان، جان آفرين کي سپرد ڪيائين. سنديس وفات منهنجي معصوم دل کي سخت صدمو پهچايو."

2. سندن والده ماجده مرحومہ مائي صفورا:

اما جان، جند پيهي گذران ڪندي هئي. هڪ بهادر جوڏي عورت هئي. چهہ فوت تہ نسدس قد هوس، پاڻس حاجي موسو جو پنهنجي پهلوانيءَ ڪري ساري پسگردائيءَ ۾ مشهور هو، تنهن جيترو بار مٿي تي کڻي ويندي هئي. جيڪڏهن هن ضعيف ۾ ڪا استقامت ۽ ذهانت آهي تہ اها تري شناسن جي چوڻ موجب والده شريفہ جي ڪري آهي."

3. سندن والد ماجد مرحوم ميان حاجي محمد دائودپوٽہ:

"بابو سائين هڪ نهايت ساده مزاج، نيڪوڪار، متقي ۽ سخي مرد هو. ٻيو هڙ ۾ نہ هوندو هوس تہ ڪپڙا ۽ لاهي محتاجن کي ڏيئي ڇڏيندو هو ۽ پاڻ رڳو چادر يا اجرڪ (ازرق) جي گوڏ ٻڌي اچي گهر نڪرندو هو. پڇاڙيءَ تائين سندن اها گت هلندي آئي."

4 سندن پهريون استاد ماستر ڇيٽانند:

پير مرد سفيد ريش،وڏي ڏيا ۽ حشمت وارو شخص هو. سنهاري ۽ منهن پيا جرڪندا هئس. انهن ڏينهن ۾ڻلٽيءَ جواسڪول سنڌ ۾ برڪ هو."

5 مرحوم قاضي عبدالوهاب بوبڪن وارو:

"پهرين يا ٻئي درجي ۾ هوس تہ قاضي عبدالوهاب صاحب بوبڪن وارو اسان جو امتحان ونڊ آيو.سليٽن تي صورتخطي لکايائين.جڏهن مان پنهنجي سليٽ وٽس کڻي ويس تڏهن

www.sindhsalamat .com

مونکي چيائين تہ اکر لکيا اٿئي يا ٿندي ماکوڙن جون ٽنگون.انهيءَ طعني تمام ڪري ڇڏيو. پوءِ اندن پرڻ ۽ مشق پچائڻ رستي پنهنجا اکر سڌاري ورتم. اهو تربيت جو اثر اڄان هليو اچي ۽ هميشہ پنهنجي شاگردن کي سڻن اکرن لکڻ جي ترغيب ڏيندو آهيان.ڇاڪاڻ تہ منهنجو عقيدو آهي تہ اکر اخلاق تي وڏو اثر وجهن ٿا."

6 مرحوم محمد ابراهيم سومرو اسڪولن جو انسپيڪٽر:

1910ع جي آخر آهي ۽ مرحوم محمد ابراهيم سومرو اسڪولن جو انسپيڪٽر امتحان وٺڻ لاءِ آيو آهي. منهنجي هوشياري ۽ ڦرتائي ڏسي حيرت جون آڱريون ڏندن ۾ وڌائين. چي ارمان جي ڳالهہ آهي جو ڇوڙو املهہ ماڻڪ لڏ ۾ پيو هجي. سو يڪدم هيڊماسٽر کي حڪم ڏنائين تہ نئين سال ٽيڻ تي مونکي انگريزي اسڪول ۾ موڪيو وجي. هتي منهنجي حياتيءَ ۾ وڏو ڦيرو اچي ويو.

7 ماستر سرڳواسي ٽڏا رام سندن انگريزيءَ جو پهريون استاد:

"اسان جو استاد ٽڏا رام مونکي گهڻو پائيندو هو. لائق بااخلاق شخص هو. اسان کي پهرين نصيحت هيءَ ڏنائين تہ Be good & do good(چڱا ٿيو ۽ نيڪي ڪريو) اهو متو منهنجي حياتيءَ جو نصب العين رهيو آهي.

8 حضرت خواجہ حسن جان سرهندي عليہ الرحمہ:

مان خواجہ حسن جان صاحب سرهنديءَ جو مريد ٿيس، جنهن الله تعاليٰ کي دائما دل ۾ ياد ڪرڻ، سچ ٻولڻ ۽ پاڪ حياتي گذارڻ جي تلقين ڏني. انهيءَ بزرگ جي هدايت ڪري منهنجي زندگي هميشہ لاءِ سڌري پئي، جو گذريل ست سالن ۾ مونکان کو ڪتو ڪر ڪونہ ٿيو آهي، هميشہ سچار ۽ پاڪباز رهيو آهيان ۽ ڪنهن تي بہ اک ميري نہ ڪئي اٿم.

9 حضرت مولانا غلام محمد ملڪاڻي رح:

مامو عبدالڪريم پڻ چڱو روحانيت وارو هو. پاڻ ملڪاڻي بزرگ ميان غلام محمد صاحب جو خاص مريد هو. مان بہ ساڻس بعضي بعضي بزرگن جي زيارت ۽ وعظ ٻڌڻ لاءِ ملڪاڻين ويندو هوس. بزرگن جي ڪهڙي واکاڻ ڪجي مريد کين عزت وچان صاحب سڳورا ڪري سڏيندا هئا. وڏيءَ ڏيا ۽ حشمت وارا هئا. جهڙو عاليشان ڏيل هون، تهڙو ئي اندر آئيني وانگر اجريل هو. ڏسنديئي هنيون پاڻي ٿي ويندو هو. ڪيترائي سنگدل ۽ هاڙها چور سندن صحبت ۾ سڌري وڏي روحاني درجي تي پهتا. سندن آواز سوزناڪ ۽ دهشت وارو هو. جڏهن وعظ

www.sindhsalamat .com

ڪندي شاهه جا بيت فراق مان چوندا هوا. تڏهن سندن اکين جا نار پيا ٽمندا هوا. ۽ ماڻهن ۾ سخت گريو ۽ روڄ راڙو پئجي ويندو هو. هنڌ ماڙيون ۽ حجرا سڀ انهيءَ درد جي دانهن ۾ گونجندا هوا. اجهو هينئر به الفاظ لکندي اکين مان پاڻ ڳوڙها نڪري ڳلن تي ڳڙي پيا آهن.

10 مرحوم عبدالڪريم پٽو:

"لاڙڪاڻي مدرسي جي بورڊنگ هائوس جو ناظم مولوي عبدالڪريم صاحب پٽو مونکي ازحد پيار ڪندو هو ۽ پنهنجي پٽن عبدالغفور ۽ عبدالمجيد جهڙو ڪري ليکندو هو. اڪثر پاڻ سان گڏ وٺي ويندو هوم. منهنجو فارسي سان چاهه ڏسي. مونکي يوسف زليخا پاڙهڻ شروع ڪيائين. سر تمام منو هوندو هوس ۽ ٻئي ڇٽا الحان سان گڏجي پڙهندا هواسين. ڏاڍو رس ايندو هو.

11 مرحوم قاضي غلام نبي پاڻائي (اڳيون ڊي پي آءِ سنڌ)

اصل پاڻ جو ويڻل ۽ عليگڙهه جو پڙهيل هو، مڙس بت ۾ پريل ۽ عمدو لباس ڏکيل ننڍي فرينچ ڪٽ ڏاڙهي رکيل ۽ ٻيڪي دار هو. سندس ڳالهائڻ ڳڻيبر، ڏنڪ وارو ۽ بلند هو ۽ حرف حرف ڇڻي ڇڻي ڇيئي ٿي ڪيائين. سندس پيشاني مان نهايت ۽ نياءَ جو نور پئي بکيو.

12 مسٽر ڊي پي ڪوٽوال وائيس پرنسپال سنڌ مدرسہ ڪراچي:

" مسٽر ڊي پي ڪوٽوال پارسي هو، جو مدرسي جو نائب پرنسپال ٻه هو، مگر پرنسپال ٿي ايڇ وائينس جي موڪل تي وڃڻ ڪري پرنسپاليءَ جو عهدو پڻ هلائيندو هو. نهايت لائق ۽ فائق شخص هو. اگرچہ مذهبي نقطہ نظر کان زرتشتي هو ليڪن ٽياسافٽ هئڻ سبب ،وٽس مذهبي مت پيد ڪونہ هوندو هو ۽ سيني کي هڪ جهڙو ڪري پائيندو هو. اڪثر چوندو هو تہ الله پاڪ مرڪز آهي ۽ اسين آهيون گهيري تي مختلف ٽپڪا جيڪي مرڪز کان برابر فاصلي تي آهن، انهيءَ وقت عمر جو ڪروڙ هو، اونهاري سياري ڇٽي ڪلهي تي رکندو هو. سندس ڏگهي ڏاڙهي ۽ لڙيل مڇون سندس وات ڏکي ڇڏيندیون هيون. ڪنڌ هميشہ هيٺ هوندو هوس ۽ اکيون مشعلن وانگر پيون برنديون هيس. سندس زيرلب گفتي ۾ ايڏو تہ اثر هوندو هو جو ڪوبہ شاگرد ساٽس گستاخ نہ پئجي سگهندو هو.

13 سيد ميران محمد شاهه ۽ حسن علي خانبهادر ولي محمد:

سنڌي شاگردن ۾ منهنجي از غيبي رغبت سيد ميران محمد شاهه ۽ مدرسي جي

www.sindhsalamat .com

باني‌ءَ حسن علي آفنديءَ جي پوتي ۽ مرحوم خانبهادر ولي محمد جي فرزند حسن علي‌ءَ سان هئي ۽ هوبہ مونکي گهڻو پائيندا هوا. شاهہ صاحب سان، باوجود زماني جي تقلبات ۽ بيوفاين جي، ساڻيو پائپي‌ءَ ۽ دوستي‌ءَ جو رشتو هلندو اچي.

دوردستان را بنعمت ياد كردن همت است
ورنہ هر نخلي بپاي خود ثمرمي افگند

14 ٽکڙ جا سيد:

ٽکڙ جا سيد ساوا ستابا ۽ مهمان نواز هوا. ميران محمد شاهہ جو والد سيد زين العابدين شاهہ عرف چڱل شاهہ ۽ چاچو محمد شاهہ مون تي گهڻو مهربان هوا. پٽ سنڌي جي وڏي اديب سيد اسد الله شاهہ ۽ سيدن جي پڳدار سيد عبدالحڪيم شاهہ مون تي هٿ رکيو. سي مٽيادار ۽ ڳٺن جا ڳهير هئا. سندن منهن موڪرا، سلوٽا ۽ سونهن وارا هئا. سندن مٿن تي اچيون پڳون يا زردار لونگيون نهايت سهڻيون لڳنديون هيون. سندن شهمور يا سفيد ڏاڙهيون سندن ڏيل کي وڌيڪ ڏيادار بنائينديون هيون.

15 مسٽر وائينس پرنسپال سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي:

هو صاحب مدرسي جو ٽيون پرنسپال هو ۽ عليڳڙهہ مان پروفيسري ڪمائي هتي آيو هو. مدرسي جيڪا نمايان ترقي هن صاحب جي ايامڪاري ۾ ڪئي، تنهنجي تاريخ شاهد آهي. ڏاڍو هڏ ڏوکي هو ۽ هشيار شاگردن تي ساهہ ڏيندو هو. پنهنجي هڙان وڙان غريبن جي مدد ڪندو هو. پچاڙيءَ تائين مدرسي جي خدمت ڪيائين ۽ خدمت ڪندي پنهنجا پران تياڳيائين. وائينس صاحب جو مون تي گهڻو هٿ هو ۽ جيڪي بہ چوندو هوسانس، تنهن کان ڪنڌ نہ ڪيائيندو هو.

16 مولانا عبدالرحيم منگسي:

ان وقت مستحق مسلمان شاگردن کي فقط چار سرڪاري اسڪالرشپون هيون. مان جو سنڌ ۾ پهريون نمبر آيو هوس، سو يقين هوم تہ انهن مان هڪڙي اسڪالرشپ ضرور ملنديم، ليڪن انهيءَ وقت اسڪالرشپ جي ماهوار رقم رڳو ويهہ روپيا هئي. ازانسواءِ ڪاليج مان ڏهہ روپيا اسڪالرشپ ملڻ جي اميد هئي. پر ٽيهن روپين مان ڇا ٿو سري ۽ ڪاليج جون ڳريون فيون ۽ هاسٽل ۾ رهايش جو خرچ ايتري مبلغ مان ڪٿن پورو ٿئي ها، تنهنڪري هاسٽل جي عيشي زندگي جو خيال لاهي ڇڏيم. ازانسواءِ گهر جي توڙ کي پڻ منهن ڏيڻو هوم. عين انهيءَ حيص بيص ۾ لاهي هٿ غيب جي پردي مان هويدا ٿيو. مرحوم حاجي عبدالرحيم صاحب سڄي نيت سان آڇ ڪئي تہ اچي اسان وٽ رهہ، جيڪڏهن هي صاحب اها راءِ ۽ بزرگ منشي انهيءَ وقت نہ ڏيکاري ها تہ هوند آوارو ٿي وڃان ها.

من بسر منزل عتقا نہ خود بردم راءِ
قطع این مرحله با مرغ سلیمان کردم

17 پرنسپال صاحب سنگ چندا سنگ شاهاڻي:

مڙس جهڙو هو قداور ۽ شاندار تهڙو هو سندس ڪِالهائڻ جو نمونو اثردار. پنهنجي ڪاري علمي جبي ۾ نهايت حشمتناڪ ۽ ڏيا وارو ڏسڻ ۾ ٿي آيو. مون تي سندس هٿ هوندو هو ۽* پچاڙيءَ تائين اهو استاداڻو پرياءُ رکندو آيو. منهنجا اکر وٽندا هئس ۽ فارسي ۽ سنڌيءَ جا شعر لکائي پاڻ وٽ رکندو هو.

18 پروفيسر ٽي ايم آڏواڻي:

سندس محبت ۽ پيار به هيل تائين هلندو اچي. اڄ ڪالهه هو بمبئي يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر آهي. جو هڪ سنڌيءَ لاءِ وڏي فخر جو باعث آهي. انهن ڏينهن ۾ ڳيرو جوان هو. شڪل ۾ شيلي شاعر جهڙو شڪيل، ڪپڙين لٽين پوشيدو ۽ مڪيو چڪيو، هلت چلت ۾ نرالو، ڪوڪيدار ۽ عمدو ضابطو رکندڙ هو.

19 پروفيسر ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي:

سندس ناتو هن ضعيف سان گهٽو ۽ گهاٽو رهيو آهي، جو اڃڪتي هلي نرواز ڪيو. سندس پدرانہ شفقت يا عمر نہ وسرندي.

20 پروفيسر مسٽر رضا محمد شيرازي:

" بحيثيت انسان جي هو هڪ پلاين جو پندار،شفقت ۽ رافت جو پتلو هو سندس هڪ فارسي بيت اجا نہ وسريو اٿم

گر مخير بکنندم بقيامت کہ چہ خواهي
دوست مارا، وهم نعمت فردوس شمارا

www.sindhsalamat .com

www.sindhsalamat .com

غريق ــ رحمت

هر گز نه ميرد آنکه دلش زنده بعشق
ثبت است بر جريدئه عالم دوام ما

مرحوم شمس العلماء ڈاڪٽر دائود پوٽي جي وفات جون تاريخون

ڈاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل:

ڪيم فڪر تاريخ رحلت "خليل" اڇ
ته هاتف چيو مونکي لکه مدح مغفور
1378هـ

چراغ بزم ادب گل ڪيو جو ياد اجل
ٻڌي اديب ٿيا سنڌ جا گهڻو محزون
"خليل" لکه سر اخلاص سان وفات جو سال
پٽائي شاهه جي ويجهو وڃي ٿيو مدفون
1377 + 1= 1378

خليل ان جي مزار تي لکه
تون سال رحلت غريق رحمت
1958 ع

سليم ڳاڙهوي:

عالمن جو شمس روشن اوچتو اڇ ٿيو غروب
22 نومبر 1958ع

جنهن هٽايو هوانڌارو، موڪلائي ويو

حافظ محمد احسن چنہ

سال رحلت چيو هاتف تہ غريق رحمت
1958ع

حق جو طالب ديدار ويو کين وريو

رشيد احمد لاشاري

ڊاڪٽر ڏائوپوٽہ درجنان بوده منجهان
1378هہ

آه هجري اي رشيد احمد سندس رحلت جو سال

عبدالله اثر لاڙکاڻوي:

شمس بر شمس راز عزلت گفت
روز ادب در پيام فرقت گفت
7
ماه هو اي اثر زهي تاريخ الإنشاء
22 11
سال رحلت غريق رحمت گفت
1958ع

پروفيسر لطف الله بدوي

غريق رحمت

1958ع

زنده جاويد دنيا ۾ رهي اهل ڪمال
ان جي قدسي ذات ان ڪانپوءِ به مسجود حيات
جي ائين آهي "عمر دائودپوٽہ" زنده آهه
قبر جي تاريڪ سايہ ۾ به او تابنده آهه

مولانا محمد صادق راڻيپوري:

سال نقلش ز عقل طلبيدم گفت "صادق" غريق رحمت دان

1958ع

چنان سال تاريخ صادق نوشت فضيلت پناه شد بدارالقرار

1378هه

*

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سنڌي ڪتابن جي سڀ کان وڏي ڊجيٽل لائبريري

www.sindhsalamat.com